# شاهه ايليا

وليئم شيڪسپيئر

مترجم: شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ



سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# شاھ ايليا

مترجم

شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو سنڌ
2006ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو پهريون | سال 1959ع | تعداد ٻه هزار |
| ڇاپو ٻيو | سال 2006ع | تعداد هڪ هزار |

قيمت: ستر رپيا
[Price Rs. 70-00]

خريداريءَ لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiab.com

هن ڪتاب کي اين ٽي ايف گرافڪس حيدرآباد مان اعجاز احمد منگي
سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌي ادبي بورڊ جي شروع کان اهائي ڪوشش ۽ جاکوڙ رهي آهي تہ پڙهندڙ حضرات جي پسند ۽ مزاج موافق پنهنجين اشاعتي رٿائن ۾ اهڙا ڪتاب رکرائي، جيڪي پڙهندڙن جي لاءِ دلچسپيءَ ۽ ڇاڻ کان خالي نہ هجن، جنهن ۾ پڙهندڙ جي شعوري ۽ فڪري حواسن جي نشونما بہ ٿئي. ڪتاب 'شاهہ ايليا' ان سلسلي ۾ پنهنجي هڪ جداگانہ اهميت رکي ٿو، توڻي جو هيءُ ڪتاب اڳ ۾ ڇپجي چڪو آهي، پر پوءِ بہ سندس اهميت برقرار آهي. 'شاهہ ايليا' اصل ۾ جڳ مشهور شاعر ۽ ناٽڪ نويس وليم شيڪسپيئر جي لکيل انگريزي ناٽڪ: "King lear" جو سنڌي ترجمو آهي. هيءُ ترجمو، سنڌي ادب جي محسن شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ سنہ 1900ع ۾ ڪيو ۽ بورڊ هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو سنہ 1959ع ۾ ڇپيو. هيءُ نئون ڇاپو سنہ 2006ع ۾ ڇاپي، لائق پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪيو ويو آهي ۽ اميد ڪجي ٿي، تہ ادب جي شاهڪار صنف 'ناٽڪ' ۾ هيءُ ڪتاب خاصي دلچسپي رکندڙ حضرات لاءِ مفيد ثابت ٿيندو.

هن ڪتاب جو انگريزي ڇاپو 17 صدي عيسويءَ جي شروع ۾ لکجي پڌرو ٿيو هو. ان دور جي حالات ۽ واقعات کان متاثر ٿي وليم شيڪسپيئر هيءُ ناٽڪ تيار ڪيو. ليڪ ان دور جا اهي تاريخي حالات اهڙي، تہ ڪاريگريءَ ۽ فن سان قلمبند ڪيا آهن، جو پڙهندڙ مطالعي دوران پاڻ کي اُن دور ۾ بيٺل ڏسي ٿو. هڪ ڪامياب ۽ وڏي رائيٽر جي اها ئي خوبي آهي. شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ صاحب بہ هن ڪتاب جي ترجمي تي وڏي محنت ڪئي آهي، ڪٿي ڪٿي اهڙا تہ ٺيٺ سنڌي محاورا ۽ لفظ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

استعمال ڪيا آهن، جو گمان ئي نہ ٿو ٿئي، تہ هيءُ ڪتاب انگريزي ڪتاب تان ترجمو ڪيو ويو آهي. ٻولي سلوڻي ۽ آسان فهم استعمال ڪئي وئي آهي. اها خوبي هڪ ڪامياب ۽ لائق مترجم ۾ ئي هُجي ٿي. شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ جا هونئن تہ سنڌي ادب تي وڏا احسان آهن پر انهن ۾ هيءُ ڪتاب بہ سنڌي ادب تي هڪ وڏيڪ احسان سمجهڻ گهرجي.

چام شورو، سنڌ

چنڇر ٨- رجب المرجب ١٤٢٧هہ

بمطابق 5- آگسٽ 2006ع

**اعجاز احمد منگي**

سيڪريٽري

سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مُـنڍ

’شيڪسپيئر‘، مشهور انگريزي شاعر ۽ نـاٽڪ نويس، جي ناٽڪن مان هڪڙو مون اڳي ئي سنڌيءَ ۾ لکيو آهي، جنهن جو نالو”حُسنا دلدار“ رکيل آهي، هاڻي وري هي سندس ٻيو ناٽڪ، ”ڪِـنگ لـيئر“ (King Lear) سنڌيءَ ۾ لکيو اٿم. انهيءَ ڪتاب جو مون ڪوشش ڪري اهڙو ترجمو ڏنو آهي، جنهن ۾ اصلوڪي شاعر جا نـه رڳو سڀ خيال اچي ويا آهن، پر گهڻو ڪري سڀ لفظ ۽ جملا بہ اچي ويا آهن. اگرچہ ائين ڪرڻ ۾ مون کي گهڻي مشڪلات پيش آئي، تڏهن بہ، جيترو ٿي سگهيو آهي، سنڌي اصطلاح ۽ ٻوليءَ جي صفائي نظر ۾ رکي ويئي آهي. ٻي ڦيرگهير ڪانہ ڪئي ويئي آهي، سواءِ ڪن ٿورڙن جاين جي، جتي ڪي راڳ آندا ويا آهن، يا جتي ڪي لفظ سنڌيءَ ۾ ڏيڻ ناممڪن يا ڪتاب ۾ لکڻ نامناسب ڏنا ويا آهن. انگريزي نالا ڇڏي ڏنا ويا آهن، ۽ انهن جي بدران قديم تاريخي نالا ڏنا ويا آهن - هندڪا يا مسلمانڪا نالا ڄاڻي ٻجهي ڪم ۾ نـه آندا ويا آهن، جيئن ’حسنا دلدار‘ ۾ ڪيو ويو آهي. اُميد آهي تہ ڪتاب پڙهندڙن ۽ ناٽڪ ڏسندڙن وٽ هيءُ ڪتاب قبول پوندو.

معلوم هجي تہ هيءُ ڪتاب ’شيڪسپيئر‘، انگريزي شاعر، ٻهرين سال 1606ع ۾ پڌرو ڪيو: حقيقت ڪري بادشاهہ ’ليئر‘ جو سچو تاريخي احوال حضرت عيسيٰ عليہ السلام کان 8 سؤ ورهيہ اڳي جي زماني جو آهي، ۽ ڪن ڪتابن ۾ لکيل هو، جتان ’شيڪسپيئر‘ کي هٿ آيو.

— قليچ بيگ

حيدرآباد، سنڌ،
1- آڪٽوبر 1900ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# فهرست

| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| | **باب پهريون** | |
| 1. | پردو پهريون | 9 |
| 2. | پردو ٻيون | 21 |
| 3. | پردو ٽيون | 28 |
| 4. | پردو چوٿون | 29 |
| 5. | پردو پنجون | 41 |
| | **باب ٻيون** | |
| 1. | پردو پهريون | 43 |
| 2. | پردو ٻيون | 48 |
| 3. | پردو ٽيون | 55 |
| 4. | پردو چوٿون | 56 |
| | **باب ٽيون** | |
| 1. | پردو پهريون | 67 |
| 2. | پردو ٻيون | 69 |
| 3. | پردو ٽيون | 72 |
| 4. | پردو چوٿون | 73 |
| 5. | پردو پنجون | 79 |
| 6. | پردو ڇهون | 80 |
| 7. | پردو ستون | 84 |
| | **باب چوٿون** | |
| 1. | پردو پهريون | 89 |
| 2. | پردو ٻيون | 93 |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

3. پردو ٽيون ........................ 96

4. پردو چوٿون ........................ 98

5. پردو پنجون ........................ 99

6. پردو ڇهون ........................ 101

7. پردو ستون ........................ 112


باب پنجون


1. پردو پهريون ........................ 117

2. پردو ٻيون ........................ 121

3. پردو ٽيون ........................ 121


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ويسڌاري

| | |
|---|---|
| شاهه ايليا - | سمرون ملڪ جو بادشاهه |
| شاهه ادروس - | آرميه ملڪ جو بادشاهه |
| شاهه هاران - | قادس ملڪ جو بادشاهه |
| شاهه ڪالاب - | جيشان ملڪ جو بادشاهه |
| شاهه منسا - | جلجال ملڪ جو بادشاهه |
| زابلون - | شاهه ايليا جو وزير |
| روبيل - | شاهه ڪالاب جو امير |
| شمسون - | امير روبيل جو پٽ |
| شمعون - | امير روبيل جو جو اڳ - ڄائو پُٽ |
| ملڪا - | شاهه ايليا جي وڏي ڌيءِ |
| زُلفا - | شاهه ايليا جي وچين ڌيءِ |
| صُوفيا - | شاهه ايليا جي ننڍي ڌيءِ |
| مسخرو - | شاهه ايليا جو مسخرو |
| شمشاد - | شاهزاديءِ ملڪا جو نوڪر |
| سليم - | هڪڙو درباري |

عملدار، سپاهي، قاصد ۽ نوڪر وغيره.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب پهريون

# پردو پهريون

### شاهه ’ايليا‘ جي محلات

(’زابلون‘ بيٺو ڳائي) .

[1] آهين تون نت راجا رنگي!

چـــوڏس تنهنجـــا چـــارا، تـــوان نظـــارا نظـــر آيـــا،
حيـــرت جهـــڙا حكـــم هلايـــا، عجب اشـــارا رمـــز رجهايـــا.
قـــدرت تنهنجـــي قـــادر پيـــدا، ظاهر باطن هر كنهن هنڌ،
عقـــل بنـــدي جـــو ٿيـــو ات بنـــد: مـــــالك منهنجـــــا!
تـــون كلتـــار، لهـــ كـــا ســـار، كـــر كـــا وار، ڏي آڌار،
جـــڳ جـــا جيـــار، تـــو آهـــار: آهيـــــن تــــــون........

(راڳ بس كري ٿو، تہ ’روبيل‘ ۽ ’شمعون‘ اچن ٿا.)

زابلون: مون تي پـانيو تـہ اسان جو بادشـاهہ، ’جيشان‘ جي بادشاهہ كان ’جلجال‘ جي بادشاهہ كي گهٽو ٿو گهري.

روبيل: اسان بہ ائين ٿي سمجهيو، پر هاڻ جڏهن ملك ورهايائين، تڏهن پٽيون اهڙيون توري تكي پوريون كيائين، جو پك خبر پئجي نہ سگهي تہ هنن ٻنهي مان كنهن كي زياده پسند ٿو كري.

زابلون: سائين، هي اوهان جو فرزند آهي نہ؟

(شمعون ڏي اشارو كري)

روبيل: سائين، پالي تہ مون وڏو كيـو اٿـانس، ۽ پٽ سڏيندي بہ ايترا پيرا شرم پئي كيو اٿم، جو هاڻ تہ ائين چوڻ ۾ شرم ئي كونہ ٿو ٿئيم.

زابلون: مون كي ڳالهہ برابر سمجهہ ۾ ئي نٿي اچي.

روبيل: (كلي) سائين، هن جوان جي ماءُ شادي كئي، تنهن كان اڳي هوءَ هن كي مون مان ڄڻي ويني. (زابلون كلي ٿو) سائين، البت اوهان كي انهيءَ عيب جي كري مون تي كلڻ لاءِ واجبي سبب آهي.

زابلون: نہ، سائين، اهڙي عيب تي ٻلاڇا كلبو، جنهن مان آخر ههڙو چڱو نتيجو نكتو، ۽ ههڙو چڱو صالح اولاد پيدا ٿيو!

---

[1] طرز: ”جو تو پيد جاتت، سـن همري“

روبيل: پر، سائين، مون کي حق حلال جو بہ هڪڙو پٽ آهي، جو هن کان وڏو ٿيندو، پر انهيءَ هوندي بہ هو مون کي هن کان وڌيڪ پيارو ناهي. جيتوڻيڪ هيءُ ڇوڪر، بيحيائي ڪري، اٽسڏيو هن دنيا ۾ ڪاهي آيو، تڏهن بہ ڳالهہ سچي ڇٽبي تہ هن جي ماءُ نهايت حسين هئي، ۽ مون کي موهي ڇڏيو هئائين. تنهن ڪري انهيءَ جي پٽ کي پنهنجي سڏڻ ۾ حرڪت ڪانهي.

(پٽ کي) شمعون، خبر اٿئي تہ هيءُ صاحب ڪير آهي؟

شمعون: نہ، سائين.

روبيل: بادشاهہ جو خاص مُقرب امير 'زابلون'! سندس نالو ڪين ٻڌو اٿئي؟ منهنجو معزز دوست آهي. هن کان پوءِ ڳالهہ متان وساري اٿئي!

شمعون: (سر جهڪائي) سائين، آءٌ اوهان جو نيازمند آهيان.

زابلون: آبا، تون مون کي پيارو آهين. آءٌ ڪوشش ڪري تو سان زياده واقفيت رکندس.

شمعون: سائين، آءٌ ڪوشش ڪري پاڻ کي زياده لائق ڪندس.

روبيل: هيءُ نَو ورهيہ ٻاهر گذاري آيو آهي، ۽ وري بہ ترت روانو ٿيڻو آهي. (ٻاهران قرنا جو آواز اچي ٿو) بادشاهہ سلامت اچي ٿو!

(بادشاهہ 'ايليا' پنهنجن ٽنهي ڌين سميت لنگهي اچي ٿو. ساڻس 'جيشان' جو بادشاهہ 'ڪالاب'، 'جلجال' جو بادشاهہ 'منسا'، ۽ ڪي خدمتگار بہ اچن ٿا.)

بادشاهہ: امير روبيل، وڃي 'آرميہ' جي بادشاهہ ۽ 'قادس' جي بادشاهہ کي سلام ڏي، ۽ چئينِ تہ اسين اوهان جي لاءِ منتظر آهيون. پوءِ تون بہ ساڻن گڏيو اچجئين.

روبيل: حاضر، سائين.

(روبيل ۽ سندس پٽ شمعون نڪري وڃن ٿا.)

بادشاهہ: تيستائين اسين پنهنجي ڳجهي رٿ ظاهر ڪنداسين. اهو نقشو مون کي ڏيو. (نقشو وٺي، اڳيان رکي ٿو.) اوهان کي خبر هجي تہ اسان پڪو ارادو ڪيو آهي تہ هن پيريءَ ۾ حڪومت جي ڪمن ۽ فڪرن کان پاڻ کي آزاد ڪريون، ۽ اهو ڏکيو ڪم جوانن تي رکون. اسان کي هينئر، فارغ البال ٿي، موت جي يادگيري ڪرڻ گهرجي. آبا 'ڪالاب' ۽ 'منسا'، اوهين اسان کي پٽن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وانگي پيارا آهيو. اسان جي خواهش آهي تہ اسين پنهنجين نياڻين جو ڏاج وراهي نروار ڪريون. متان پس پيش ملڪيت تي ڪو تڪرار تي پوي. اوهان ٻنهي جي تہ صفائي تي پيئي آهي، باقي آرميہ جي بادشاهہ ۽ قادس جي بادشاهہ جي وچ ۾ فيصلو ڪرڻو آهي. جي اسان جي ننڍيءَ نياڻيءَ جي ٻانهن جا خواهان آهن، ۽ ڪن ڏينهن کان اسان وٽ مهمان آهن. (پنهنجي ڏين ڏي منهن ڪري) بابا، هاڻ جڏهن آءٌ ملڪ جي واڳ، سيني واسطن سميت، جلد ڇڏڻ وارو آهيان، تڏهن مون کي ٻڌايو تہ اوهان مان مون کي سڀ کان وڌيڪ ڪير پيار ٿي ڪري - تہ پوءِ، اُن موجب، لياقت ۽ محبت آهر حصا وراهيان ۽ جيڪا مون کي گهڻو گُهري، انهيءَ کي وڏو ڀاڱو ڏيان! ملڪا، تون سيني ۾ وڏي آهين، پهرين تون چئو.

ملڪا: بابا، جيتري منهنجي محبت اوهان سان آهي، انهيءَ جي پوريءَ طرح ظاهر ڪرڻ لاءِ زبان کي طاقت ڪانهي: اوهين مون کي پنهنجي نُور کان بہ وڌيڪ پيارا آهيو، پنهنجي سک ۽ خوشيءَ کان پيارا آهيو. دنيا ۾ ڪا بہ قيمتي يا اٽلپ شيءِ مون کي اوهان کان زياده پياري ناهي، اوهين مون کي ساهہ جي برابر آهيو. پنهنجيءَ تندرستيءَ، حسن ۽ عزت کان گهڻ پيارا ناهيو. جيترو اولاد تي مائٽ کي پيار ڪرڻ فرض آهي، ۽ جيترو پيءُ کي اولاد کان پيار جي اميد رکڻ گهرجي، اوترو آءٌ اوهان کي ڀانيان ٿي: مطلب تہ منهنجي محبت اوهان ڏي حد کان زياده آهي - ايتري قدر، جو ڳالهہ ڪرڻ کان ٻاهر آهي!

صوفيا: ( منهن پاسي ڪري) ويچاري صوفيا ڪيئن ڪندي - بهتر آهي تہ سچي محبت دل ۾ رکي، ۽ زبان سان نہ ڪڇجي.

بادشاهہ: شاباس، بابا، شاباس! (نقشي تي آڱر رکي) هاڻ هي سارو پرڳڻو، هن ليڪ کان وٺي هن ليڪ تائين، تنهنجي ملڪ آهي. انهيءَ ۾ هي سڀ گهاٽا ٻيلا ۽ آباد ديهون، وهندڙ نديون ۽ ڪشادا ساوڪ وارا ميدان اچي وڃن ٿا. شل اهو ملڪ تُنهنجي ۽ شاهہ منسا جي اولاد جي هٿ ۾ گهڻي تائين آباد رهي! هاڻ، زُلفا، شاهہ 'ڪالاب' جي راڻي، تنهنجو وارو آهي - تو ڪي چا چوڻو آهي؟

زلفا: بابا، منهنجو حال بہ بلڪل اديءَ ملڪا جهڙو آهي: مون کي بہ اوهان جي محبت ايتري گهڻي آهي، جيتري اديءَ ملڪا کي آهي. هن جيڪو بيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏنو. سو اصل منهنجيءَ دل وٽان هو - پاڻ گهٽ چيو اٿس! حقيقت ڪري، دنيا ۾ جيڪي بہ ٻيون خوشيون آهن. سي مون کي مور پسند ناهن: جيتري خوشيءَ منهنجيءَ دل کي اوهان جي پيار ۽ محبت مان حاصل ٿي ٿئي، اوتري ڪنهن بہ ٻئي سک مان نٿي ٿئي.

صوفيا: (منهن پاسي ڪري) هيءَ ويچاري صوفيا! - پر تنهن جو ڇا آهي: مون کي يقين آهي تہ منهنجي دل جي محبت، زبان جي محبت کان گهٽ وڌيڪ آهي!

بادشاه: آفرين! (نقشي تي آڱر گهمائي) هن ساري ملڪ جو ٽيون حصو، هنن حدن اندر، توکي ۽ تنهنجن وارثن کي بخش ٿو ڪريان. جيترو تنهنجيءَ وڏيءَ ڀيڻ کي ڏنو اٿم، اُنهيءَ کان تنهنجو ڀاڱو ڪنهن بہ طرح - پکيڙ توڙي چڱائيءَ توڙي پسنديءَ ۾ - گهٽ ناهي. (صوفيا ڏي منهن ڪري) هاڻي، منهنجي پياري ڌيءَ صوفيا، تون سڀ کان ننڍي آهين، پر گهٽ پياري ناهين. تنهنجي ٻانهن جي لاءِ آرميہ جو بادشاهہ ۽ قادس جو بادشاهہ ٻئي مٿا پيا هڻن، ۽ اسان کي پيا ستائين. تنهنجي لاءِ جيڪو ٽيون حصو بچايو ويو آهي، سو تنهنجين ڀينرن جي حصن کان زياده زرخيز ۽ پيدائش وارو آهي: چؤ، اُنهيءَ جي حاصل ڪرڻ لاءِ تون ڇا ٿي چوين؟

صوفيا: ڪي بہ ڪين، بابا سائين!

بادشاه: ڇا، ڪي بہ ڪين!

صوفيا: ڪي بہ ڪين!

بادشاه: (غصي مان) ڪي ڪين مان حاصل بہ ڪي ڪين ٿيندو. ڏس، سنڀال ڪري، وري بہ چؤ تہ ڇا ٿي چوين؟

صوفيا: سائين، آءٌ ڪا اهڙي ڪم نصيب آهيان، جو مون کي پنهنجي دل آڻي زبان تي رکڻ مشڪل ٿي لڳي: جيڪي دل ۾ اٿم، سو وات سان ٻڌائي نٿي سگهان: جيترو مون تي فرض آهي، اوترو آءٌ اوهان کي پيار ڪريان ٿي - نڪي گهٽ، نڪي وڌ!

بادشاه: هي ڇا ٿي چوين، صوفيا؟ جيڪي ڳالهائين ٿي، سو ذرو سنڀالي ڳالهاءِ - متان نهي نڪي دولت هٿان وڃائين، پنهنجو چڱو نصيب پاڻ ڦٽائين!

صوفيا: والد بزرگوار، اوهان مون کي پيدا ڪيو آهي، مون کي پالي وڏو ڪيو آهي، مون کي پيارو رکيو آهي، انهيءَ جي لاءِ، جيئن مون تي فرض آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تيئن، اوهان جي گهڻو شڪرگذار آهيان، اوهان جي فرمانبرداري ٿي ڪريان، اوهان جي محبت ٿي رکان، ۽ اوهان کي نهايت گهڻي عزت ٿي ڏيان. منهنجون ڀينرون ٿيون چون تہ اسين بابي کي سڀني کان زياده پيارو ٿيون چاهيون: جي ائين آهي، تہ تڏهن چو مڙس ڪيا اٿن؟ جي مون ڪنهن سان شادي ڪئي، تہ اُهو ضرور اڌ محبت جو منهنجيءَ دل مان ڇڪي ويندو، جيڪو منهنجي سر جو دعويدار ٿيندو. تنهن جي خدمت ۽ سنڀال ڪرڻ جو بہ مون تي اڌ فرض ٿيندو: آءٌ پنهنجين ڀينرن وانگي، اهڙي شادي ڪڏهن ڪين ڪنديس، جنهن ۾ رڳو پنهنجي پيءُ جي محبت دل ۾ رکنديس، ۽ نڪي مڙس جي، نڪي ڪنهن ٻئي عزيز خويش جي!

بادشاهہ: هي جيڪو چوين ٿي، سو دل سان ٿي چوين؟

صوفيا: هائو، بابا سائين، آءٌ دل سان ٿي چوان.

بادشاهہ: ههڙيءَ ننڍيءَ وهيءَ جي ۽ 'ههڙيءَ سخت دل واري؟

صوفيا: بابا، ههڙيءَ ننڍيءَ وهيءَ جي، ۽ 'هڙيءَ سچيءَ دل واري'!

بادشاهہ: تڏهن، ائين ئي چڱو: پلي تہ اها تنهنجي 'سچائي' تنهنجو ڏاج هجي! سڀني کي شاهدي هجي، - آءٌ قسم کڻي ٿو چڏيان تہ اڄ کان وٺي مون توکي لا دعوا ڪيو، ۽ منهنجا تو سان سڀ واسطا ٽُٽا - نہ آءٌ تنهنجو پيءُ، نہ تون منهنجي ڌيءُ - هن کان پوءِ، منهنجي نظر ۾ تون ست - ڌارين وانگي آهين! اُهي راڪاس، جي ٻڪ مهل پنهنجا ٻچا ڳڙڪائي ويندا آهن، تن تي مون کي رحم ايندو، تن سان گذارڻ مون کي دل چوندي، پر توتي مون کي ايترو بہ قياس نہ پوندو!

زابلون: (هٿ ٻڌي) سائين، ڪو رحم ڪريو!

بادشاهہ: (چڙ مان) بس ڪر، زابلون، چڙ مهل منهنجي اڏو نہ اچ! آءٌ هن هنيليءَ ڇوڪريءَ کي سڀ کان گهڻو گهرندو هوس، ۽ سمجهيم ٿي تہ هيءَ پيريءَ ۾ منهنجي ڏاڍي خدمت ۽ دلجوئي ڪندي، پر اها سڀ اميد منهنجي برباد ٿي ويئي... (صوفيا کي) ٽري وڃ منهنجي منهن تان! (هوءَ پاسي ٿي بيهي ٿي. ٿوري ماٺ ڪري) جڏهن هاڻ هن تان مون پنهنجي دل ڪڻئي، تڏهن آرام هلي قبر ۾ وٺبو! اچا آرميہ جو بادشاهہ ڪونہ آيو؟ سڏيوس نٿا! ڪٿي آهي قادس جو بادساهہ؟ ابا ڪالاب ۽ منساب، پنهنجين زالن جي حصن سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بادشاهه: زابلون. آءُ چوائين ٿو تہ بس ڪر. نہ تہ انهيءَ دم ساهه ٿو ڪڍئين!

زابلون: منهنجو ساهه ويو تہ حرڪت ڪانهي. تون تہ سلامت رهہ: مون هميشہ پنهنجو ساهه توتي صدقي ڪرڻ لاءِ ۽ تنهنجن دشمنن سان وڙهڻ لاءِ پئي سنبرايو آهي.

بادشاهه: نڪري وڃ منهنجي منهن تان!

زابلون: سائين. سنڀال ڪر. متان پوءِ پشيمان ٿين: ڇڏ تہ پلي آءُ تنهنجين اکين آڏو هجان!

بادشاهه: (ڪاوڙ ۾) هن کي ڪـٺيءَ ڪنيو آهي! آءُ قسم ٿو کڻان تہ....

زابلون: آءُ قسم ٿو کڻان تہ تون رڳيون بيهوديون ڳالهيون پيو ڪرين!

بادشاهه (ڏاڍيءَ ڪاوڙ ۾. تـرار جي ڪرڙئـي ۾ هـٿ وجهـي) بيهہ. ڪمبخت. شيطان! (ڪالاب ۽ منسا اٿي جلهينس ٿا.)

ڪالاب: سائين. معاف ڪريو!

منسا:سائين. رحم ڪريو!

زابلون: مون کي ڇا آهي - پلي پنهنجي طبيب کي ماري وجهہ. تہ تنهنجو مرض زور وٺي! ورهاڱي جو جيڪو حڪم ڪيو اٿئي. سو رد ڪر. نہ تہ جيستائين منهنجي نڙيءَ ۾ سگهہ هوندي. تيستائين آءٌ رڙيون ڪريو بہ توکي پيو چوندس تہ هيءَ بچڙي ٿو ڪرين!

بدشاهه: (ٿورو نري) ٻڌ. لعنتي. ٻڌ: تو اسان کي پنهنجي ڪيل انجام پجڻ لاءِ هيترو زور ڪيو آهي - اسان اهڙيءَ طرح اڳي ڪڏهن ڪيل حڪم نہ ڦيرايو آهي. ۽ اجائي هوڏ ۽ مغروري ڪري. تو اسان کي پنهنجي حڪم جي تعميل ڪرڻ ۾ روڪ ڪئي آهي. جنهن جي برداشت ڪرڻ اسان کي مناسب ناهي. ۽ نہ اسان جي طبيعت اهڙيءَ اجائيءَ هلت تي هريل آهي. تنهنڪري. اُنهيءَ جي بدلي ۾. تو تي هيءُ سزا جو حڪم جاري ڪريون ٿا تہ پنجن ڏينهن جي اندر پنهنجي گهرج پـلـڻ لاءِ ضروري سمر پاڻ سان کڻ. ۽ ڇهين ڏينهن اسان جي ملڪ مان نڪري وڃ: جي ستين ڏينهن اسان جي بادشاهيءَ ۾ ڪٿي بہ تون ڏسڻ ۾ آئين. تہ اُنهيءَ دم تنهنجي سسي ڌڙ کان ڌار ڪئي ويندي!... نڪر هتان. نياڳا. ڪمبخت!.... آءُ قسم ٿو کڻان. تہ اهو حڪم آءٌ ڪڏهن بہ ڪين ڦيرائيندس!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زابلون: چڱو. سائين. نهيو. (ڳائي ٿو)

[1] آيو ڪوڙو زمانو، اي مهربانو، رهجو خبردار!
ڪري سچ جو بهانو، هر ڪو ديوانو، رهجو خبردار!
ڪوڙ ڪساڪ ڪُپت پيا دنيا ۾ ڪاهي،
گهاري سو هن ڏيهہ ۾، جيءَ جنهن جو چاهي:
نت ٿيندو ويرانو، آباد خانو - رهجو خبردار!
جيسين قسمت هئي هتي، سڀ سان ڪيو مون چاهہ.
راجا خواهہ پرجا متان، صدقي ڪيو مون ساهہ:
هاڻي ٿيان ٿو روانو، بيوس بيگانو - رهجو خبردار!

(ٿورو ماٺ ڪري، هيٺيان بيت نثر وانگي پڙهي ٿو.)

خدا حافظ، اي 'ايليا' بادشاهہ،
رکيم ساري عمر تنهنجي چاهہ،
جڏهن هاڻي تنهنجو ٿيو اهڙو حال،
حضوريءَ ۾ تنهنجي جيئڻ ٿيو جنجال،
گذارڻ هتي هاڻ ٿيو مون کي بند،
وطن کان بہ پرديس آهي پسند.

(شاهزاديءَ صوفيا کي)

تون، اي شاهزادي، سچي 'صوفيا'
رهين شل امن ۽ چمن ۾ سدا،
آهي دل ۾ نت تنهنجي صلح و صفا،
سچائيءَ جو ڏئي اجر توکي خدا:

(ملڪا ۽ زلفا کي)

اوهان پڻ ڪيا هت جي لمبا ڪلام،
ڪريو شل سگهيري اُهي سڀ تمام!
پلي خلق کي پئي اُنهيءَ جي خبر،
محبت مان نڪرن تہ ڪهڙا اثر!

[1] راڳ 'ماند': طرز: "موري غم ڪان ترانا سنئي فسانا"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(سيني ڏي هٿ ڪٽي)

ڪري ٿو هي 'زابل' سين کي سلام،
اي شاهو، اميرو، سيئي خاص و عام!
پيو هن کي پيريءَ ۾ پرديس پنڌ،
قضا ڪان ڪڏي ٿو سگهي ڪير ڪنڌ؟

(نڪري وڃي ٿو. سگهوئي 'روبيل'، 'آرميہ' جي بادشاهہ ۽ 'قادس' جي بادشاهہ سان گڏيو اچي ٿو. پنيان خدمتگار بہ اچن ٿا)

روبيل: حضور: آرميہ جو بادشاهہ ۽ قادس جو بادشاهہ ٻئي حاضر آهن.

بادشاهہ: شاهہ 'هاران'، تون ۽ آرميہ جو بادشاهہ، منهنجيءَ نينديءَ ڌيءَ جي ٻانهن ٿا گهرو. پلائي ڪري، پهرين تون ٻڌاءِ تہ ٿوري کان ٿورو ڪيترو ڏاج تون هن سان وٺندين، يا پنهنجيءَ دعوا کان دست بردار ٿيندين؟

هاران: سائين، جيڪي اوهان اڳي ئي ڏيٺو ڪيو آهي، سو مون کي قبول آهي - نڪي وڌ، نڪي گهٽ.

بادشاهہ: ابا، ائين نہ آهي: اڳي هوءَ اسان کي پياري هئي، تڏهين هن جو قدر بہ اسان وٽ ججهو هو. پر هاڻ هن جو قدر گهٽ ٿيو آهي، تنهنڪري سندس ملهہ بہ گهٽجي ويو آهي. اِجها، اها بيٺي اٿيئي - جهڙي آهي تهڙي، ڇڙي ڇانڊ - پاڻ اسان جو ڏمر بہ مٿانس رکيل آهي: جي انهيءَ حالت ۾ وٺيئي، تہ وٺي وڃينس، تنهنجي آهي!

هاران: سائين، آءٌ ڪهڙو جواب ڏيان؟

بادشاهہ: مطلب آهي تہ پاڻ اجها اهڙي عيبدار آهي، جهڙي ڏسين ٿو، بيو ڪوبہ سندس خيرخواهہ يا طرفدار ڪونهي، اسين بہ مٿس هاڻ ناراض ٿيا آهيون، ۽ ڪيس لا دعوا ڪري ڇڏيو اٿئون، اسان جي پِٽَ ۽ ڌڪار سندس ڏاج آهي! اهڙي حال ۾، وٺيئي تہ وٺي وڃينس.

هاران: سائين، مون کي معاف ڪريو، انهن شرطن تي تہ مون کي هيءَ منظور نہ آهي.

بادشاهہ: منظور نہ آهي، تہ ڇڏي ڏيئس. آءٌ قسم ٿو کڻان تہ هڪڙي ڪوڏي بہ هن جي ڏاج ۾ ڪين ڏيندس! (آرميہ جي بادشاهہ ڏي منهن ڪري) سائين، هاڻ اوهين ڇا ٿا چئو؟ منهنجو اوهان سان دوستيءَ ۽ خير خواهيءَ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رستو آهي. تنهن ڪري منهنجي دل نٿي چوي تہ اوهان کي اتي ڦاسايان. جتي خود منهنجي جند کي نفرت ٿي اچي: بهتر آهي تہ پنهنجي لاءِ ڪا ٻي جڳهہ ٻانهن هٿ ڪريو. ۽ هن نياڻيءَ نينگريءَ تان خيال لاهي ڇڏيو. جنهن کي قبول ڪرڻ کان ساريءَ سرشت کي شرم ٿو اچي!

ادروس: حيرت جهڙي ڳالهہ آهي. تہ جا اڳهئين اوهان جي نظر ۾ تمام چڱي ۽ پياري هئي. جنهن مان اوهان کي هن پيريءَ جي عمر ۾ راحت ٿي آئي. ۽ جنهن جي تعريف مان ڍاپيائي نٿي. هڪ لحظي ۾ اهڙو ڪو تمام برو ڪم ڪري ويٺي. جنهن ڪري اوهان جيءَ دل مان ايتري محبت گم ٿي وڃي! پڪ آهي تہ اوهان جي نياڻيءَ اهڙو ڪو غير طبعي ۽ عظيم گناهہ ڪيو آهي. جنهن ڪري اوهان جو اصلوڪو پيار بہ اڏامي ويو - اهڙيءَ ڳالهہ تي مون کي آسانيءَ سان ويساهہ نہ ٿيندو.

صوفيا: بابا سائين، آءٌ هٿ ٻڌي، وري بہ عرض ٿي ڪريان تہ مون تي ناحق رنج نہ ٿيو. مون ڪو بي آبروئيءَ يا ناپاڪيءَ جهڙو ڪم ڪونہ ڪيو آهي. نڪو ڪو اهڙو خراب ڪم يا وڏو گناهہ ڪيو آهي. جنهنڪري اوهان مون تان پنهنجي مهربانيءَ جي نظر مٽائي آهي. جي اهو رنج رڳو انهيءَ ڪري آهي تہ منهنجي زبان سٽيي ناهي. ۽ مون کي خوشامد ڪرڻ جو هنر نٿو اچي. جو دل ۾ رکان هڪڙي ۽ وات سان چوان ٻي. تہ تڏهن انهيءَ ۾ گهٽي حرڪت ڪانهي: اهڙي ڪوڙي زبان ۽ اهڙي طمع واري اک جيئن مون کي نہ هجي. تيئن چڱي - اگرچ انهن جي نہ هئڻ ڪري مون کي دنيائي نقصان سهڻو ٿو ٿئي. ۽ اوهان جي ڪاوڙ ڪٿڻي ٿي ٿئي.

بادشاهہ: تون نہ ڄمين ها تہ چڱو هو - مون کي هيترو رنج تہ نہ ڪرڻ ها!

ادروس: بس ، ڳالهہ فقط ايتري آهي - انهيءَ ۾ ڇا آهي؟ ڪن ماڻهن جي سرشت اهڙي ٿيندي آهي. جو جيڪي اندر ۾ هوندو اٿن. اهو پوريءَ طرح ظاهر ڪري نہ سگهندا آهن. شاهہ هاران، هاڻ هن شاهزاديءَ جي نسبت ۾ اوهان جي آخر ڪهڙي مرضي آهي؟ أها محبت سچي نہ چئبي. جا خود محبوب جي لاءِ نہ هجي. پر ٻين ڳالهين تي منحصر هجي. اوهان کي هيءَ ٻانهن گهرجي يا نہ؟ - هوءَ پاڻ پنهنجو ڏاج آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هاران: اي نامدار ايليا بادشاهہ. جيڪو ڏاج اوهان پاڻ نهراءِ ڪري پهرين ڏيٺو ڪيو هو. پلارڳو اهو ئي ڏيو. تہ پوءِ آءٌ هن شاهزاديءَ کي پنهنجي ٻلي ڪريان.

بادشاهہ: هڪڙي ڪوڏي بہ نہ. مون قسم کڻي ڇڏيو آهي. آءٌ ڦرندس ڪڏهن ڪين!

هاران: (صوفيا کي) تڏهن شاهزادي، لاچار آهي: جي تو پيءُ پنهنجي هٿان وڃايو آهي، تہ ضرور مڙس بہ هٿان وڃائيندينءَ.

صوفيا: صَبر ڪر، سائين. تون منهنجو لائق ناهين: توکي پيسي سان محبت آهي، نہ ماڻهوءَ سان!

ادروس: اي خوبصورت ۽ نيڪ سيرت شاهزادي، صوفيا. تون جيتوڻيڪ ظاهر ڪري مفلس آهين. تڏهن بہ حقيقت ڪري تمام دولتمند آهين. جيتوڻيڪ توکان سيڪو پاسو ٿو ڪري، تہ بہ تون نهايت پياري آهين. تنهنجو ۽ تنهنجن چڱن لڇڻن جو قدر مون کي آهي: آءٌ توکي، غنيمت سمجهي، پنهنجي هٿان نہ ڇڏيندس! جنهن کي ٻيا ڇڏي ٿا ڏين، سا شَل منهنجي لاءِ سڀاڳي ٿئي! آءٌ اها خدا جي مهرباني ٿو سمجهان، تہ ٻين جي نفرت ۽ ڌڪار مان منهنجي محبت اڳي کان زياده ٿئي. اي بادشاهہ. تنهنجي 'بي ڏاجي ڌيءُ'، جا قسمت جي لکئي مون کي ڏياري آهي، تنهن کان آءٌ ۽ منهنجي ملڪ جا ماڻهو، پنهنجي راڻي سمجهي، جوڳو مان ڏيندا سين. ڦادس ملڪ جا ڪيترا بہ شاهزادا گڏ ٿين، تہ بہ هاڻ هيءَ املهہ ماڻڪ مون کان نيئي نہ سگهن! پياري صوفيا. پنهنجين پيئرن کان موڪلاءِ تہ هلون - جيتوڻيڪ هنن تو لاءِ ڪا بہ محبت يا مهرباني ڪانہ ڏيکاري آهي.

بادشاهہ: شاهہ ادروس، نيٺ تو هن کي قبول ڪيو! چڱو ٿيو، پلي تہ تنهنجي ٿئي، اسان هن جي دعوا ڇڏي. اسين سمجهون ٿا تہ اسان کي هڙي ڌيءَ ڪانہ هئي، نڪي اسين اُميد ٿا رکون تہ وري هن جو منهن ڏسنداسين. بهتر آهي تہ سوير ئي هتان نڪري وڃو. نڪا اوهان سان اسين موڪلائي ڪنداسين، نڪو سلام، نڪا دعا. پنهنجي منهن روانا ٿيو. آءُ، ابا هاران، تہ پاڻ هلون.

(بادشاهہ: ايليا. هاران، ڪالاب، منسا، روبيل ۽ خدمتگار، نڪري وڃن ٿا.)

ادروس: پياري، موڪلاءِ پنهنجن پيئرن کان تہ هلون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صوفيا: اي منهنجي بابي جون لاڏليون ڌيون، هيءَ نماڻي صوفيا، هنجون هاري، اوهان کان موڪلائي ٿي. مون کي اوهان جي طبيعت جي چڱي خبر آهي. پيڻ ٿي ڪري، مون کي مناسب نٿو اچي تہ اوهان جا عيب ويهي ڦولهيان. (روئي) بابو سائين پرتو اٿوَ. ويچاري کي سُکي رکجو، پيريءَ ۾ ڪا تڪليف نہ ڏجوس: جيئن پنهنجي وات سان قول قرار ڪيا اٿوَ. تيئن پيار ڪجوس ۽ عزت ڏجوس. مون سان ڏاڍي خاطري هوندي هيس، تنهنڪري منهنجي دل ٿي ڪُرڪي: هو ڪنهن ٻئي بهتر هنڌ رهي ها، تہ چڱو هو! .... داديون، هاڻ خدا کي پرتيون آهيو!

زلفا: آدي، اسان کي عقل نہ سيکار - اسان کي پنهنجن فرضن جي پاڻ خبر آهي!

ملڪا: تون پنهنجي گهرواري کي خوش رکڻ جي ڳڻتي ڪر، جنهن کي تون خيرات ملي آهين. اسان جي ڳڻتي نہ ڪج. تو نافرماني ڪري پاڻيهي پاڻ سان جُٽ ڪئي آهي، سو هاڻ پنهنجو ڪيتو پاڻ پئي لوڙ!

صوفيا: پاڻيهي ڪم پئي ڪَل پوندي، ڏينهن پئي خبر پوندي تہ ظاهري لباس ڪرڻ وارا نيٺ کهڙا رنگ ٿا ظاهر ڪن: جيڪي اندر ۾ هڪڙي ۽ ٻاهر ٻي رکندا آهن، سي آخر خوار خراب ٿيندا آهن. شل سدائين سک ڏسو! ... هاڻ الله واهي.

ادروس: آءُ، پياري صوفيا، آءُ. ( ٻئي نڪري وڃن ٿا. )

ملڪا: پيڻ، مون کي گهڻين ئي ضروري ڳالهين بابت تو سان صلاح مصلحت ڪرڻي آهي، جنهن مان پاڻ ٻنهي کي فائدو آهي. آءُ پانيان ٿي تہ بابو اڄ رات ئي هتان ڪوچ ڪندو.

زلفا :اُها تہ پڪ آهي. هيءُ مهينو تنهنجو مهمان ٿيندو، ۽ ٻئي مهيني ۾ وري منهنجو وارو ايندو.

ملڪا :ادي، ڏس تہ ٻڍاپڻ ۾ کهڙو نہ تيسو ۽ خفو ٿي پيو اٿس - هڪڙيءَ ڳالهہ تي بيهي ئي نٿو - اهو اسان کي گهڻي آزمودي سان چڱيءَ طرح معلوم ٿي رهيو آهي. ڀلا ڏس تہ صوفيا سان ڪيتري نہ دل هوندي هيس، ۽ ڪيئن نہ جهٽ ۾ هن کان منهن مٽي ڇڏيائين، ۽ اڻسمجهہ ٿي، هن کي ڪڍي ڇڏيائين!

زلفا: پيڻ، پيريءَ جا تہ هميشہ اهي عيب آهن: نڪا پنهنجي جي، نڪا پرائي جي شناخت پوندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملڪا: جيڪو ڪر سندس سمجهه موجب تمام چڱو ۽ معقول هوندو. سو به اهڙو اُبهرائيءَ وارو هوندو، جو ڳالهه ڪرڻ ڪان ٻاهر. پاڻ ڪي هاڻي نه رڳو هن جي عادتي چڙ ۽ ٻڍاپڻ جو رواجي تيسو سهڻو ٿيندو. پر انهيءَ سان گڏ سندس ارڏائي ۽ اڻنگائي به ڪٽڻي ٿيندي.

زلفا: جهڙوڪ امير 'زابلون' جي شهر نيڪالي! اسان سان به اهڙي اجائي هلت ڪندو، جهڙي انهيءَ سان ڪئي اٿس.

ملڪا: هوڏي وري آرميه جي بادشاهه سان ناسازي ۽ رنجيدگي پيدا ڪيائين. ادي، پلاڻي ڪر، ويهه ته ڪنهن مهل ويهي پاڻ ۾ صلاح ڪريون: جي بابو اهڙي طبيعت رکندو ۽ اهڙا حڪم هلائيندو، ته وڌيڪ ٿيون حصو ملڪ جو جيڪو اسان ڪي ڏنو اٿن، تنهنجي نظر تي، اسان سان ڏاڍيون جنيون ڪندو!

زلفا: ضرور، صلاح ڪري، انهيءَ جو ڪو بِلو ڪنديونسين.

ملڪا: بلو ڪجي، ته ڪجيءَ ۾ ڪرڻ گهرجي.

(نڪري وڃن ٿيون.)

## پڙدو پيو

امير 'روبيل' جي جاءِ جو صفو

(شمعون ڳائي رهيو آهي)

آهي هر ڪنهن ڪي حيراني، ري![1]
هر ڪو سمجهي اُتر آءٌ آهيان، ڪونهي منهنجو ثاني، ري....
هوندس عيب هزار اندر ۾، ٻاهر شڪل شهاني، ري....
بخت لڳي پوءِ ڪهڙي پرواهه، حالت هوئي خيراني، ري....
ذات ڪذات ڪي ڪير پڇي ٿو، فهم ڪي فرماني، ري....
دنيا ۾ خوش سوئي گذاري، عقل رکي لقماني، ري....

(ٿورو ماٺ ڪري، پوءِ چوي ٿو)

شمعون: جهان جي گنديءَ رسم ۽ خراب رواج جي ڪري ڪو آءٌ نقصان سهندس ۽ عذاب ڪائيندس ڇا؟ پنهنجي پياءُ ڪان ٻارهن - ٽيرهن مهينا ننڍو ٿي

[1] راڳ "ڪالنگرو" . طرز: "ڪيابنسي باب نماڻي دي"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيس، تہ ڇا ٿيو؟ چو. -حرامي پٽ آهيان؟ ڇالاءِ، - ڪمينو آهيان؟ منهنجو ڏيل هلالي پٽ جهڙو ناهي، منهنجي شڪل شباهت انهي جهڙي چڱي ۽ پوري ناهي، منهنجي دل انهيءَ جهڙي مهربان ۽ نرم ناهي: ڪهڙي سبب ماڻهو اسان کي ڪمينو ڇا سمجهن؟ ڪمينو، اڳ ڇائو،حرامي! چڱو، حلالي شمسون، مون کي مڙئي تنهنجي ملڪيت ۽ تنهنجي جاگير هٿ ڪرڻي آهي! بابي جي حراميءَ پٽ سان بہ ايتري ئي دل آهي، جيتري حلاليءَ پٽ سان. (ڪيسي مان هڪڙو خط ڪڍي ٿو) حلالي، حلالي! .... چڱو منهنجا حلالي، جي هي خط ڦبيو ٿو وڃي، ۽ منهنجي تجويز بگڙي نٿي وڃي، تہ پاڻيهي ڪمينو ۽ حرامي شمعون، اشراف ۽ حلالي شمسون کان گوءِ کڻي ويندو... ڪمينن ۽ نڌڻڪن جو مددگار خدا آهي!

(اتي امير 'روبيل' لنگهي اچي ٿو)

روبيل: (پنهنجي منهن) امير زابلون کي شهر -نيڪالي ملي ويئي، آرميہ جو بادشاهہ ڪاوڙ جي هليو ويو، ايليا بادشاهہ اڄ رات هتان ڪوچ ڪري سفر تي نڪتو، تاج تخت ۽ حڪم اختياري سڀ ڀين کي ڏيئي، پاڻ ماهيانو قبول ڪري ويهي رهيو - هي سڀ ڳالهيون هڪ لحظي جي اندر ٿي ويون! ( پٽ کي ڏسي) ڪيئن شمعون، ڪهڙي خبر آهي؟

شمعون: ٻيو سڀ خير آهي. (خط لڪائي ٿو)

روبيل: چو ٿو اهو خط لڪيائين؟

شمعون: سائين، ٻي سڀ خير جي خبر آهي!

روبيل: اهو ڪهڙو ڪاغذ ٿي پڙهئہ؟

شمعون: سائين، خير جو ڪاغذ آهي - ڪي بہ ڪينهي.

روبيل: نہ نہ ، - تڏهن تڪڙ تڪڙ ڪري ڪڻي ڪيسي ۾ وڌئي! خير جو هو، يا ڪي بہ ڪين هو، تہ لڪائڻ جو ڪهڙو ضرور هو؟ ڏيکار، ڏيکار، ڏسون تہ ڇا آهي - جي ڪي بہ ڪين هوندو، تہ پوءِ مون کي عينڪ وجهڻ جو بہ ضرور ڪونہ ٿيندو.

شمعون: سائين، مهرباني فرمائي، مون کي معاف ڪريو. اهو ادي جو خط آهي، جو اڃا مون پڙهي پورو ڪين ڪيو هو، پر جيترو پڙهيو اٿم، اوترو اوهان جي ڏيکارڻ جهڙو ناهي.

روبيل: ڏي، ڏي مون کي اهو خط!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

روبيل: اڳي ڪڏهن ڪا توسان هن اها ڳالهه چوري آهي؟

شمعون: ڪڏهن ڪانه. پر، گهڻا پيرا سو ڳالهين ڪندي اهڙي راءِ ڏيکاري اٿس، تہ جڏهن پٽ جوان ٿين ۽ پيئر پوڙها ٿي وڃن، تڏهن پيئرن کي گهرجي تہ ڪاروبار پٽن جي حوالي ڪن، ۽ پاڻ انهن جي رڳو نظرداري ڪن.

روبيل: نالائق، بدمعاش، ڪوهلو، لفنگو! تڏهن خط ۾ بہ پڪ ٿي پڪ اها ئي ڳالهه هوندي! بُغضي، حاسد، ڪوڙو، گندو، خيوان - بلڪ حيوانن کان بہ ويل! اڙي، وڃي ڳولي هٿ ڪرينس - آءٌ هن کي چڱي سيڪت ڏيندس! غليظ! پلا آهي ڪٿي؟"

شمعون: سائين، مون کي سڌ ڪانهي. جيڪڏهن اوهان جو خيال ائين آهي تہ اوهين هن کي هيسائي ۽ دٻائي سندس دل جو حال معلوم ڪري سگهندا، تہ پوءِ اوهان کي انهيءَ لاءِ ڪو بيو چڱو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي: جيڪڏهن هن جي مقصدن کي غلط سمجهي هن تي سختي ڪئي ويندي، تہ يقيناً اوهان جي عزت ۾ رخنو هڪ طرف پوندو، ۽ ٻي طرف هو نافرمان ٿيندو. آءٌ هن لاءِ پنهنجي حياتيءَ جو شرط ٻڌڻ لاءِ تيار آهيان، ۽ يقين سان چوان ٿو تہ هن رڳو منهنجيءَ محبت کي پرکڻ لاءِ ، ۽ نہ ٻئي ڪنهن بدارادي، سان مون ڏانهن هي خط موڪليو آهي.

روبيل: چا، تنهنجو اهو خيال آهي؟

شمعون: جيڪڏهن اوهان کي اعتبار نہ اچي، تہ اجازت ڏيو تہ آءٌ اوهان کي اهڙي هنڌ لڪائي ويهاريان، جتان اوهان هن باري ۾ اسان ٻنهي جي ڳالهہ ٻولهہ چڱيءَ طرح ٻڌي، خاطري ڪري سگهو. دير ڪرڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانهي، رڳو اوهان جو حڪم ملي، تہ اڄ شام جو ئي آءٌ ملاقات جو انتظام ڪري سگهندس.

روبيل: ليڪن هو اهڙي حرڪت ڪڏهن بہ نٿو ڪري سگهي!

شمعون: نہ، سائين، پڪ نہ.

روبيل: سو بہ پنهنجي پيءُ سان، جيڪو هن کي هيتري قدر پيائي ٿو! شمعون، هن کي ڳولي هٿ ڪرينس، مون کي هن تائين پهچاءِ - ضرور! تون پنهنجيءَ سمجهہ ۽ عقل آهر وڃي بندوبست ڪر. آءٌ انهيءَ ڪنڙاڳ ۾ پوڻ نٿو گهران.

شمعون: سائين، اوهين تسلي ڪريو. آءٌ اجهو ٿو وڃي ڳولي هٿ ڪريانس ۽ سارو بندوبست پورو ويهاري، پوءِ اوهان کي اچيو ٿو اطلاع ڏيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | |
|---|---|
| پـارَ پـرار بـــ هـــو، | جوئـي شهنشـــاهه، وي، |
| آهـــي گداگـــر هيـــلَ - | رنگ.... |
| خـاڪ مـَـلين تـو تـون، | پـــاڻ تــــي اچ، وي، |
| سـُـيان تيـل قـُـليلَ- | رنگ.... |

(اتي شمسون اچي ٿو. تنهن کي ڏسي) اوجهو، اچي ٿو. چڱيءَ مهل تي اچي نڪتو آهي. هاڻ ڳالهه ننايان تہ چڱو. هنن گرهن مان خير ڪونہ ٿو ڏسجي. يا خدا، خير ڪر! 'سا، ري، گا، ما'...

شمسون: ڪيئن، ادا شمعون، اڄ ڪهڙا خيال پيو پچائين؟

شمعون: ادا، اُنهيءَ ڏينهن ڪتي پڙهيو هوم تہ هن گذريءَ سج گرهڻ ۽ چنڊ گرهڻ جا فلاڻا اثر ظاهر ٿيندا - ڪنهن نجوميءَ لکيا هئا - اُنهن تي پئي خيال ڪيم.

شمسون: اهڙين ڳالهين جي بہ ڳڻتي رکندو آهين ڇا؟

شمعون: ادا، سچ ٿو چوان تہ جيڪي ڳالهيون هن لکيون هيون، انهن سان گهٽيون اچي پوريون بيٺيون آهن - جهڙوڪ: ماءُ ۽ اولاد جي وچ ۾ نفاق، موت، ڏڪار، پڪن دوستن جي وچ ۾ ناسازي، ملڪ ۾ فساد ۽ دنگا، ماڻهن ۾ اجائي بي اعتباري، سڪرن ۽ چڱن ماڻهن جي شهر نيڪالي، سپاهين جي ابتري حالت، زال - مڙس جي وچ ۾ جهيڙا ۽ جدايون - ڇا چئي، ڇا چوان!

شمسون: مار، ڪڏهن کان وٺي نجومي بنيو آهين؟

شمعون: ڀلا، ادا ڇڏ انهيءَ ڳالهه کي: بابو ڪو ڪٿي توکي ڏٺيو؟

شمسون: هائو، اجا رات ڏٺيو هوم.

شمعون: تو ڪـِي ساڻس ڳالهايو"

شمسون: هائو، سڄا بہ ڪلاڪ.

شمعون: ٻي ڪاوڙ تہ ڪانہ ڏٺيئس - منهن مان يا ڳالهائڻ مان؟

شمسون: : بلڪل ڪانہ.

شمعون: ادا، آءٌ ڀانيان ٿو تہ هو ڪنهن ڳالهہ تان تو سان خفي آهي، اُنهيءَ جي ڀلائي ڪري سنڀال رکجئين، ۽ جيسين سندس ڪاوڙ جهڪي ٿئي، تيسين سندس منهن تي نہ چڙهين تہ چڱو آهي. مون کي پڪ آهي تہ هو هينئر توتي ڏاڍو چڙيل آهي، ۽ جي توکي ڏسندو تہ پاڻ وڌيڪ چڙندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شمسون: سو ڇو؟ تڏهن ڪنهن حرامخور مون سان ڪو وير پاريو آهي!

شمعون: آءٌ پاڻ ائين ٿو سمجهان. پلاٽي ڪري، پاڻ کي روڪي، سندس سامهون نہ وڃ - جيسين ڪ سندس ڇڙ ڍري ٿئي. مون سان گڏجي منهنجيءَ جاءِ تي هل. اُتي آءٌ اهڙي تَجويز ڪندس تہ جيڪي بابو چوندو سو تون ويٺو ٻڌندين. وڃ، ادا. وڃ - هيءَ منهنجي جاءِ جي ڪنجي اٿئي. (ڪنجي ڏئيس ٿو) آءٌ تنهنجي پٺيان ٿو اچان. جي ٻاهر نڪرين، تہ ضرور ڪو هٿيار پاڻ سان کڻجئين!

شمسون: هٿيار پاڻ سان کڻان! - سو ڇو؟

شمعون: ادا، آءٌ توکي خير خواهيءَ ۽ ڀائپيءَ جي صلاح ٿو ڏيان. جي منهنجي نيت تو ڏي صاف نہ هجي، تہ شل بچڙو ۽ بي ايمان ٿيان! اجا جيڪي مون ڏٺو ۽ ٻڌو آهي، سو توکي ذري پرزي نہ چيو اٿم. نہ تہ جيڪر ڏاڍو ڏپ ٿيئي. ٿوري ڇئي کي گهڻو ڄاڻج. پلاٽي ڪري، وڃي هل.

شمسون: وري تہ تون سگهو مون کي ملندين نہ؟

شمعون: اجهو ٿو اچان. هن ڪم ۾ جيڪا چڱائي تنهنجي لاءِ مون کان ٿي سگهي، سا آءٌ ڪندس.

(شمسون نڪري وڃي ٿو)

(ڪلي) پوڙهو ۽ ساڌو پيءُ، صاف دل ۽ ڪر آزار ڀاءُ، جو پاڻ اهڙو چڱو آهي، جو هن کي ٻئي ڪنهن ۾ بہ خرابيءَ جو شڪ ڪونهي: اهڙن پوڙهن اشرافن تي منهنجي ٺڳي ۽ چالاڪي اثر ڪري سگهندي. هاڻ مون،پنهنجي ڪم کي چڱيءَ طرح سهي ڪيو آهي. جي بابي جو ورثو ۽ تـَرڪو مونکي پـُٽپائيءَ جي حق ۽ حجت تي نہ ملندو، تہ آءٌ اُهي، پنهنجو عقل ويڙهائي، ڀاڻيهي وٺندس: جنهن بہ اُپاءَ سان مون کي مطلب حاصل ٿيندو اُهو هلائيندس، گـُسندس ڪين!

(ٿورو ماٺ ڪري ڳائي ٿو)

قسمت منهنجي آهہ قوي اڄ،[1]
بخت سندم سويارو آهہ!
اڄ تان قدرت سان قادر جي،

---

[1] راڳ 'ڪونسيو' يا 'مارنگ'.
طرز:"سن مهاراجا خوش هو من ۾".

غـالب منهنجـو سـتارو آهـ.
طـالع منهنجـو مهـر سـان تنهنجـي،
مـرڏن ۾ موچـارو آهـ.
هيسـين تـائين آءُ هـوس نـدارد،
هـاڻ تـ منهنجـو وارو آهـ.
آءُ مـزي مـان موجـون ماڻيـان،
هـر جـا خـوب نظـارو آهـ.
كمـر ٻـڌان هـاڻ همـت جـي آءٌ،
اڌو تـان جـڳ سـارو آهـ.
اَٽكـل عقـل هلايـان پنهنجـو،
ايءُ چڱـو پـڻ چـارو آهـ.
يـاڳ نيـاڳ تيـو مـالك هـت،
اُن جـو عجـب اشـارو آهـ.
كوشـش لازم آهـي اسـان تـي،
تنهـن جـي سـبب سـڌارو آهـ.

(نكري وڃي ٿو.)

## پردو ٽيون

'جلجال' جي بادشاهه جي محلات جو هڪڙو ڪمرو.

(شاهزادي 'ملكا' ۽ سندس خانسامان 'شمشاد' اچن ٿا)

ملكا: برابر، بابي منهنجي ماڻهوءَ كي سندس مسخريءَ سان گهٽ - وڌ ڳالهائڻ جي ڪري ماريو هو ڇا؟

شمشاد: برابر ماريو هو.

ملكا: خدا جو سنهن، بابو هاڻ مون كي ڏاڍو هلاك ٿو كري: گهڙيءَ گهڙيءَ هڪڙو نـ ٻيو اهڙو كر ٿو كري، جو اسان كي بيزار كيو ڇڏي - اهڙي تكليف آءُ اڳتي سهي كين سگهنديس! سندس سوار هميشہ ڏمچر مچايو وينا آهن، ۽ اسين جي ٿورو ئي ڪٿي ڇٿون، تـ اسان كي پاڻ ڇينيي! هاڻ جڏهن

شڪار تان موٽي: ايندو. تڏهن آءُ ساڻس مور نہ ڳالهائيندس - تون چئجينس تہ آءُ بيمار آهيان . اوهين سڀ جيترو سنديس خدمت اڳي ڪندا هئؤ. هاڻ انهيءَ ڪان گهٽ ڪجوس - اوهان جي اهڙي قصور جو آءُ پاڻيهي جواب ڪنديس.

شمشاد: حضور پانئجي ٿو تہ بادشاهه اچي ٿو - قرنا جو آواز پيو اچي.

(قرنا جو آواز ٻاهران اچي ٿو.)

ملڪا: تڏهن هاڻ اوهين سڀ نوڪر وڃي، شوخيءَ ۽ بيپرواهيءَ جهڙو رخ ڪري ويهي رهو. پلي تہ اها ڳالهہ وري چري. جي انهيءَ ڪري بابي کي هتي رهڻ پسند نہ اچي، تہ اديءَ 'زلفا' ڏي هليو وڃي - مون کي خبر آهي تہ اديءَ جي بہ ساڳي مون جهڙي راءِ آهي. اسين پاڻ تي حڪر هلائڻ ڪين ڏينديونسين: ٻُڍي کي سمجهہ آهي پوري پُني، پانئي ٿو تہ اجا بہ آءُ بادشاهہ آهيان، ۽ جيڪي اختياريون هٿان ڇڏي ڏنيون اٿس، سي پانئي پيو تہ هلايان! پر، ڪراڙن ۽ ننڍڙن بيسمجهہ ٻارن جي وچ ۾ ڪوبہ تفاوت ڪونهي: مهل ڏسي هنن کي جس شابس بہ ڪبي، ۽ جهڙڪبو بہ. وچ، جيڪي سمجهايو اٿمئين. سو ياد رکج.

شمشاد: حاضر، حضور.

ملڪا: ۽ سندس سوارن سان بہ اوهين سنئون منهن ڏيئي نہ ڳالهائجو! انهيءَ مان ڪو تڪرار جاڳيو تہ حرڪت نہ آهي. منهنجي پاڻ مرضي آهي تہ اهڙو ڪو وجهہ ملي، تہ انهيءَ ڳالهہ جو هڪ واري فيصلو ڪري ڇڏجي. پنهنجن سنگتين کي انهيءَ بابت سمجهائي ڇڏ. آءُ وڃي ٿي اديءَ ڏي لکان، تہ اُها بہ مون واري رٿ ڪري. وڃي هاڻ مانيءَ جي تياري ڪر. (نڪري وڃن ٿا.)

## پردو چوٿون

### ساڳئيءَ محلات جو صفو

(امير 'زابلون'، بدليل ويس ۾، ڳائيندو اچي ٿو)

[1] ڏکن مون کي وڏو ماري، سکن کي دل سنپاري ٿي!
ڦري در در ديواني ٿي، وٺي هر هر ڪندي زاري،

---

[1] راڳ 'ضلع'
بنا سيرِ گلشن کي تو بهي صياد باقي هي".

ڪري فرياد راتو ڏينهن، اکين مان نير هاري ٿي.
مڪي منهن کي مٽي هردم، وسائي سر مٿي واري،
ڪٽي غم ۾ نماٽا نيڻ، نت واتون نهاري ٿي.
وطن کان هاڻ وڇڙيس آءُ، جدا تيس جانبن کان پڻ،
وري ملنداسين ڪيئن موٽي، اها ڳڻتي به ڳاري ٿي.
ڇڏيوسين هاڻ اميريءَ کي، قبوليسين فقيري اڄ،
عجائب رنگ، هيءَ دنيا، ڏکوين کي ڏيکاري ٿي.

زابلون: (پاڻ کي) جيئن پنهنجي شڪل پوريءَ طرح بدلائي اٿم. تيئن جي آءٌ پنهنجو آواز ۽ ڳالهائڻ ۽ ڍول به بدلائي سگهان. ته منهنجيءَ چڱيءَ نيت جي ڪري جيڪر اهو مطلب حاصل ٿي پوي، جنهن لاءِ پنهنجي صورت بدلائي اٿم. (ٻاهران قرنا جو آواز اچي ٿو.) اي لوڏيلَ زابلون، هاڻ مهل اٿئي: جيڪو توکي ڏکاري ٿو، تنهن وٽ بيهي نوڪري ڪر. جنهن ڏٺيءَ تان تون هيترو ساهه قربان ڪرين ٿو، تنهنجي پلي هلڻ جيتري گهٽي خدمت ۽ چاڪري ڪري سگهين، اوتري ڪر.

(اتي بادشاهه 'ايليا'، سندس سوار ۽ نوڪر گهڙي اچن ٿا.)

بادشاهه: چو مانيءَ ۾ هيتري دير ٿي آهي؟ مون کي ذرو به ترسڻو ناهي!... اڙي، وڃي کو مانيءَ جو سعيو ڪري!(هڪڙو نوڪر نڪري وڃي ٿو. زابلون کي ڏسي) اي، تون ڪير آهين؟

زابلون: ماڻهو، سائين.

بادشاهه: ڪم ڪهڙو ڪندو آهين؟ اسان کي ڇا ٿو چوين؟

زابلون: جهڙو ڏسجان ٿو، اهڙو ڪم ڪندس: يعني، جيڪو مون ۾ ويساهه رکندو، انهيءَ جي خدمت سچائيءَ سان ڪندس، جيڪو ايماندار ۽ سچو هوندو، تنهن تان جان قربان ڪندس، دانا ۽ ٿور - ڳالهائو هوندو، تنهن سان صحبت ڪندس، حڪم ۽ انصاف کان ڊپ رکندس، لاچاريءَ مهل وڙهندس، ديني وهم ۽ پرم ڪونه رکندس.

بادشاهه: پاڻ ڪير آهين؟

زابلون: آهيان ته تمام ايماندار ۽ صاف دل ماڻهو، مگر غريب سو بادشاهه جهڙو آهيان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بادشاهه: جهڙو هو بادشاهن ۾ غريب آهي، اهڙو جي تون رعيت ۾ غريب آهين، ته پوءِ تو جهڙو مفلس پيو ڪو ٿورو هوندو! هاڻ ٻڌاءِ ته ڇا گهرجيئي؟

زابلون: نوڪري.

بادشاهه: ڪنهن جي نوڪري ڏيندين؟

زابلون: سائين، اوهان جي.

بادشاهه: تون منهنجو واقف آهين ڇا؟

زابلون: نه، سائين، پر اوهان جي منهن ۾ مون کي اُها شيءِ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جنهن ڪري اوهان کي ڌڻي ڪرڻ ۽ سڏڻ لاءِ منهنجي دل ٿي ڇِڪي ڏئي.

بادشاهه: اُها ڪهڙي شيءِ آهي؟

زابلون: ڏيا ۽ حش مت.

بادشاهه: ڪهڙي نوڪري ڏيندين؟

زابلون: نيڪ صلاح ۽ مشورت ڏيندس، سواري ڪندس، ڊوڙندس، مُنجهيل ڳالهه صاف طرح سمجهائي سگهندس، ۽ ڪوبه رواجي پيغام صفا لفظن ۾ پهچائي سگهندس. جيڪا لياقت عام ماڻهو رکن ٿا، سا آءٌ به رکان ٿو - پاڻ محنت ۽ ڪشالي ڪرڻ ۾ آءٌ گهٽ ڪان وڌيڪ هوندس.

بادشاهه: عمر ڪيتري اٿئي؟

زابلون: اهڙو جوان به ناهيان، جو ڪنهن زال جي مٺي آواز تي موهجي وڃان، نڪي اهڙو ڪُراڙو آهيان، جو زن - مُريد ٿي ويهي رهان - اٺيتاليهن ورهين جو ٿيندس.

بادشاهه: چڱو، اچ مون سان. جي مانيءَ کاڌي کان پوءِ به تون مون کي اهڙو پسند آئين جهڙو هاڻي آهين، ته تڏهن توکي پاڻ وٽ نوڪر رکندس. اي، ماني آڻيو، ماني - جلدي، جلدي! منهنجو مسخرو ڪٿي آهي؟ اي، تون وڃي سڏي اچينس.

(هڪڙو نوڪر نڪري وڃي ٿو. ۽ 'شمشاد' لنگهي اچي ٿو.)

اڙي، اڙي، منهنجي ڌيءُ ڪٿي آهي؟

شمشاد: سائين، مون کي 'اڙي - اڙي ' نه چئو، مون کي معاف ڪريو! (ائين چئي، نڪري وڃي ٿو.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بادشاهہ: هيءُ احمق چوي ڇا ٿو!.... سڏي وٺ انهيءَ حرامزادي کي!
(هڪڙو سوار نڪري وڃي ٿو.) اي، مسخرو ڪٿي، مسخرو؟ سڀ سُتا پيا آهن ڇا! (سوار وري اچي ٿو.) ڪيئن، ڪٿي آهي اهو پُوڪ؟

سوار: حضور، هو چوي ٿو تہ شاهزادي، اوهان جي نياڻي، بيمار آهي!

بادشاهہ: جڏهن انهيءَ حراميءَ کي مون سڏيو، تڏهن مون وٽ ڇو موٽي ڪين آيو؟

سوار: حضور، هن صاف جواب ڏنو تہ آءٌ ڪين ايندس.

بادشاهہ: ڪين ايندس!

سوار: قبلا، خبر ناهي تہ ڇا آهي، باقي آءٌ سو سمجهان ٿو تہ حضور جي جيڪا خوشامد ۽ آدرڀاءُ اڳي ٿيندي هئي، سان هاڻي ڪانهي - نڪو نوڪرن ۾ اُهو شوق ۽ چاهہ ٿو ڏسجي، نڪو بادشاهہ ۽ شاهزاديءَ ۾.

بادشاهہ: برابر. تون ائين سمجهين ٿو ڇا؟

سوار: حضور، مون کي انهيءَ جي پڪ آهي. جڏهن آءٌ حضور جي نسبت ۾ ڪا عزت آبروءَ جي ڪوتاهي ٿو ڏسان، تڏهن سچي ڳالهہ ظاهر ڪرڻ پاڻ تي فرض ٿو سمجهان.

بادشاهہ: مون کي بہ اهڙو شڪ ٿو پوي. ٿوري وقت کان مون کي بہ انهيءَ جي بيپرواهي معلوم ٿئي ٿي، پر مون ٿي پانيو تہ اِها رڳو منهنجي سختيءَ جي نظر آهي. خير، انهيءَ جي آءٌ وڌيڪ جاچ ڪندس. پر منهنجو مسخرو ڪيڏي ويو؟ بہ ڏينهن ٿيا آهن جو ڪونہ ڏٺو اٿمانس!

سوار: حضور، جنهن ڏينهن اسان جي ننڍي شاهزادي آرميہ جي بادشاهہ سان رواني ٿي آهي، انهيءَ ڏينهن کان وٺي مسخرو غم ۽ فڪر ۾ اُباٽڪو ٿيو پيو گذاري.

بادشاهہ: انهيءَ ڳالهہ جو وري ذڪر نہ ڪر - مون پاڻ ائين معلوم ڪيو آهي. تون وڃ، وڃي منهنجيءَ ڌيءُ کي چوءُ تہ هتان مون وٽان ٿي وڃي، مون کي ساڻس ڪي ڳالهائڻو آهي. (هڪڙو نوڪر نڪري وڃي ٿو.) ۽ تون وڃ، وڃي منهنجي مسخري کي ڳولي وٺي اچ. (ٻيو نوڪر نڪري وڃي ٿو.) (اتي شمشاد وري لنگهي اچي ٿو) اڙي، اڙي هيڏي آڙي هيڏي آ... مون کي سڃاڻين ٿو تہ آءٌ ڪير آهيان!


Scanned with CamScanner

مسخرو: جڏهن تو پنهنجين ڌيئن کي بنائي پنهنجيون جيجل مائون
ڪيون: چا لاءِ جو جڏهن تو هنن کي حڪم جي ڏنڊي هٿ ۾ ڏني، تڏهن هو تہ
خوشيءَ کان ڪلڻ لڳيون. ليڪن مون کي اهو ارمان ٿيو تہ بادشاھ پاڻ کي
بنائي پوڪ ڪيو! چاچا. پلائي ڪري ڪو آخوند رک تہ مون کي ڪوڙ ڳالهائڻ
سيکاري - مون کي ڪوڙ ڳالهائڻ نٿو اچي، سکان تہ چڱو.

بادشاھ: ڪوڙ ڳالهائيندين، تہ موچڙا کائيندين.

مسخرو: مون کي خبر نٿي پوي تہ تنهنجي ۽ تنهنجين ڌيئن جي پاڻ ۾ ڪهڙي قسم جي نسبت آهي: هو پانئين تہ سچ ڳالهائڻ ڪري مون کي موچڙا هٽائين، ۽ تون پانئين تہ ڪوڙ ڳالهائڻ ڪري مون کي موچڙا هٽائين- ڪڏهن تہ وري ماٺ ڪري ويهي رهڻ ڪري موچڙا ٿو کان: مسخري ٿيڻ مان مون کي ڪهڙو فائدو؟ بئي ڪنهن جي بہ جڳهہ هوند خوشيءَ سان وٺان پر، چاچا. تنهنجي جڳهہ کان توبهہ آهي - تو جهڙو شل ڪنهن کي خدا نہ ڪري! پلا. پنهنجو عقل بہ اڌ ڪري وراهي ڏيئي ڇڏيئي، ۽ پنهنجي لاءِ ذرو بہ نہ رکيئي!...

اجها ٿي اچي هڪڙي اڌ جي مالڪياڻي...!

(اتي شاهزادي ملڪا لنگهي اچي ٿي.)

بادشاھ: (ملڪا کي) ڪيئن، ڌيءَ، بيو تہ خير آهي - گهنڊ وجهيو پئي اچين! آءُ پانيان ٿو تہ تورن ڏينهن کان البت تنهنجو رخ ڦريل ٿو ڏسجي.

مسخرو: اڳي جڏهن هنجي گهنڊ ۽ ڦريل رخ جي پرواھ ڪانہ هيئي، تڏهن چڱي حال ۾ هوئين. هاڻ تہ جڻ رڳو ٻڙي آهين. پنيان ڪرِ انگ ڪونہ اٿئي! هاڻي آءُ توکان بهتر حال ۾ آهيان: آءُ وري بہ مسخرو آهيان. تون تہ ڪي ڪين آهين! (ملڪا کي) مائي، تون اکيون اُبتيون نہ ڪر. آءُ ماٺ ٿو ڪريان - بس، توبهہ، توبهہ! (بادشاھ ڏي اشارو ڪري) جنهن کي سچي ماني نٿي وڻي، سو هاڻ ٽڪر ڳيي جي لاءِ حيران آهي - اهو بينو اٿئي، بادام بي مغز!

ملڪا: بابا، نہ رڳو هي تنهنجون بڪبڪيون بيدپو مسخرو اسان کي ڪک ڪري ٿو. پر اوهان جا بيا بي ادب ماڻهو بہ هر گهڙيءَ هل بکيڙو مچايو وينا آهن. دنگا فساد، جهيڙا جهڳڙا، لڳا اچن - اسان جو تہ سک ڦٽائي ڇڏيو اٿن! پهرين مون سمجهيو ٿي تہ اها ڳالهہ اوهان جي ڌيان تي ايندي، تہ اوهين

انهيءَ جو ڪو بلو ڪندڙ. پر هاڻي ته پاڻ ظاهر ظهور ڏسجي پيو ته اوهين هنن ڪي اهڙيءَ هلت ڪرڻ لاءِ همٿايو ٿا. ۽ پناهه ڏيو ٿا. جي ائين آهي، ته انهيءَ جو سوير ئي علاج ڪرڻ گهرجي. پوري انتظام ۽ چڱي بندوبست قائم ڪرڻ لاءِ، ضرور اسان ڪي ڪا رٿ ڪرڻ گهرجي. اهڙي رٿ، رواجي حالتن ڪري جيڪر نامناسب ۽ بيحيائيءَ جهڙي ڏسڻ ۾ اچي، پر لاچاريءَ سبب اها سچاٽپ جهڙي ڄاڻڻ گهرجي.

مسخرو: جئين نه چوندا آهن ته 'بلي شير ڪُون پڙهايا، ڦر بلي ڪُون کاوڻ آيا' - وڇونءَ جا ٻچا وڏا ٿين، ته ماءُ ڪي پـَـٽي کائي وڃن!

بادشاهه: تون منهنجي ڌيءَ آهين نه؟

ملڪا: بابا، چڱو ته ائين آهي ته خدا جيڪو عقل اوهان کي ڏنو آهي، سو ڪم ۾ آڻيو. ۽ هيءَ نامناسب هلت ڇڏي ڏيو. جو اُها اوهان ۾ چڱي نٿي لڳي.

مسخرو: بيهه، اجا ڪٿي ڳالهه پيئي آهي - اجا رنگ ڏستدين!

بادشاهه: هتي ڪو مون کي سڃاڻي ٿو يا نه: آءٌ 'شاهه ايليا' ته ناهيان! ايليا هيئن هلندو آهي ڇا، هيئن ڳالهائيندو آهي ڇا، هن جون اکيون ڪٿي آهن؟ ضرور يا منهنجو مٿو ڦريو آهي، يا هوش خطا ٿيو آهي! آءٌ جاڳان ٿو، يا ننڊ ۾ آهيان!.... ڪو مون کي ٻڌائيندو ته آءٌ ڪير آهيان؟

مسخرو: شاهه ايليا جو پاڇولو!

بادشاهه: مون کي ته سمجهه ۾ نٿو اچي، اعتبار ۾ نٿو اچي، ته مون کي ڪي ڌيون هيون!

مسخرو: جي پيءُ کي ماري مڃائي، پنهنجو تابعدار ڪنديون!

بادشاهه: راڻي صاحب، تنهنجو نالو ڇا آهي؟

ملڪا: اهي اوهان جيون ٻوليون بـه اهڙيون آهن، جهڙيون ٻيون اجايون ۽ بيواجبي هلتون، جي هيستائين پٺي ڪيون اٿو. پلاڻي ڪري، جيڪي آءٌ چوان ٿي سو ڌيان ڏيئي ٻڌو. اوهين پيرمرد ۽ بزرگ آهيو، تنهنڪري اوهان کي عقل ڌارڻ گهرجي. اوهين سؤ سوارن جو ڊنبلو پاڻ سان رکو ٿا، جي اهڙا بد چال ۽ بيحيا ۽ سرڪش آهن، جو اسان جي محلات ئي ڪٽي ڏني اٿن؛ چڻ ته ڪو عـام مسافرخانو آهي! ايتري عياشي ۽ حرامخوري ۽ شراب نوشي ٿا ڪن، جو پانئجي ته هي ڪو شراب خانو يا ڪا بازار آهي، شريف ماڻهن جو گهر ناهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهڙيءَ بيشرميءَ کي ضرور هڪدم بند ڪرڻ گهرجي. جيڪي هينئر آءٌ منت سان ٿي چوان، سو پوءِ لاچار زور سان ڪرڻو ٿيندم. پلاٽي ڪري، اهو پنهنجو لشڪر نوڪرن جو گهٽائي ڇڏيو: جيڪي ٿورا باقي پاڻ وٽ رکو، سي بہ اهڙا رکو. جي اوهان جهڙا پيرمرد هجن، ۽ جي پاڻ کي سڃاڻن ۽ اوهان کي بہ.

بادشاهہ: (چڙ مان) انهيءَ کان جهنم ۾ رهڻ چڱو آهي ... هٿوس ڪڏ ڦرا! اڙي، گهوڙن کي زين ڪريو. منهنجا ماڻهو سڀ سڏي گڏ ڪريو: آءٌ هتي نہ رهندس.... هڪڙي ڌيءَ اڃا بہ اٿم. رڳي هيءَ ناهي!

ملڪا: اوهين منهنجن ماڻهن کي مارڪُٽ ڪريو ٿا ۽ اوهان جا بي فضيلت نوڪر پاڻ کان چڱن کي پيلي ڪري وهائن ٿا. (اتي 'منسا' لنگهي اچي ٿو.)

بادشاهہ: حيف آهي انهيءَ کي، جيڪو دير سان پڇتائي! (منسا کي) واهہ سائين، واهہ، چڱو جو آيو آهين. تنهنجي اها ئي مرضي آهي ڇا؟ ٻڌاءِ ٻڌاءِ!.... اڙي، گهوڙا تيار ڪريو! بيشُڪري کهڙي نہ بري بلا آهي: اولاد کي تہ ڦيرايو، جن پوت کان بہ وڌيڪ خراب ۽ خوفناڪ ڪريو ڇڏي!

منسا: سائين مهرباني ڪري ذرو تحمل ڪريو.

بادشاهہ: خراب رن، تون ڪوڙي آهين. منهنجا ماڻهو اهڙا ناهن: هو چونڊيل، اشراف ۽ فضيلت وارا آهن. هنن کي پنهنجن فرضن جي چڱي خبر آهي، هنن کي پنهنجي عزت آبرو پياري آهي. ڏسو تہ سهي، ڪين جهڙي ڳالهہ "صوفيا" ۾ مون کي اهڙي ڪاوڙ لڳي، جو ساري بدن کي باهہ وٺي وئي، منهنجي دل مان سڀ محبت اُڏامي ويئي، ۽ نفرت پيدا ٿي. هاءِ هاءِ، گهوڙا گهوڙا، حيف اٿئي ڙي ايليا.... او ايليا، ... ايليا! (مٿو پٽي) هن در کي ڪُٽ، جنهن عقل کي ٻاهر وڃڻ ڏنو، ۽ بيعقليءَ کي اِندر اچڻ ڏنو! هلو هلو، نوڪرؤ چاڪرؤ، هلو....

منسا: سائين، منهنجو تہ ڪوبہ قصور ڪونهي، مون کي انهيءَ قصي جي ڪابہ خبر! ڪانهي — الا جي اوهين ڪهڙيءَ ڳالهہ تان خفي ٿيا آهيو؟

بادشاهہ: هائو، سائين، توکي ڪا پلا خبر هوندي. (ٿورو ماٺ ڪري، مٿي هٿ کڻي) يا خدا، هن نياڻيءَ ندوريءَ کي ڪوبہ ٻار ٻچو اڪئين نہ ڏيکار - شل هيءَ ٻار جي لاءِ سِڪي مري، شل هن جو ڪوبہ نشان پنتي نہ رهي! پر،


Scanned with CamScanner

جي هن جي نصيب ۾ ڪو ڀار ٻچو لکيل هجي، تہ اهو بہ اهڙو ڪو ناصالح ڏجيئنس، جو هن کي سدائين پيو ڏجها ۽ عذاب ڏئي، جنهن جي ڪري هن کي ننڍيءَ وهيءَ ۾ ئي فڪر ۽ ڳڻتي ڪُراڙو ڪري ڇڏي، ۽ روئي روئي ڳلن جو ماس ڳري وڃيس: هي جيڪي ماءُ وارا پورهيا ڪري ۽ ڪشالا ڪڍي، سي سڀ ڪُٽ ڪجيئن — پلي تہ قدر پويس تہ بيشڪر ۽ ناصالح اولاد، نانگ جي ڏنگ کان بہ وڌيڪ ايذاءُ ٿو پهچائي! هلو، بابا هلو... (نڪري وڃي ٿو.)

منسا: خبر نہ آهي تہ ڇا ٿيو آهي. خدا شل خير ڪري!

ملڪا: اوهين ٻي ڳڻتي ڪانہ ڪريو، هي ڪراڙو آهي، تيسي ڪان پيو وڦلي — پاٽيهي وڦلي وڦلي جاءِ ايندو.

(بادشاهه وري لنگهي اچي ٿو، ۽ روئي چوي ٿو.)

بادشاهه: ڇا، اڌ مهينو ئي نہ گذريو آهي، تہ منهنجا ماٺهو گهٽجي وڃي پنجاهہ تي بيٺا آهن!

منسا: سائين، الاجي ڇا ٿا چئو؟

بادشاهه: ٻڌ. (ملڪا کي) قسم خدا جو، مون کي شرم ٿو اچي تہ هن عمر ۾ تو مون کي روئاريو آهي. هي رت جو هنجون جي باهہ وانگي منهنجين اکين مان وهن ٿيون، تن جي شل توتي هچا پوي: تون خراب ۽ ٻجڙي ٿيندينءَ، پيءُ جي پِٽ تنهنجي عضوي عضوي کي لڳندي ۽ اونها گهاوَ ڪندي! اڙي، منهنجون نياڻيون اکيون، جي اوهان وري ڪڏهن هن ڏک ۾ رنو آهي، تہ آءٌ اوهان کي پَٽي اُڇلائي ڇڏيندس! (ٿورو ماٺ ڪري) پر، خير، حرڪت ڪانهي، منهنجي اڃا ٻي بہ ڌيءَ آهي - مون کي پڪ آهي تہ اها نرم دل ۽ مروت واري آهي - اها منهنجي چڱي خدمت ڪندي. جڏهن هوءَ ٻڌندي تہ تو مون سان ڪهڙيون جنيون ڪيون آهن، تڏهن ڪاوڙ مان هوءَ ننهن سان تنهنجي مُنهن جو ماس ئي پَٽي وٺندي! پاٽيهي توکي خبر پوندي تہ جهڙي آبرو ۽ سک ۾ اڳي پئي گذاري، اهڙي ۾ وري هاڻ بہ پيو گذاريان - ائين نہ ڄاڻج تہ اهي مون اصل ڇڏي ڏنا آهن! (بادشاهه زابلون ۽ ٻيا نوڪر نڪري وڃن ٿا.)

ملڪا: ڪي سهي ڪريو ٿا؟

منسا: پياري ملڪا، آءٌ سچ چوان ٿو، پاسداري ڪانہ ٿو ڪريان تہ...

ملڪا: اوهين پلائي ڪري ماٺ ڪري ويهو. او شمشاد، شمشاد، آهي ڪو؟ (مسخري کي) نڪر تون بہ هتان، بدمعاش، پنهنجي ڏٽيءَ جي پنيان لڳ!

مسخرو: چاچا ايليا، چاچا ايليا، - بيهه ته سهي، بيهه ته سهي ...
پنهنجي مسخري کي ته پاڻ سان وٺيو وڃ!

(ڳائي ٿو)

جنهن کي هجي هھڙي نياڻي،
تنهن جي قسمت آهي ڪاڻي،
هن کان بهتر ڇتي گيدڙي،
پنهي کي گڏي هٿجي اُماڙي،
يا ته ڏجي نئي تن کي ڦاسي،
ڇُتي تن مان سيڪو ساسي!

(نڪري وڃي ٿو)

ملڪا: هن پريئي مڙس کي مون چڱي صلاح ڏني آهي. سچا سؤ سوار! پلا، سؤ سوار هٿيارن پنوهارن سان تيار رکڻ کو ضرور آهي، کو مناسب آهي! اڃي پويس کو پُور، يا ڪڏهن کو شڪ پويس، يا کو پڪاريس، يا کو چڙ ڏياريس، ته پوءِ جيئن وٽيس تيئن اسان کي تڪليف ڏئي - انهيءَ ۾ اسان جي جان کي جوکو آهي! شمشاد، شمشاد، جلدي آ.

منسا: توکي رڳو اجايو ڊپ ٿو ٿئي.

ملڪا: اجائي ويساهه رکڻ کان اجائي ڊپ رکڻ ۾ وڌيڪ سلامتي آهي: هميشه ڊپ ۾ رهڻ کان بهتر آهي ته اُهي ڊپ واريون شيون ٽاري ڇڏجن. مون کي سندس دل جي منشا جي خبر آهي. جيڪي پاڻ وات سان چيو اٿس، .... سو مون پنهنجيءَ ڀيڻ ڏي لکيو آهي، هوءَ هاڻ ڪڏهن کيس سؤ سوارن سميت پاڻ وٽ رهائڻ جي هام نه ڀريندي. مون کيس سمجهايو آهي ته ائين ڪرڻ مناسب ناهي. (اتي شمشاد خط کڻي اچي ٿو) اهو خط لکيو اٿئي چا، منهنجيءَ ڀيڻ ڏي؟

شمشاد: هائو، حضور.

ملڪا: چڱو، هاڻ کي ماٺهو ساڻ ڪري، هڪدم گهوڙن تي چڙهي، سپ جلدي وڃو. جنهن ڳالهه جو مون کي خطرو آهي، اُها ساري چڱيءَ طرح بيان ڪري اديءَ کي ٻڌائجانءِ، ۽ جيڪي حجت دليل پنهنجي دليان ڏيئي سگهين، اُهي به ڏيئي، ڳالهه ذهن نشين ڪجئينس. جلد وڃ، ۽ وري سگهو موٽ. (شمشاد نڪري وڃي ٿو) نه نه، اوهين حد کان وڌيڪ نرمي ڪرڻ وارا آهيو: اهڙي رستي کان اگرچ مون کي نفرت نٿي اچي، تڏهن به معاف ڪجو، جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نرميءَ مان نقصان پهچي، تنهن جي لاءِ ماڻهن ۾ اوهان جي ايتري تعريف ڪانهي، جيتري اوهان جي عقل جي ڪوتاهيءَ جي ڳالا آهي.

منسا: خبر نہ آهي، تنهنجي ڪيتري پري نظر ٿي پوي. ائين نہ ٿئي، جو بهتر شيءِ جي لاءِ متي هٽندي، ڇڱي شيءِ بہ هٿان هلي وڃي.

ملڪا: نہ نہ، تڏهن...

منسا: خير، اڃهو پاڻيهي نتيجي مان ڳالهہ معلوم ٿيندي. (نڪري وڃن ٿا.)

## پردو پنجون

ساڳئيءَ جاءِ جو ورانڊو

(بادشاهہ، زابلون ۽ مسخرو لنگهي اچن ٿا.)

بادشاهہ: (زابلون کي) هي خط کڻي، جيشان ڏي وڃ. منهنجيءَ ڏيءَ کي تون پاڻيهي ٻيو ڪي ڪين چئج: خط پڙهڻ کان پوءِ، جيڪي پڇيئي، تنهن جو جواب ڏجئينس. جي تڪڙو نہ ويندين، تہ توکان اڳي آءٌ وڃي پهچندس.

زابلون: (ڳائي ٿو)

آءٌ آهيان خدمت ۾ حاضر، سائين، ري![1]

نيان نہ جيسين هي خط پاڻ سان، ۽ ڪاهيان جلد جلد، هوڏي پهچائي ڏيان پڻ، تند اکين ۾ناهي تيستائين، سائين........

(نڪري وڃي ٿو.)

مسخرو: جيڪڏهن ماڻهوءَ جو مغز ڪُـڙيءَ ۾ رکيل هجي ها، تہ جيڪر لڦون پونس ها ڪي نہ؟

بادشاهہ: بيشڪ پونس ها.

مسخرو: تڏهن توکي مزو ٿيو، تنهنجي عقل کي اصل لڦ نہ پوي - ڀلا، هجي، تہ پوي!

بادشاهہ: ها ها ها (ٽهڪ ڏيئي کلي ٿو.)

مسخرو: ڏس تہ تنهنجي ٻي ڌيءَ توسان ڪهڙا پير ٿي کڻي. نمونو مڙئي هڪڙو سمجهجئين - پاڻ هن کان ڪسرا! ڀلا، توکي خبر آهي تہ ڇو ماڻهوءَ جو نڪ منهن جي وچ تي آهي؟

---

[1] طرز: "مين واڪي درشن واڪيي پائون ري"

بادشاهه: نه.

مسخرو: انهيءَ لاءِ، ته اکين سان نڪ جي ٻنهي پاسي ڏسي سگهجي - يعني، جنهن شيءِ جي ماڻهوءَ کي ٻانس نه اچي، انهيءَ کي اکين سان چتائي ڏسي.

بادشاهه: مون ويچاريءَ صوفيا کي ناحق رنجايو!

مسخرو: توکي خبر آهي ته سِپ پنهنجو گهر ڪيئن ناهيندي آهي؟

بادشاهه: نه.

مسخرو: انهيءَ جي مون کي به خبر ڪانهي، باقي انهيءَ جي خبر اٿم ته گهُنگهُو پنهنجو گهر ڇو ناهيندو آهي.

بادشاهه: ڇو ناهيندو آهي؟

مسخرو: پنهنجي سسي لڪائڻ لاءِ، سمجهي ٿو ته جي گهر پنهنجين ڌيئن کي ڏيئي ڇڏيندس، ته آءٌ پاڻ ڏکيو ٿيندس!

بادشاهه: (ٿڌو ساهه کڻي) آءٌ پنهنجو سڀاءُ وساري ڇڏيندس - ڪهڙو نه مهربان پيءُ هوس!.... منهنجا گهوڙا تيار آهن؟

مسخرو: تنهنجا گڏهه ويا آهن انهيءَ ڪم ٿي. قطب واريءَ ڪَتِ جا تارا ڪهڙي سبب سَتن کان وڌيڪ ناهن؟

بادشاهه: ڇا لاءِ جو اَٺ ناهن.

مسخرو: برابر. تون مسخرو چڱو نهين!

بادشاهه: ڇوڪريءَ ڪهڙا نه ڊڙڪا ٿي ڏنا!...

بيحيا، بيشرم!

مسخرو: چاچا، جي تون منهنجو مسخرو هجين ها، ته آءٌ جيڪر توکي وقت کان اڳي ڪُراڙي ٿيڻ جي ڪري مار ڏياريان ها!

بادشاهه: سو ڪيئن؟

مسخرو: جيستائين عقل نه سکين ها، تيستائين ڪُراڙو نه ٿين ها!

بادشاهه: ڇڏ ڇڏ، مون کي چريو نه ڪر. يا خدا، مون کي ديوانگيءَ کان بچائجئين، مون کي هوش ۾ رکيو اچجئين! (اِتي هڪ نوڪر گهڙي اچي ٿو.)

اڙي، گهوڙا تيار آهن؟

نوڪر: حضور، تيار آهن.

بادشاهه: (مسخري کي) اچ، ڇوڪرا!

(نڪري وڃن ٿا.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب پيو

# پردو پھريون

امير 'روبيل' جي محلات جو ورانڊو

('شمعون' ۽ درباري 'سليم' آمهون سامهون اچي گڏجن ٿا.)

شمعون: آ. سليم. خوش تہ آهين؟

سليم: خير هجي. آءُ اوهان جي پيءُ وٽان ٿو اچان. مون کيس اطلاع ڏنو آهي تہ 'جيشان' جو بادشاهہ ۽ شاهزادي 'زلفا' اڄ رات وٽس اچڻا آهن.

شمعون: ڪهڙو ڪم آهي؟

سليم: خبر ناهي. اوهان ملڪ جي خبر چار تہ ٻڌي هوندي - يعني جيڪي ڪَن جون ڳالهين مخفي پيون هلن.

شمعون: نہ. مون تہ ڪين ٻڌيون آهن. چو. ڇيو تہ خير آهي؟

سليم: اوهان ڪونہ ٻڌو آهي تہ 'جيشان' ۽ 'جلجال' جي بادشاهن جي وچ ۾ جلد جنگ لڳڻ جو گهڻو امڪان آهي!

شمعون: مون تہ اهڙيءَ ڳالهہ جي ڀڻڪ بہ ڪانہ ٻڌي آهي.

سليم: اڇهو. جلد ٻڌندؤ. هاڻ خدا حافظ(وڃي ٿو.)

شمعون: جيشان جو بادشاهہ اڄ رات هتي ايندو! واهہ. اها ڳالهہ سڀ کان چڱي. هاڻ مون کي مزو آهي - انهيءَ مان منهنجو مطلب پاڻ چڱو ٿيندو. بابي. ادي شمسون جي پڪڙڻ لاءِ چاري چڏيا آهن. هڪڙي ضروري ڪم جو مون کي انتظار آهي. سو جلد ٿي پوي تہ چڱو. قسمت چڱي آهي. ۽ همت ۽ چالاڪي ڪبي تہ ٿي پوندو. ادا. هاڻ پاڻيهي خبر پوندي - هاڻ چاڻ تہ گوڏن هيٺ آهين! ذرو راڳ ڳائي. دل تہ خوش ڪريان. (ويهي ڳائي ٿو)

[1] قرب وارن کي بہ. اي يار. ڪڏهن ياد ڪجي.
دل ناشاد کي ڪو دم تہ سچڻ شاد ڪجي!
جي ڪريون عرض. تہ ڪاوڙ مان هڻين تير تفنگ.
داد خواهن سان پلا اهڙو ڪو بيداد ڪجي!

---

[1] راڳ 'تلنگ'
طرز: "دل لگا يار سي. اس دل کا چڑانا مشکل"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شمعون: بابا. اڄهو اتي اونداهيءَ ۾ ويٺو هو. ترار کڍيو، الاجي ڪهڙي پٽي پڙ - پڙ ڪيائين. خبر ناهي، ڪو جادو ٽي ڪيائين. ڪي چا!

روبيل: پر بہ ويو ڪيڏي؟

شمعون: (ٻانهن ڏيکاري) ڏسو، بابا. مون کي ڦٽي وڌو اٿس - اڄهو رت پيو وهي!

روبيل: شمعون، ڏس تہ ڏي، اهو حرامزادو ڪٿي آهي.

شمعون: سائين، اِڄهو هن طرف ڀڄي ويو.

روبيل: (نوڪرن کي) اڙي، ڊوڙو پٺيانئس. نہ ڇڏيوس! (نوڪر نڪري وڃن ٿا.)

شمعون: پهرين مون کي زور ڪيائين نڱاريائين. تہ بابي کي ماري ڇڏيون. پر مون سندس ڳالهہ نہ مڃي، ۽ چيومانس تہ اهڙي اگري پاپ ڪري خدا ڏاڍو رنج ٿيندو. اولاد تي ماءُ - پيءُ جا وڏا حق آهن. انهن کي هنن جو گهڻو ادب رکڻ کپي. نيٺ، سائين، جڏهن ڏٺائين تہ آءٌ مڙڻ جو ناهيان، ۽ سندس مخالف ٿي بيٺو آهيان، تڏهن جهٽ ڏيئي، لڪل ترار ڪڍي، منهنجيءَ ٻانهن ۾ چُـپائي ڪڍيائين. ۽ جڏهن آءٌ همت ڪري ساڻس وڙهڻ لاءِ تيار ٿيس ۽ هڪلون ڏنم، تڏهن ڊپ کان اوچتو اُٿي ڀڳو!

روبيل: ڀلي ڀڄي، ڏسون تہ ڪيڏي ٿو وڃي- هن ملڪ ۾ تہ لڪي نہ سگهي - جتي هٿ آيو، اتي پورو ڪري ڇڏيندوسانس! اسان جو ڏٽي ۽ حاڪم اڄ رات هتي اچڻو آهي، انهيءَ جي اختياريءَ سان، آءٌ ملڪ ۾ پڙائي ڪرائيندس تہ جيڪو انهيءَ نامرد خونيءَ کي جهليندو، ۽ اسان تائين پهچائيندو، تنهن کي آفرين ملندي، ۽ جيڪو انهيءَ کي پناهہ ڏيندو، تنهن کي موت جي سزا ملندي!

شمعون: پهرين تہ مون گهڻو ئي سمجهايو مانس تہ من انهيءَ ارادي تان لهي وڃي، پر جڏهن ڏٺم تہ هي مڙڻ جو ناهي، تڏهن چڙ مان دڙڪو ڏنومانس تہ آءٌ اها ڳالهہ ظاهر ڪندس. تنهن تي چيائين تہ "تون ڙي، حرامي ڦـرَ، اڳ - جاوا، لاوارث پيءُ جا پٽ، جتي آءٌ کا ڳالهہ ڪندس، اتي، تون ڪهڙو بہ معتبر، نيڪ ۽ لائق ڪٿي هجين، تہ بہ تنهنجيءَ ڳالهہ تي پت ڪير ڪندو؟ تون ڳالهہ ظاهر ڪندين، تہ چا ٿيندو: آءٌ انڪاري ٿيندس، پوءِ ڀلي تون ڪٿي منهنجا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دستخط پيش ڪجئين! جنهن به ڳالهه ڪان آءٌ مُـڪريس، سا چوندس تـه تـه ڪوڙ ڪري مون کي نقصان پهچائڻ لاءِ ناهه ڪيو آهي. جهان کي ايترو مڙئي عقل آهي، جـو سمجهنـدا تـه منهنجـي مـرڻ ڪـري توکـي فـائدو پهچنـدو، ۽ تنهنڪري ضرور انهيءَ ورثي تـرڪي جي لالچ تـي تـو منهنجـي مـارڻ جـي ڪوشش ڪئي هوندي!"

روبيل: (ڏند پيڙي) پلا، پڪا بدمعاش! چا، هو پنهنجي خـط کـان بـه انڪاري ٿيندو ڪينءَ؟ پلي تـه هٽ اچي! (اتي قرنا جو آوازبڌجي ٿـو). اچهـو، بادشاهه اچي ٿو. خبر ناهي، سندس هت تشريف آڻڻ جو ڪهڙو سبب آهي؟ سيني بندرن تي آءٌ چاري رکندس - اهو حرامخور ڪٿان ڀڄي سگهندو! بادشاهه اهڙي موڪل مون کي ضرور ڏيندو. تنهن کان سواءِ، آءٌ هن جي تصوير ويجهو توڙي پري موڪلي ڏيندس، تـه پلي ساري ملڪ جا ماڻهو سڃاڻي ڇڏينس. بابا، شمعون، تون ارمان نـه ڪـر، آءٌ پاڻيهي اهـڙو بندوبسـت ڪنـدس، جنهنڪـري منهنجي سڀ ملڪيت نيٺ تنهنجي ٿيندي.

(اتي شاهه ڪالاب، زلفا ۽ سندن نوڪر لنگهي اچن ٿا.)

ڪالاب: ڪيئن: امير روبيل، اچڻ سان مون هڪڙي عجيب خبر ٻڌي آهي!

زلفا: جي اُها سچي آهي، تـه جيترو جلد ٿي سگهي، اوترو انهيءَ ڏوهـاريءَ کي سزا ملڻ گهرجي. امير صاحب، خوش تـه آهيو؟

روبيل: حضور، منهنجي تـه دل ڀڄي پيئي آهي، منهنجو تـه هيانءُ ڇڄي پيو آهي!

زلفا: چا، انهيءَ شمسون توکي مارڻ جي نيت ڪئي هئي - اهو، جنهن کي بـابو پٽ ڪـري چاڻندو هو، ۽ جنهن جو نـالو بـه بـابي رکيوهو؟ هو اهـڙو ڪيئن ٿيو!

روبيل: حضور، حضور، ڳالهه ئي نـه پڇو. ڳالهه ڪرڻ شرم ٿو اچي.

زلفا: هو بابي جي خر مغز سوارن جو سنگتي تـه نـه هو؟

روبيل: انهيءَ جي تـه مون کي خبر ناهي توبهه توبهه!

شمعون: هائو، حضور، هو انهن جي سنگت ۾ هو.

زلفا: تڏهن انهيءَ ۾ عجب ڪونهي. شـڪ نـاهي تـه انهن هن کي چوريـو هوندو تـه پيءُ کي پورو ڪر، تـه خرچ پکـو ڪشـادو ٿيئـي. مـون کي اديءَ کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پردو ٻيو

امير 'روبيل' جي محلات جي اڳيان ميدان

('زابلون' ۽ 'شمشاد' آمهون سامهون اچي ملن ٿا.)

شمشاد: ادا، تون هن گهر جي ماڻهن مان آهين؟

زابلون: هائو.

شمشاد: اسين پنهنجا گهوڙا ڪٿي ٻڌون؟

زابلون: ڪَنڌَ ۾.

شمشاد: پائو. پلاڻي ڪري ٻڌاءِ!

زابلون: آءٌ تو سان پلاڻي ڪرڻ نٿو گهران!

شمشاد: چڱو، تہ تنهنجي بہ مون کي پراهه ڪانهي.

زابلون: جي ڪاٺ ۾ وجهايئين، تہ پاڻيهي جيڪر منهنجي پرواهه رهيئي!

شمشاد: خير ناهي چو ٿو اسان سان اهڙو شوخ ٿين - آءٌ تہ توکي نٿو سڃاڻان؟

زابلون: آءٌ تہ توکي سڃاڻان ٿو!

شمشاد: آءٌ ڪير آهيان؟

(زابلون ڳائي ٿو)

تون ڙي پادر ڪائڻ وارو،[1]
آهين بيشڪ ڪتو ڪارو!
تون ڙي احمق لچ ڪمينو،
هر ڪنهن ساڻ رکين تون ڪينو،
سڙي حسد کان تنهنجو سينو،
ڪونهي تو ۾ قرب قرينو-
تون ڙي پادر...
تون ڙي گهٽيون ڪُوچا گهمي لُچا،
ڪائين ڏڪا، ڪائين ڌڪا،
ڏسي توکي مرون موڳا،
ٿين ڦڪا ٿين ڦڪا،

---

[1] طرز: "ايسي دو کان ديني والي"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاسي پاسي گندا گيدي،
بيشڪ آهين لچا گيدي،
جڳ تو ڇاٽي توکي گيدي،
مور نه آءُ مون آڏو گيدي -

تون ڙي پادر...

تون ڙي ڏچتا پنتا نيچ نياڳا،
آهين سچ حرامي ڪو،
هر ڪنهن هنڌ ڪرين بدمعاشيون،
آهين رهزن نامي ڪو،
پاسي پاسي ڪُتا پاسي،
پُچ ڪُتي جا، ٿي تون پاسي،
اڳ چڏي ٿي مون ڪان پاسي،
شهر سچي ڪان هوئين شل پاسي،
منهن پنهنجو ڪارو ڪر،
احمق جلد اکين ڪان ٽر،
جهنم ۾ وڃين تون مر،
اهين سچ ڪتي جو ڦر،
اڙي وڃ وڃ نڪر،
تنهنجو نسل سچاٽان سارو -

تون ڙي پادر...

شمشاد: تون کو مغز ڦريل ماڻهو ٿو ڏسجين، جو چاٽڻ سچاٽڻ کان سواءِ ماڻهن کي گاريون ڏيندو وتين!

زابلون: تون کو بيشرم بيحيا ٿو ڏسجين، جو مون کي سچاٽڻ کان انڪار ڪرين ٿو! ۽ ڏينهن ٻه ڪين ٿيندا، جو بادشاهه سلامت جي روبرو توکي ڦڙتي هٽي ڪيرايو هوم. ۽ موچڙا هنيا هٺامئين - چو، وسري ويا اٿئي چا"(ترار ڪڍي) ڪڍ پنهنجي ترار، چور بدمعاش. بچاءِ پاڻ کي - رات آهي ته حرڪت ڪانهي، چاندوڪي جرهي آهي - ڪڍ ته خبر پوئي!

شمشاد: وڃ وڃ، منهنجو توسان ڪوبه ڪم ڪونهي.

زابلون: حضور، فيض گنجور، آءٌ قسم کڻي ايمان جي ڳالھہ ٿو ڪريان تہ حضور جي فيض جو ستارو، جو سج جي روشنائيءَ کان بہ زياده جھان تي چمڪندڙ آهي، تنھن جي آسري تي...

ڪالاب: هيءَ ڪھڙي ننولي لاٿي اٿئي؟

زابلون: بس سائين، منھنجو تُلھو سادو ڳالھائڻ اوھان کي پسند نٿو اچي، تڏھن لاچار پنھنجيءَ مرضيءَ ۽ طبيعت جي برخلاف اھا ٻولي ٿو ڳالھايان - مون کي خبر آهي تہ آءٌ خوشامد ڪرڻ وارو ناھيان. جنھن اوهان کي صفا ڳالھائڻ سان ٺڳيو هو ۽ گمراھہ ڪيو هو، سو صفا ٺڳ هو. آءٌ مري پوندس، تہ بہ اھڙو نہ ٿيندس - پوءِ ڀلي انھيءَ بابت اوهان جي ڳالھہ نہ مڃڻ ڪري اوهان کي چڙ لڳي.

ڪالاب: (شمشاد کي) ڪھڙي ڳالھہ تي تو هن کي چڙ ڏياري؟

شمشاد: مون ڪا بہ چڙ ڏيارڻ جھڙي ڳالھہ هن سان نہ ڪئي: ٻہ ٽي ڏينھن ٿيندا جو بادشاھہ هن جي ڏٺيءَ، بي سبب مون کي ڌڪ هنيو، ۽ هن سندس خوشامد ڪري مون کي ڦرتي هٿي ڪيرائي وڌو، ۽ گھڻ وڌ ڳالھايو، ۽ مون کي بي آبرو ڪيائين. مون منھن ڪرڙو ڪري، پنھنجو نفس ماري، ماٺ ڪري گذاري، پر بادشاھہ هن جي بھادريءَ ۽ لياقت جي ڏاڍي تعريف ڪئي، ۽ هن کي آفرين ڏني، ڇڻ تہ ڪو وڏو پھلوان ساماٿو آهي - انھيءَ جي هشيءَ تي، وري اڄ هتي مون تي ترار ڪڍي آيو!

زابلون: ھھڙا نامرد مُڇو، ڪنھن کي بہ پاڻ جھڙو ڪين سمجھندا آھن.

ڪالاب: (نوڪرن کي) اي، وڃي ڪاٺ کڻي اچو (زابلون کي) بيھہ، ڪراڙا ٺڳ، ٻڍا ٻٽاڪي، ڏس تہ توکي ڪھڙو نہ سبق ٿو سيکاريان!

زابلون: سائين، منھنجي عمر سبق سکڻ کان مٿي آهي، منھنجي لاءِ ڪاٺ نہ گھرايو. آءٌ بادشاھہ سلامت جو نوڪر آهيان. انھيءَ مون کي پيغام سان اوهان ڏي موڪليو آهي. هن جي قاصد کي ڪاٺ ۾ وجھندؤ، تہ اھا هن جي بي آبروئي آهي. ائين ڪرڻ ڪري اوهين منھنجي ڌڻيءَ کي رنج ڪندؤ، ۽ پنھنجي نفرت هن ڏي ظاهر ڪندؤ.

ڪالاب: جلدي کڻي اچو ڪاٺ ... اڄ ضرور هن کي ٻپھرن تائين ڪاٺ ۾ رھڻو پوندو!

(ٽورو ماٺ ڪري، زابلون وري ڳائي ٿو.)

خاوند سائين، ڪر ڪا ستاري، وي.[1]

دردن ۾ هن دنيا جي نت،

عمر ويئي منهنجي ساري، وي.....

دنيا آهي بند بخانو،

چار طرف چوڌاري، وي.....

ڏکن مٿان ڏک اچن ٿا،

دل مصيبت ماري، وي.....

قسمت پنهنجي سڀڪو ڀوڳي،

لابد آهي لاچاري، وي.....

ڪنهن جي ڪانه چلي ٿي ات ڪا،

بات اها آهي ڀاري، وي.....

حال هجي مر ڪهڙو ٻي هت،

واجب شڪر گذاري، وي.....

(ٽورو بس ڪري، چوي ٿو.)

زابلون: ويچارو بادشاهه! پاڻيهي هاڻ خبر پونديس، جو پراون درن تي ڌڪا ڪائيندو. (ڪيسي مان خط ڪڍي) ڏينهن ٿي ويو آهي، سج اُڀري، ته هي خط پڙهان. جڏهن انسان تي مصيبت اچي ٿي، تڏهن جيڪي عجائب غرائب هو ڏسي ٿو، سي ڪنهن به ٻيءَ حالت ۾ نٿو ڏسي. مون کي پڪ آهي ته هي خط شاهزاديءَ صوفيا جو آهي. هن کي شايد خبر پئجي ويئي آهي ته آءٌ ويس بدلائي نڪتو آهيان. ضرور هوءَ، وجهه ڏسي، سختيءَ جي حالت ۾ مون کي ۽ بادشاهه کي مدد ڏيندي، ۽ جيڪي بيواجبي ٿي گذريو آهي، تنهن جو بلو ڪندي. هاڻ ته سمهي ننڊ ڪريان - ٿڪجي پيو آهيان. ۽ اوجاڳي ڪان اکيون ئي پورجيو ٿيون وڃن. پاڻ چڱو، هن نياڳي گهرَ جي شڪل ته نه ڏسان. يلا. پئي لڇ خدا تي، من ستل نصيب وري جاڳي.

(سمهي رهي ٿو.)

---

[1] راڳ 'پهاڙي'

طرز: "اول دل جاني سو ووي متوارا ري".

www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com    Scanned with CamScanner

# پردو ٿيون

## ميدان

(شمسون بيٺو ڳائي)

مونکي آهي نت دور زماني جي ستايو، [1]
دردن بہ اجي دونهو آهي دل ۾ دکايو!
هر وقت ۽ هر جا آهيان حيران پريشان،
ڪنهن کي نہ غريبن تي ڪڏهن رحم ڪو آيو.
هي هي، آهيان بيوس، نہ چلي چارو ڪو منهنجو،
افسوس، حياتيءَ جو وڃي وقت اجايو.
بهتر آهي هاڻ خاڪ وسايان وڃي پرديس،
ويرين تہ ڪري وير وطن آهي ڇڏايو.
قسمت ۾ لکيو جيڪي، پَري سو، نہ ٽري مور،
راضي آءٌ رهان تنهن تي جيڪو رب جو رايو.

(ٽورو بس ڪري، چوي ٿو.)

شمسون: منهنجي نالي اشتهار جاري ٿيو آهي، ۽ ڍنڍورو گهميو آهي، سو مون پاڻ ٻڌو. وڻ جي ٿُڙ جي پور ۾ نہ لڪي وڃان ها، تہ ضرور پڪڙجي پوان ها. سپ ڪنهن بندر تي، سپ ڪنهن جاءِ تي، چاري پيا گهمن ۽ جاسوس پيا نهارين، تہ مون کي هٿ ڪن. پيچڻ ۽ لڪڻ ڪري آءٌ پنهنجي جان بچائي سگهندس، انهيءَ ڪري منهنجي دل ۾ اچي ٿو تہ ڪي ڦاٽا - ٽٽا ڪپڙا هٿ ڪري، فقيراڻو ويس ڪريان - اهڙو، جو سپ ڪنهن کي ڏٺي ڪراهت اچي. منهن کي ڪٽي مٽي مليندس، ڪٿو ڪٽي ڳوڏ ٻڌندس، ۽ ڳودڙيون ڪلهي تي رکندس، وارن کي ڇڏيندس تہ پلي ڳنڍيا ڳوڙها ٿي پون. ٻيو بت سچو اُگهاڙو ڪري، سيءَ واءِ ۾ نڪري پوندس. ڪيترائي ڄريا فقير ملڪ ۾ گهمندا پِنندا وتن، مون کي بہ اُنهن مان هڪڙو سمجهندا. جي 'ملنگ فقير' يا 'ڳودڙيو فقير' يا 'گهرام فقير' يا 'مستانو شاهه' سڏاير تہ اجا ڪو پچاءُ ٿيندم. ۽ جي 'شمسون' سڏاير تہ جاڻ تہ مُئس!

(نڪري وڃي ٿو.)

---

[1] راڳ 'سورٺ' . طرز: "اي رشڪ قمر دل ڪا جلانا نهين اڇها".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بادشاهه: اي، اهو کهڙو مڙس آهي، جنهن تنهنجو درجو نه سڃاتي، توکي هن بـُري حال ۾ ويهاريو آهي؟ زابلون: اُهو مڙس به آهي، زال به آهي - يعني تنهنجو نياٽو، ۽ تنهنجي نياڻي!

بادشاهه: ائين نه هوندو.

زابلون: ائين آهي.

بادشاهه: چوان ٿو، ائين نه هوندو!

زابلون: چوان ٿو، ائين آهي!

بادشاهه: نه نه، هو ائين ڪين ڪندا.

زابلون: هائو هائو، هنن ائين ڪيو آهي.

بادشاهه: مون کي پڪ آهي ته اهڙا ناهن.

زابلون: مون کي پڪ آهي ته اهڙا آهن.

بادشاهه: ڪهڙي طاقت آهي هنن کي ائين ڪرڻ جي، ڪهڙي اختياري آهي هنن کي؟ ڪڏهن نه ڪندا - اهڙو ظلم، اهڙي زبردستي! اهڙيءَ بي آبروئيءَ کان موت ڀلو آهي! جلدي مون کي ٻڌاءِ ته توکا حرڪت ڪئي هئي، جنهنڪري توسان هيءَ جوڳي جٺ ڪيائون. يا منهنجو ماڻهو ڄاڻي تو سان هي ناحق ڪيو اٿن؟

زابلون: حضور، جڏهن سائينءَ جا خط سندن گهر ڪين مون وٽ پهچايا، ۽ اجا ادب مان سندن اڳيان گوڏا پيچيو ويٺو هوس، ته هڪڙو قاصد سهڪندو آيو، ۽ وٺ - پچ ڪري، شاهزاديءَ ملڪا جا سلام به ڏنائين ۽ خط به ڏنائين. آءٌ وچ ۾ اُتي ئي ويٺو رهيس، ته هن جا خط جهٽ ۾ ويهي پڙهڻ لڳا. پوءِ سِتت ئي پنهنجا نوڪر سڏي، گهوڙا تيار ڪرائي، چڙهي ويا. مون کي حڪم ڏنائون ته اسان جي پٺيان آءُ، ته پوءِ فراغت مهل توکي جواب ڏينداسين. بس، وڏيڪ مون کي نکو پڇيائون نکو ڳاڇيائون. ائين ڪندي، هتي اُهو ساڳيو قاصد مون کي گڏجي ويو، جنهن جي اچڻ جي ڪري مون کي رد ڪري ڪـيئي ڇڏيائون. هي اُهو ساڳيو ماڻهو هو، جنهن انهيءَ ڏينهن حضور سان بي اُدبيءَ ۽ شوخيءَ سان ڳالهايو. هن کي ڏسي منهنجي رت جوش کاڌو، ۽ مون مٿس ترار ڪڍي ۽ وڙهڻ لاءِ هاڪاريومانس. هن گهوڙا - گهوڙا ڪري سارو گهر ڪٺي ڏنو. حضور جو نياٽو ۽ نياڻي ٻئي آيا. منهنجي سزا اها لائق سمجهيائون، جو هن طرح ڪٺي ڪاٺ ۾ وڌائون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏک ۾ پڇـي ٿـي پـري، واقـف نـــه وار جـو.
تـوڙي کٽـي هـو قسـر، قـادر ڪلـتـار جـو،
عاشـق تنهنجـو نــه آهـي، عاشـق ڪلـدار جـو.

زابلون: هيترو عقل ڪٿان پرايئه؟

مسخرو: ڪاٺ ۾ پوڻ سان ڪين پرايم، نه ته جيڪر تون به پرائين ها.

(اتي بادشاهه ۽ روبيل اچن ٿا).

بادشاهه : ڇا، مون سان ملي نٿا سگهن! - بيمار آهن، ٿڪجي آيا آهن، سڄي رات پنڌ ڪيو اٿن، ... رڳو ڪوڙا بهانا - دل ڪوڙي، عذر گهڻا! وڃ، سائين وڃ، مون کي اهڙا جواب نه گهرجن، وڃي ڪو بهتر جواب وٺي آءُ.

روبيل: حضور، آءٌ لاچار آهيان، اوهان کي خبر آهي ته اسان جو بادشاهه ڪهڙو نه طبع جو تکو ۽ چيڙاڪ آهي، ڪنهن ڳالهه تي بيهندو آهي، ته وري لهندو ئي ناهي.

بادشاهه:حيف اٿس! جهنم ۾ پوي! انهيءَ ڪان موت چڱو! - 'طبع جو تکو آهي، چيڙاڪ آهي'! روبيل، روبيل، مون کي ضرور شاهه ڪالاب ۽ سندس زال کي ڏسڻو آهي، ۽ ساڻن ڳالهائڻو آهي!

روبيل: حضور، مون هنن کي ائين اطلاع ڏنو آهي.

بادشاهه: 'اطلاع ڏنو آهي'! چڱا مڙس، سمجهين ٿو ته آءٌ ڇا ٿو چوان؟

روبيل: سائين ، آءٌ سمجهان ٿو.

بادشاهه: ايليا بادشاهه، جيشان جي حاڪم سان ملندو، پيءُ پنهنجيءَ پياريءَ ڌيءَ سان ڳالهه ٻولهه ڪندو: هن جو اهو حڪم آهي، جو هنن کي مڃڻ فرض آهي: انهيءَ بابت هنن کي خبر ڏني ويئي آهي يا نه؟ توبهه، توبهه- 'طبع جو تکو ۽ چيڙاڪ بادشاهه' - پنهنجي انهيءَ تکي بادشاهه کي چوءِ ته ... پر، خير، اڃا ڇڏينس - شايد بيمار آهي. طبيعت برابر نه هوندي آهي، ۽ چڱيلائيءَ وارا ڪم وسري ويندا آهن. جڏهن بدن به ضعيف ٿيندو آهي، تڏهن دل به ضعيف ٿيندي آهي." پوءِ اسان جو ڪوبه وس نه هلندوآهي، ۽ اسين ڦـريو پيا ٿيو پئون. مون کي تحمل ڪرڻ گهرجي." وڏيڪ شوخ ماٺوءَ سان ڪم پيو اٿئون، تنهنڪري بيمار جي هلت چڱي ڀلي جهڙي سمجهڻ نه گهرجي. (زابلون ڏي نهاري) پر هي چو ههڙي حال ۾ ويٺو رهي - ڪا هاءِ پيئي آهي ڇا انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زلفا: بابا، اوهين ضعيف آهيو. تنهن ڪري پاڻ کي گهڻو هلاڪ نہ ڪريو. اوهان کي گهرجي تہ هن مهيني جي پوري ٿيڻ تائين، اڌ سوارن جو ڇڏي، باقي اڌ سان موٽي وڃي منهنجيءَ ڀيڻ وٽ رهو. ڏسندي مهيني ۾ وري مون وٽ اچو: في الحال تہ آءٌ گهر کان ٻاهر آهيان. اوهان جي مهمانداريءَ جو پورو بندوبست ڪري نٿي سگهان.

بادشاهہ: ڇا، موٽي وڃان، ۽ پنجاهہ ماڻهو ڪيئي ڇڏيان! آءٌ قسم ٿو کڻان تہ گهرگهاٽ ڇڏي وڃي پڌر تي گذاريندس. برپٽ وسائيندس. بگهڙن ۽ چڀن جي سنگت ۾ وڃي رهندس. پر ائين نہ ڪندس! لاچاريءَ ۾ سڀ ڪجهہ روا آهي. گهر جو عذاب ڏاڍو بڇڙو آهي. واهہ، موٽي ٿو ساڻس وڃان. تنهن کان ڇو نہ آرميہ جي مغرور بادشاهہ وٽ وڃان، جنهن منهنجي ننڍي ڌيءَ ڏاج کان سواءِ قبول ڪئي آهي، ۽ سندس تخت وٽ گوڏا پيچي، ٻيءَ خلق وانگي ماهيانو گهري وٺان، ۽ انهيءَ تي ويهي پيٽ پاريان؟ ..... ساڻس موٽي وڃان! (شمشاد ڏي اشارو ڪري) تنهن کان ڇو نہ هن ڪميني غلام وٽ وڃي چاڪري ڪريان!

ملڪا: اُها تہ سائين اوهان جي خوشي.

بادشاهہ: خدا جي واسطي، ڌيءَ، مون کي چريو نہ ڪر. بابا، آءٌ توکي هلاڪ نہ ڪندس. خدا حافظ. اُميد آهي تہ وري پاڻ نہ ملنداسين. وري هڪٻئي کي نہ ڏسنداسين. انهيءَ هوندي بہ، تون منهنجو رت آهين، ماس آهين. يا تہ منهنجي ماس ۾ هڪڙو مرض آهين، جنهن کي لاچار آءٌ پنهنجو سڏيندس - ڇڻ تہ تون ڪني اڳر آهين، يا رت - ڳڙي آهين، يا ڦرڙي آهين، يا ڪر لاعلاج ڦٽ آهين. جو رت جي ڪرڻ ڪري پيدا ٿئي ٿو. پر، خير، آءٌ توکي وڏيڪ نہ چوندس. پاڻيهي ڪنهن مهل لڄ ايندئہ. پاڻيهي شرمندي ٿيندينءَ. آءٌ توکي نڪي هينئر پِٽيان ٿو، نڪي پاراتو ٿو ڏيان. جهڙي نيت، تهڙي مراد - پاڻيهي اک پٽبئي، پاڻيهي سمجهہ ايندئہ - آءٌ ڪٽي صبر ڪندس. آءٌ ڪٽي زلفا وٽ رهندس، پنهنجن سؤ سوارن سميت.

زلفا: ايترن سان تہ نہ. پر، سائين، اجا اوهان جو مون وٽ اچڻ جو وارو نہ هو. تنهنڪري آءٌ اوهان جي مهمانداريءَ جي لاءِ پوري تيار ناهيان. بابا، بهتر آهي تہ جيڪي ادي چوي ٿي سو مڃو. هوءَ اوهان کي پير مرد ڄاڻي اوهان جي ڪاوڙ ڏي نٿي ڏسي، مڙيو وڃي، ۽ اوهان جي خير خواهي ٿي ڪري. انهيءَ ۾ اوهان جي ڇڱائي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪالاب: ٻڍي جي پٺيان لڳو ويو. هو پيو اچي.

(روبيل موٽي اچي ٿو.)

روبيل: بادشاهہ تمام ڏاڍو ڪاوڙيو آهي.

ڪالاب: ڪيڏي رخ رکي ائس؟

روبيل: گهوڙا گهرايا ائس، آلاجي ڪيڏي ٿو وڃي.

ڪالاب: ڇڏجيس تہ جيئن وڻيس تيئن ڪري. پنهنجيءَ تي جو چڙهيو آهي، سو ٻئي جي ڪا ڳالهہ مڃيندو!

ملڪا: هن کي رهڻ لاءِ منٿ ئي نہ ڪريو.

روبيل: ارمان ٿو ٿئي تہ رات ٿي پوي ۽ طوفان ڪارنهن ڪيو ٿو اچي - ڪو هن ۾ ڪنڌ لڪائڻ لاءِ ٻوڙو ئي ڪونہ ٿو سجهي!

زلفا: هوڏي ۽ ٻي چيا ماڻهو پاڻيهي پاڻ کي تڪليفن ۾ وجهي، ان مان سبق سکندا آهن. اوهين پنهنجا در بند ڪري ڇڏيو. هن سان متي ڦريل خوفناڪ ماڻهو آهن. الاجي هن کي ڇوري ڪهڙي خرابي ڪري وجهن - انهيءَ جو ضرور ڊپ رکڻ گهرجي.

ڪالاب: چڱو، در بند ڪري ڇڏيو. زلفا سچ ٿي چوي. رات بہ قهر جي ٿي ڏسجي. هلو تہ واچ مينهن کان بچون.

(نڪري وڃن ٿا.)

✣

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب ٽيون

# پردو پهريون

ميدان. هيٺان اونداهي، مٿان گوڙ ۽ ڪوڙ آهي.

(زابلون بيٺو ڳائي)

الاهي، هر حال واهر ڪرين!

ڪارا ڪڪر، ڏين چڪر، منهن سنوان نت نوان،
تيـــــا وارن،
ڇا چوان، پٽ پوان، ڪرم ڪر ڪلتار قادر - هر حال...
ڏم ڏمـا ٿئـي، ڏم ڏمـا ٿئـي گـوڙ جـي،
ڪڙڪا، رڙڪا دڙڪا، مينهن پئـي، گـپ ٿئـي،
رات ڪاري، بجلي هـر هـر چمڪي، مـن انـدر ڏپ ڏاءُ
گهڻـو ٿئـي،
ساهه سيني ۾ سڪي، خوف کان ٿو سر ڦري، دل ڏما ڏم
ٿڙڪـي ڏڪـي،
[1] ٿئي هوش گم ٿو سر بسر - هر حال......

(بس ڪري ٿو، تـه شاهه ايليا جو هڪڙو نوڪر اچي نڪري ٿو)

زابلون: ڪير آهي ههڙي طوفان ۾؟

نوڪر: اُهو، جنهن جي دل ۾ اڳي ئي اهڙو طوفان آهي.

زابلون: بس، مون توکي سڃاتو آهي. بادشاهه سلامت ڪٿي آهي؟

نوڪر: پاهر کُليءَ ميدان ۾ - رڙيون ڪيو پيو آسمان کي چوي تـه اهڙو زور وارو طوفان آڻ، جو زمين کي اُڏائي نيئـي سمنڊ ۾ وجهي، يا سمنڊ جي پاڻي ۾ اهڙو جوش وجهه، جو اٿلي زمين کي ٻوڙي ڇڏي تـه دنيا جو ڪارخانو بند ٿئي، يا ڦري ٻي ڪا صورت وٺي: پنهنجا اڇا وار پيو پٽي، جن جا ٻـچ اونداهيءَ ۾ هوا اُڏايو ڪنيو وڃي: پنهنجي سر واچ مينهن سان جهيڙو لايو بيٺو آهي، پرواهه بـه ڪانه اٿس. ههڙيءَ رات ۾ ٻـِڪيو شينهن ۽ بگهڙ بـه ٻاهر نڪري پنهنجي کل نـه پُسائيندو هوندو، ۽ ٻچن ڏارائڻ واري مادي رڇ بـه خالي پيٽ سان لڪي ڇپي

---

[1] طرز: "خدا ڪو دن رات جيتي رهو".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويٺي هوندي، تہ بہ بادشاهہ مٿي اُگهاڙو. هيڏي هوڏي پيو ڀوڙي، ۽ ڪنهن بہ تڪليف جو خيال ڪونہ اٿس!

زابلون: ٻيو ڪو ماڻهو ساڻس آهي؟

نوڪر: رڳو مسخرو آهي، جو ساڻس چرچا گهڻا ڪيو دل پيو وندرائيس.

زابلون: ادا، آءٌ توکي سڃاڻان ٿو. تنهنجي ايمانداريءَ تي ڀروسو رکي، آءٌ توکي هڪڙو ڪم ٿو چوان، جو توتي ڪرڻ فرض آهي. جيشان ۽ جلجال جي بادشاهن جي وچ ۾ جهيڙي ۽ جنگ جو خيال آهي- اگرچ اڃا اهي ٻئي، تجويز ڪريو، ڳالهہ ڍڪيا لڪائين. هن جا ڪي نوڪر آهن، جي آرميہ جي بادشاهہ، لبي، پنهنجا جاسوس ڪري ڇڏيا آهن - اهي هن ڪي اسان جي ملڪ جي سيڪا خبر چار پيا پهچائين. هنن ٻنهي بادشاهن جا جيڪي پاڻ ۾ تڪرار ٿيا آهن، يا هي ٻئي جيڪي جنيون پيرمرد بادشاهہ ايليا سان ٿا ڪن، يا ٻيون جيڪي تجويزون هو لڪيچ ۾ پيا ڪن، تن سڀني جي خبر، انهن ماڻهن جي معرفت، آرميہ جي بادشاهہ کي پيئي پوي. مون کي پڪي خبر آهي تہ هڪڙو وڏو لشڪر آرميہ مان هيڏي اچي ٿو. ڪي سپاهي تہ اڳي ڪن بندرن تي اچي لٿا آهن. ۽ اشاري تي ظاهر جهندو ڪڍي وڙهڻ لاءِ تيار ٿيا ويٺا آهن. توکي جو آءٌ ڪم چوان ٿو، سو هيءُ آهي تہ جيڪڏهن منهنجيءَ ڳالهہ تي ويساهہ اچيئي، تہ جيترو جلد ٿئي سگهيئي، اوترو جلد شاهي بندر ۾ وڃ: اتي ڪي ماڻهو ڏسندين، جي توکي ڏسي خوش ٿيندا، ۽ توکي آفرين ڪندا. انهن کي چئج "تہ ايليا بادشاهہ ڏاڍن عذابن ۾ آهي، ۽ ويچاري کي ڏکن چريو ڪري ڇڏيو آهي." آءٌ آبروءَ وارو ماڻهو آهيان. ۽ خاطريءَ جهڙيءَ خبر پوڻ تي توکي هي ڪم ٿو ڏسيان.

نوڪر: آءٌ ڀانيان تہ توکان ٻي وڌيڪ خبرچار وٺان.

زابلون: نہ، هينئر انهيءَ جو وقت ڪونهي. جي اهو شڪ هجيئي تہ جهڙو ظاهري آءٌ ڏسجان ٿو، انهيءَ کان بهتر ناهيان، تہ انهيءَ شڪ لاهڻ لاءِ هيءَ مهرن جي ٿيلهي کڻي وڃ - جيترو دل چوئي، اوترو منجهانئس وجي خرچ ڪر. توکي شهزادي صوفيا ضرور ملندي، جي مليئي، تہ انهيءَ کي هيءَ منڊي ڏيکارج (منڊي ڏيئس ٿو) - پاڻيهي اُها توکي ٻڌائيندي تہ آءٌ ڪير آهيان، جنهن کي تون نٿو سڃاڻين. توبهہ، طوفان تہ ڏس، ڪهڙو نہ هلاڪ ٿو ڪري! آءٌ وڃي ٿو بادشاهہ کي ڳولي هٿ ڪريان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نوڪر: چڱو، هٿ ڏي تہ موڪلايون. ڀيو تہ وڏيڪ چوٿو نہ آئي؟

زابلون: هائو، ٻہ ٽي تمام ضروري لفظ آهن: اُهي هي، تہ تون انهيءَ پاسي ٿو وڃين، ۽ آءٌ هِن پاسي ٿو وڃان، - جنهن کي بادشاهه ملي وڃي، سو هڪل ڪري ٻئي کي سڏي. (هڪڙو هڪڙي پاسي، ٻيو ٻئي پاسي، نڪري وڃن ٿا).

## پردو ڀيو

ميدان جو ٻيو پاسو. طوفان پيو لڳي.

(بادشاهه ايليا ۽ مسخرو اچن ٿا.)

بادشاهه: لڳ، هوا، لڳ، ... چڙهه، پاٽي، چڙهه - ايترو گهمسان مچايو، جو نوح وارو طوفان نظر اچي، ايترو پاڻي ڪريو، جو شهر جون وڏيون وڏيون عمارتون ٻڏي وڃن!. او وڄ، تون پنهنجي تيز ۽ درختن چيرڻ واريءَ باهه سان منهنجو اڇو مٿو جلائي ڇڏ! او گوڙ، تون ٺڪاءُ سان هن دنيا کي اُڏائي ڇڏ، ۽ جن جن شين ۾ انسان کي بي شڪر ۽ نا احسانمند ڪرڻ جو مادو رکيل هجي، انهن کي هڪدم ناس ڪري ڇڏ!

مسخرو: چاچا، ڙي چاچا، ٻاهر هن مينهن ۾ ڀِڄڻ کان، ڪنهن خشڪ گهر ۾ گڏهه کي پيرين پوڻ بہ چڱو! هل، هلي پنهنجين ڌيئن جي گهر ۾ هنن کان معافي گُهر. اهڙي ڪا رات پيئي آهي، جو نڪو ڪنهن ڏاهي تي قياس ڪري ٿي، نہ بيعقل تي!

بادشاهه: گَجِ گَجِ، چمڪاءِ وڄ، وساءِ مينهن! نڪي مينهن، نڪي هوا، نڪي گوڙ - منهنجون ڌيون آهن. اوهان مان ڪنهن جو بہ ڏوهه ڪونهي، نڪو اوهان کو مون سان ظلم ڪيو آهي. مون اوهان کي پنهنجو ملڪ نہ ڏنو هو، نڪو اوهان کي پنهنجو اولاد سڏيو هوم. اوهان تي منهنجو ڪوبہ حق ڪونهي. اوهين پيا مزا ڪريو، پيا لڳو، پيا وسو. اجهو، آءٌ اوهان جو غلام، هتي پٽڙ تي بيٺو آهيان - ضعيف، مسڪين، ڏڪاريل، ٻڍو ماڻهو! پر، هيترو ڏوراپو سو اوهان کي ڏيان ٿو، تہ منهنجين ٻن هنيلين ڌيئن سان اوهين ٻَڌيءَ ۾ شامل ٿيا آهيو، ۽ مون ڪراڙي جي اڇي مٿي تي آٿي گوڙ مچايو اٿو... افسوس آهي، افسوس آهي!

مسخرو: اڄ جنهن کي ڪنڌ لڪائڻ لاءِ ڪو گهر آهي، سو وڏو نصيب وارو آهي. جيڪو سسيءَ کي بنائي پير ڪندو، سو سکهوئي پنهنجي ننڍ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پردو ٽيون

## امير روبيل جي محلات جو هڪڙ ڪمرو.

(روبيل ۽ شمعون اندر اچن ٿا.)

روبيل: افسوس جي ڳالهه آهي، شمعون. - انهيءَ کي حد کان وڌيڪ ظلم چئبو: جڏهن مون هنن کان موڪل گهري ته مون کي چڏيو ته آءٌ ٻڍي بادشاه تي ڪو رحم ڪريان. تڏهن هنن مون کان منهنجو پنهنجو گهر ئي ڪم جي بهاني کڻي ورتو، ۽ مون کي منع ڪري ڇڏيائون ته نڪي هن سان ڳالهاءِ، نڪي هن جي پاران اسان کي ڪي چوءُ ۽ نڪا هن سان ڪا مروت ڪر - جي ڪندين، ته اسين رنج ٿينداسين - هيءَ ته انسانيت کان پري ڳالهه آهي!

شمعون: بيشڪ هي حد کان وڌيڪ ظلم آهي، انسانيت کان پري آهي.

روبيل: افسوس، ڳالهه ئي نه پڇ. جيشان ۽ جلجال جي بادشاهن جي وچ ۾ تڪرار شروع ٿيو آهي، تنهن کان به ٻي خراب ڳالهه آهي، جنهن بابت مون کي اڄ رات خط آيو آهي - انهيءَ بابت ذڪر ڪرڻ ئي خوف پيو ٿئي! اهو خط مون پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ لڪائي رکي ڇڏيو آهي. ويچاري ٻڍي بادشاه سان جو هيتريون جنيون ٿيون آهن، تنهنجي وير وٺڻ وارا سنبريا آهن. ٿورو گهڻو لشڪر ته اڳي ئي اچي هن ملڪ ۾ لٿو آهي. اسان کي ضرور انهيءَ بادشاه جو پاسو وٺڻ گهرجي. آءٌ ڳولي وڃي ٿو هٿ ڪريانس، ۽ جيڪا تلاش مون کان ٿي سگهي، سان لڪچوريءَ ڪندوسانس. تون وڃ، وڃي شاه ڪالاب کي ڳالهين ٻولين سان ريجهاءِ، ته هن خير جي ڪم جي ڪيس خبر پوي. جي هو منهنجو پڇي، ته چئجئينس ته بيمار ۽ بسترنشين آهي، پاهر نڪرڻ جهڙو ناهي. انهيءَ لاءِ جي ڪٺي مون کي مارايائون - جيئن دڙڪا ڏنا اٿن - ته به حرڪت ناهي، اسان جو پيرمرد بادشاه ته تڪليفن کان ڇٽي! شمعون، ملڪ ۾ ڏاڍي خرابيءَ جو خوف آهي، خدا شل خير ڪري - تمام گهڻي خبرداري ڪندو رهج! (نڪري وڃي ٿو.)

شمعون: شاه ڪالاب بابي کي اهڙي مهرباني ڏيکارڻ کان سخت منع ڪئي آهي، تنهن ڪري اها خبر ضرور هن جي ڪنن تي رسائجي، ۽ اهو خط به ڏيکارجي. اهو ڏاڍو چڱو وجهه مليو آهي: ان جي ڪري بابو جيڪي ڪَسائيندو، سو مون کي ملندو! دستور به آهي ته جڏهن وڏا ڪِرندا آهن، تڏهن ننڍا چڙهندا آهن. (ڳائي ٿو).

ڪڏي ڇڏين. وس، وس، پلي وس - آءُ پيو سهندس. ھڙيءَ رات ۾ ... او زلفا، او ملڪا، اوھان جي ڪراڙي مهربان پيءُ جو ھڙو حال، جنھن پنھنجي صاف دليءَ سان سڀڪجھ اوھان کي ڏيئي ڇڏيو!.... وري اچيو ٿو چرپائيءَ جي ڳالھ تي پوان — ڇڏ انهيءَ کي، وري انهيءَ جو ذڪر ئي نہ ڪرا .

زابلون: حضور، اندر اچو.

بادشاھ: بابا، تون ئي اندر وڃ، تون ئي وڃي سُڪيو ٿي. پر، ھيءُ طوفان مون کي پنھنجي اندر جا سور اورڻ نہ ڏيندو — چڱو، اندر وڃان ٿو. ڇوڪرا، پھرين تون لنگھہ. آءُ خدا کي ياد ڪري، پوءِ سمھي رھندس. (مسخرو پونگيءَ ۾ گھڙي ٿو) ويچارا غريب، ... ھڙي قھر جي طوفان ۾، گھر گھاٽ ۽ ڪاڏي ڪان سواءِ ڪيئن گذاريندا ھوندا — انهيءَ ڳالھ تي مون اڃا پورو ويچار ئي نہ ڪيو آھي. دولتمندن کي گھرجي تہ گرمي - سردي ڏسن، تہ مسڪينن جي حالت جو قدر پوين. پوءِ جيڪي وڌن گھرج کان واڌو ھجي، سو ھنن کي ڏين، جو اھا وڏيڪ انصاف جي ڳالھ آھي.

زابلون: (پونگيءَ مان ڳالھائي ٿو) ڏيڍ پـُرھ!... ملنگ، ملنگ! - (مسخرو ڊپ کان پونگيءَ مان نڪري اچي ٿو.)

مسخرو: چاچا، متان اندر لنگھيو آھين — اتي جن وينو آھي! ھاءِ ڙي، گھوڙا ڙي...

زابلون: مون کي پنھنجو ھٿ ڏي. اندر ڪير آھي؟

مسخرو: جن آھي، جن! چوي ٿو تہ نالو اٿم "ملنگ"!

زابلون: اڙي، تون ڪير آھين جو اندر پونگيءَ ۾ پيو ڪُرڪين ..... نڪري آ ٻاھر!

(شمسون چرين جي ويس ۾ نڪري اچي ٿو!)

شمسون: پري، پري، شيطان منھنجي پٺيان لڳو اچيو! واءُ جو گھوگھٽ پيو پوي، وڃي ٿڌي ھنڌ ۾ پاڻ کي ڪوسو ڪريو!

بادشاھ: اڙي، متان تو بہ پنھنجا ٽيڙ ٽاڙي سڀ پنھنجين ڌيئن کي ڏيئي ڇڏيا آھن، متان تڏھن تنھنجو حال ھھڙو ٿيو آھي؟

شمسون: ويچاري ملنگ کي ڪير ٿو ڏئي، جنھن کي شيطان ٻاھہ منجھان، ٽانڊن منجھان، پاڻيءَ منجھان، ڪُنن منجھان، گپ چِڪن منجھان

www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com    Scanned with CamScanner

ڪڍيو پٽي آيو آهي: هن پنهنجي هنڌ جي هيٺان پاڪيون رکيون آهن، ۽ وهاڻي جي هيٺان ڦاسيون. پنهنجي ڪاڏي ۾ هن زهر وجهي ڇڏيو آهي — اصل ساهه کان بيزار ٿيو وينو آهي!

مٿي ڦريل وري اهڙو، جو موت جهڙين جاين ۽ سنهڙين پُلين تان گهوڙا ڊوڙائيندو وتي، ۽ پنهنجي پاڇولي کي دشمن سمجهي، اُن جي پنيان ڪاهيو پيو پوي! شل تنهنجا پنج ئي سوار جاءِ هجن! ملنگ سيءُ ٿو مري (ڏند ڪڙڪائي ٿو). شل مرضن ۽ آفتن کان بچين. ويچاري ملنگ تي ڪو قياس ڪر. هن کي شيطان ستائي ٿو!... اوجهو هتي، اوجهو هتي — وري هتي، وري هتي! (طوفان پيو لڳي.)

بادشاهه: ڇا، هن جي ڌيئن هن جو ههڙو حال ڪيو آهي؟ اڙي، پنهنجي لاءِ ڪي به ڪين رکيئين، سڀ ڏيئي ڇڏيئـين!

مسخرو: نه نه، رلي پنهنجي لاءِ رکي اٿس، نه ته جيڪر اسين سڀ شرمندا ٿيون ها!

بادشاهه: شل دنيا جون سڀ مصيبتون ۽ آفتون تنهنجين ڌيئن جي مٿان اچي ڪڙڪن!

زابلون: سائين، هن کي ڌيون ڪين آهن.

بادشاهه: ڪوڙو، دغاباز! خراب ڌيئن کان سواءِ، دنيا ۾ ٻي ڪابه شيءِ ههڙو خانو خراب ڪنهن جو نه ڪندي. پانئجي ٿو ته هن زماني ۾ جتي ڪٿي گهر جا ڌڪي پيءُ پنهنجي اولاد تي ڏند ڪرٽيندا وتن ... چڱي سزا اٿن — جو ٽي اهڙيون ڏائٽيون ڌيون ڄڻيائون؟

شمسون: "ڏائڻ ويٺي چراخ تي، هل هل! (گِنگِڪاري ٿو)

مسخرو: اڄ رات جي سردي، شڪ ناهي ته اسان سڀني کي يا چريو ڪري رکي يا بيعقل!

شمسون: شيطان کان پاسو ڪج، پيءُ - ماءُ جي ڳالهه مڃج، انجام تي پورو رهج، ٻوريءَ گهٽيءَ ڳالهه تي قسم نه کڻج، حرام نه ڪج ... ويچارو ملنگ سيءُ ٿو مري!

بادشاهه: ڪهڙي ڪرت ڪندو هوئين؟

شمسون: نوڪري، هوس نوڪر، پر ڏاڍو مغرور ۽ مٿي ڦريل هوس: ٽُنڊ - ٽوپي تمام گهٽي ڪندو هوس، عيش عشرت مون کان وڌيڪ ڪنهن ڪانه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بادشاهہ: پلا، سائين، تو کان هڪڙي ڳالهہ ڪن ۾ ٿو پڇان...

زابلون: (روبيل کي) سائين، هن کي وري بہ زور ڪري وٺي وڃو، هن جو هوش برابر ناهي!

روبيل: هن ويچاري جو ڪو ڏوهہ آهي؟ - هن جون ڌيئون هن جي مارڻ جي پٺيان آهن! افسوس، امير زابلون کهڙو نہ اشراف ۽ نمڪ حلال هو - هن اڳي ئي چيو ٿي تہ هيءُ حال ٿيندو - ويچاري کي شهر- نيڪالي ڏنائون! تون چوين ٿو تہ بادشاهہ ديوانو ٿيندو وڃي. ادا، سچي پڇين تہ آءٌ پاڻ اچي چريائيءَ کي ويجهو پيو آهيان. منهنجو هڪڙو پٽ هو، جنهن کي مون لادعوا ڪري ڪڍي ڇڏيو آهي، سو منهنجي مارڻ جي پٺيان هو - ٻہ ٽي ڏينهن مس گذريا آهن. يار، آءٌ ڪيترو نہ پائيندو هوسانس - مون کي نٿو سجهي تہ ڪو ٻيو پيءُ پنهنجي پٽ کي ايترو گهرندو هوندو. سچي پڇين، تہ انهيءَ ڏک ۽ ارمان منهنجو هوش گم ڪري ڇڏيو آهي. (طوفان گهوگهٽ ڪري ٿو.) کهڙي نہ خراب رات پيئي آهي! (بادشاهہ کي) حضور آءٌ منت ٿو ڪريان، پلائي ڪري هلو.

بادشاهہ: بابا، شل خدا ڀلو ڪريئي. حڪيم صاحب، تون بہ اسان سان هل.

شمسون: ملنگ سيءُ ٿو مري!

روبيل: اندر فقير، اندر - تون وڃي ڀونگيءَ ۾ ڪوسو ٿيءُ.

بادشاهہ: هلو تہ پاڻ بہ سڀ اندر هلون.

زابلون: هن پاسي، سائين، هن پاسي.

بادشاهہ: جيڏي هيءُ، تيڏي آءٌ .... هن فيلسوف کي نہ ڇڏيان!

زابلون: (روبيل کي) سائين، هن کي دڙ دلاسو ڏيئي وٺي هلو. ڀلي هي فقير بہ ساڻس هلي.

روبيل: چڱو، تڏهن تون پاڻهن کان وٺي هلينس.

زابلون: (شمسون کي) آءُ، فقير، آءُ، اسان سان گڏجي هل.

بادشاهہ: آ، حڪيم سائين، آ.

روبيل: بس بس، هاڻي ڳالهايو نہ، چپ ڪري هلو، تہ ٻيو ڪو ٻڌي نہ.

شمسون: جڏهن ديو قلعي ۾ آيو، تڏهن "آدم بوُ - آدم بوُ" ڪندو آيو!

(نڪري وڃن ٿا.)



Scanned with CamScanner

# پردو پنجون

## امير روبيل جي محلات جو هڪڙو ڪمرو

(شاهه ڪلاب ۽ شمسون اچن ٿا.)

ڪالاب: آءُ سندس هن گهر ڪان روانو ٿيندس، تنهن ڪان اڳي ضرور ڪانئس وير وٺندس!

شمعون: حضور، مون کي تہ اهو فڪر آهي تہ ماڻهو منهنجي بابت ڇا چوندا. مون کي تہ لاچار هو. پنهنجي بادشاهه سان نمڪحلاليءَ ڪري پنهنجي مائٽي وسارڻ.

ڪالاب: هان مون کي پڪ ٿي ٿئي تہ رڳو تنهنجي پاءُ شمسون جو بہ ڏوهه ڪين هو، جو هن کي مارڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائين: اصل هن جي جند جي حرڪت ۽ بدنيتي هئي - هي اصل خراب ماڻهو!

شمعون: آءُ ڪهڙو نہ ڪمبخت آهيان جو چڱو ڪم ڪري، پوءِ پيو پڇتايان! (خط ڪڍي ڏئي ٿو.) اجهو هي خط آهي، جنهن جو بابي اشارو ڏنو هو. هن مان صاف ظاهر آهي تہ هو آرميہ جي بادشاهه سان مليل آهي، ۽ هن کي هتي جي خبرچار پيو پهچائي. يا خدا، ڪهڙي نہ چڱي ڳالهہ ٿئي ها، جو بابو ههڙو دغابازيءَ جو ڪم نہ ڪري ها، يا آءُ انهيءَ منصوبي جي ڪوٽي ظاهر ڪرڻ وارو نہ ٿيان ها!

ڪالاب: مون سان گڏجي، راڻيءَ ڏي هل.

شمعون: جي هن خط جو مضمون سچو آهي، تہ حضور کي وڏي مهم درپيش آهي.

ڪالاب: سچو يا ڪوڙو، توکي پيءُ جي جاءِ ملي چڪي. هاڻ وڃي ڳولي هٿ ڪرينس، تہ اسان جا ماڻهو قيد ڪنس!

شمعون: (منهن پاسي ڪري) جي ڪٽي بابي کي پڌي بادشاهه جي تلاقي ڪندو ڏسان، تہ انهيءَ ڪري هن جو شڪ پاڻ مضبوط ٿيندو. مون کي هينئر ضرور پنهنجي حاڪم سان سچو رهڻ گهرجي - اگرچ انهيءَ ڪري رت جي قرابت ۾ سو رولو پوندو، ۽ آءُ ناصالح اولاد سمجهڻ ۾ ايندس.

ڪالاب: منهنجو تو تي پورو پروسو آهي. پيءُ توکان ويو، تہ ڇا آهي، آءُ توکي پيءُ کان بہ گهڻو پيار ڪندس! (نڪري وڃن ٿا.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پردو ڇهون

محلات جي پرسان ڪيتيءَ ۾ هڪڙي لانڍي.

(روبيل، شاھ ايليا، زابلون، مسخرو ۽ شمسون اچن ٿا.)

روبيل: هيءَ جاءِ وري بہ ڪلٽي ميدان ڪان بهتر آهي، خوش ٿي ويهو. جيترو مون ڪان ٿي سگهيو، اوترو اوهان کي آسودو ڪندس. آءٌ وڃان ٿو، اِجهو وري ٿو اچان.

زابلون: خدا توکي هن چڱائيءَ جو اجر ڏيندو. هن ويچاري جو تہ هوش هليو ويو، هينئر رڳي بي آرامي اٿس.

(روبيل نڪري وڃي ٿو. روبيل جي نڪري وڃڻ ڪان پوءِ، زابلون ڳائي ٿو.)

هوئي لطف خدا تو متي، اي يار، سلامت![1]
دائم رهين دنيا ۾، اي دلدار، سلامت!
بندو جو ڪري مهر مان بندن سان پلايون،
سيڪو چوي تنهن مرد کي سؤ وار "سلامت".
شڪرانو خدا جو، ملي مشڪل ۾ مدد جلد،
شل رهن سي مشڪل جا مددگار سلامت!
خاوند، مون مسڪين جون تون سڄ صدائون،
هوءِ شاھ جو سايو، متي سنسار سلامت!
هن پير کي هن مير ڪئي مهل تي واهر،
هي ڏار سلامت رهي، هو ڏار سلامت!

شمسون: دودو جنِ مون کي پيو سڏي، ۽ چوي تہ 'وڏو ديو جهنم ۾ شڪار پيو ڪري'! بابا، توبهہ ڪر، خدا ڪان پناھ گهر، تہ شيطان ڪان جند ڇٽيئي!.

مسخرو: چاچا، مون کي تہ ٻڌاءِ تہ چريو ماڻهو امير آهي، يا ڳوٺن جو پٽيل آهي؟

بادشاھ: نہ ڙي نہ، بادشاھ آهي بادشاھ!

مسخرو: نہ نہ، هو پاڻ پٽيل آهي، پر سندس پٽ امير آهي، ڇا لاءِ جو جنهن پٽيل جو پٽ ڪانئس اڳي چڙهي وڃي امير ٿئي، تنهن کي چريو سمجهڻ گهرجي.

---

[1] طرز: "پياري، تيرا ثاني نهين ڪوئي ڀي جهان مين"

بادشاهہ: پلي تہ هزارين ماڻهو، لوهہ جوڻ شيخون تپائي ڳاڙهيون ڪري، وجي هنن کي ڏنيين!

شمسون: اڙي، شيطان پيو مون کي پٺن ۾ چڪ هڻي!

مسخرو: جيڪو بگهڙ جي غريبت، گهوڙي جي تندرستيءَ، ڇوڪريءَ جي محبت، ۽ گنديءَ رن جي قسم تي اعتبار ڪري، تنهن جهڙو چريو بيو ڪونهي.

بادشاهہ: ضرور ائين ڪبو... آءٌ هڪدم هنن کي گرفتار ڪري رجوع ٿو ڪريان! (شمسون کي) اچو، منصف صاحب، اوهين هتي ويهو. (مسخري کي) ۽ اوهين، مشير صاحب، هتي ويهو. هاڻ، (لومڙيون، اوهان جو وارو!

شمسون: ڏس، اوجهو، هتي بيٺو اکيون ٽمڪائي! واه مائي، واه، تون هن کي اکيون پيئي پچين!

'لـڏي لهرين وچ مان، لالن لنگهي آءُ'!

مسخرو:

تنهنجـي سـوز سـڪ ۾ سـُـورن ڏنـس ساءُ،
هـڪ بيڙيءَ ٽنگ تـري ۾، بيـو واڪـا ڪـري واءُ،
ٿيـون تـڪ ڏيکاري تاءُ، تو وٽ لالـن ڪيئن اچي؟

شمسون: شيطان تہ ملنگ فقير کي بلبل واريون ٻوليون ٿو ٻڌائي، ملنگ جي پيٽ ۾ وري ڪـرڙو جن، ٻن ڪـرڙين لاءِ پيـو واڪـا ڪـري... بيلـي، دانهون نہ ڪر، مون وٽ تہ کي بہ ڪينهي جو توکي کارايان!

زابلون: حضور، ڪيئن ٿا پانيو؟ ڇو ٿا ايترو مونجهاري ۾ پئو، هنڌ تي ليٽي پئو، ۽ ٿورو آرام ڪريو.

بادشاهہ: پهرين تہ هنن جو مقدمو هلندو ڏسان! آڻيـو شـاهد گواهـ...
(شمسون ۽ مسخري کي) اوهين، منصف صاحب ۽ مفتي صاحب، پنهنجـون جايون وٺي ويهو. (زابلون کي) تون امين آهين، تون بہ ويهي رهہ.

شمسون: اسان کي پورو انصاف ڪرڻ گهرجي.

ادا ڙي ٻڪرار، ٻڪريون پيون پوک ۾،
تون سمهي پيو ننڊون ڪرين، سگهو ٿي بيدار،
هڪل ڏي هيڪار، تہ ڏنڍ ڇٽي چئي ڪنان!


Scanned with CamScanner

— هُش، ٻلي تہ اڃي آهي!

بادشاهہ: پهرين هن رن کي پڪڙيو — "ملڪا" نالو اٿس! آءٌ خدا کي حاضرناظر ڄاڻي سچ ٿو چوان تہ هن پنهنجي پيءُ، ويچاري بادشاهہ کي ڏڪ هنيا آهن!

مسخرو: (هڪڙيءَ ڪرسيءَ تي هٿ رکي) مائي، سنئين ٿي بيهہ! تنهنجو نالو ملڪا آهي ڇا؟

بادشاهہ:مجال اٿس جو "نہ چوي!

مسخرو: مائي، معاف ڪجئين، مون ڀانيو تہ تون ڪرسي آهين!

بادشاهہ: اڇها هيءَ ٻي! اکين ۾ گُهنڊ پيو اٿس. انهيَءَ مان ڪٿي سمجهو تہ دل کهڙي نہ سخت هوندس! پڪڙيوس، پڪڙيوس ....... بندوق، ... ترار هٿوس، وٺوس ... واہ جو تو انصاف ڪئي! واہ ڙي منصف واہ، ڇو تہ هن کي ڇڏي ڏنو آهي جو ڀڄي وڃي!

شمسون: شل تنهنجا حواس جاءِ هجن!

زابلون: افسوس، سائين، اوهان صبر ۽ تحمل جي ڇيڙي تي هنئي، هاڻي ڪٿي آهي اهو صبر ۽ تحمل؟

شمسون: (پاسي تي، پنهنجي منهن) مون کي تہ هن جو حال ڏسي روئڻ ٿو اچي — هاڻ تہ منهنجو ڳجهہ ظاهر ٿي پوندو!

بادشاهہ: ڏس، سڀ ڪتا مون تي ڀونڪن ٿا — کهاڙو، جنبوري، ڏينيو، راڳو — سڀ!

شمسون: ملنگ اُنهن تي ڪاهي ٿو وڃي، پاڻيهي سيني کي ٿو پهچي ... نڪرو، ڪتا، نڪرو!

بَـهي ڀوُنڪـي آئيـا، ڪـاهي سـڀ ڪتـا،
تـازي شـڪاري ڪيتـرا، بـازاري پسـتا،
اڇـا ڪـارا آبلـق، ڏاڙهـڻ مهـل ڇتـا،
ڀئـي تـن ڀنيـان، "ملنـگ" ڀڄـايو تـن کـي!

ڪُور، ڪُور .... اڳ ڙي اڳ.... متان ويندا آهيو!

بادشاهہ: تڏهن زلفا تي ٻجين — ٻلي تہ وٺنس، ڏاڙهينس! دل تي ڏسينس تہ کهڙي نہ پليد آهي — خبر نہ آهي ماڻهن جون دليون کهڙي سبب ڪري


Scanned with CamScanner

ٿهڙيون سخت ٿيو پون! (شمسون کي) تون سائين، اڳتي مون سان رهہ، پنهنجن سؤ سوارن مان هڪڙو توکي مقرر ڪيو اٿم! هونءَ بيو چڱو آهين. رڳو تنهنجن ڪپڙن جو ڍول مون کي نٿو وڻي: تون تہ گهٽو ٿي چوندين تہ هيءَ شاهي خلعت آهي، پر ضرور بدلائي ٻيا ڍڪ!

زابلون: هائو، حضور. پلاٽي ڪري اوهين هن هنڌ تي ليٽي پئو. ۽ ذرو آرام ڪريو. (بادشاهہ کي هنڌ تي ليٽائي ٿو.)

بادشاهہ: گوڙ نہ ڪر. گوڙ نہ ڪر! هاڻ در ورائي ڇڏ. وري صبح جو اُٿي نيرن ڪنداسين.

مسخرو: ۽ آءٌ بہ ڏرتيءَ جو وچي سمهي رهندس.

(روبيل وري اندر اچي ٿو.)

روبيل: ادا. هيڏي آ. بادشاهہ سلامت ڪٿي آهي؟

زابلون: اجهو هتي، پر هن کي چوريو نہ. هن جو هوش جاءِ ناهي.

روبيل: تڏهن، يار، پلاٽي ڪري، هن کي جهوليءَ ۾ کڻي هل. مون کي ڪُڻڪ پيئي آهي تہ هن جي مارڻ جو منصوبو ڪڙو ٿيو آهي! هڪڙي ڏولي تيار رکي آهي، هلي انهيءَ ۾ هن کي رکو. ۽ پوءِ جلدي ڪٽائي، شاهي بندر وٽ هلوس. اتي اوهان کي گهڻا خيرخواهہ ملندا. ۽ اوهان کي پناهہ ڏيندا. شاباس، همت ڪر. اتي پنهنجي ڌڻيءَ کي کڻ: جي گهڙي دير ڪيئہ، تہ هن جي بہ جان گنوائيندين، ۽ پنهنجي بہ، ۽ جن هن جي جان بچائڻ جو ذمو کنيو آهي، تن کي بہ نقصان پهچندو! کڻ. کڻ. دير نہ ڪر. منهنجي پنيان لڳو اچ، تہ آءٌ جلد ئي توکي ڪيڏي هلان.

زابلون: ويچاري ظلم جي ماريي کي ننڊ اچي ويئي آهي: جي وڏيڪ سک جي اُميد نہ هجي، تہ جيڪر هن کي ڇڏي ڏجي تہ پلي مغز جاءِ اچيس، ۽ حواس جمع ٿينس. (مسخري کي) اچ، اچي مدد ڪر تہ پنهنجي ڌڻيءَ کي کڻون. تون بہ هل، پٺتي نہ رهج.

روبيل: اچو اچو، دير نہ ڪريو. (زابلون، روبيل ۽ مسخرو، گڏجي بادشاهہ کي کڻي، نڪري وڃن ٿا.)

شمسون: (ٿورو ماٺ ڪري، ڳائي ٿو.)

دغاباز پيءُ کي جيڪا سزا ملڻي آھي، سا جيئن تون نہ ڏسين، تيئن چڱو. شاھ منسا کي صلاح ڏج تہ ترت لڙائيءَ جي لاءِ تياري ڪري. اسين بہ جنگ جي لاءِ سانباھو پيا ڪريون. اسين هڪبئي کي جلد جلد، قاصد موڪليو، خبر چار پيا ڏينداسين. ادي ملڪا، خدا حافظ.

(امير شمعون، پلي آئين. (اتي شمشاد لنگهي اچي ٿو.)

ڪالاب: (نوڪرن کي) اوھين وڃي ھن دغاباز روبيل کي ڳولي ھٿ ڪريو، پوءِ ھن چور وانگي چوڪنيو ٻڌي، اسان وٽ وٺي اچو. (ڪي نوڪر نڪري وڃن ٿا.) جيتوڻيڪ ھن دستوري مقدمي ھلائڻ ڌارا موت جي فتوا جاري ڪرڻ اسان جي لاءِ چڱو ناھي، تہ بہ چڙ ۾ سيڪجهہ روا آھي — ڪٿي ماڻهو چوندا تہ اسان زوراوري ڪئي، پيو چا ٿيندو! (اتي نوڪر روبيل کي وٺي اچن ٿا.) ھي ڪير، ... اُھو ساڳيو دغاباز!

زلفا: اُھوئي آھي، نمڪحرام ڪتو!

ڪالاب: اڙي، ھن جون ٻانھون تہ ٻڌو!

روبيل: چو، سائين، مون ڪهڙو گناھ ڪيو آھي؟ (نوڪرن کي) ادا، سنياليو، اوھين سڀ منھنجي گھر ۾ آھيو، ۽ منھنجا مهمان آھيو، مون سان اھڙي ھلت نہ ڪريو. (نوڪر ھن کي ٻڌن ٿا.)

زلفا: زور سان ڇڪي ٻڌوس .... ڪمينو، دغاباز!

روبيل: آءٌ تہ دغاباز ناھيان، راڻي، تون بيرحم ۽ ظالم ٿي آھين!

ڪالاب: ھن ڪرسيءَ سان ڪٽي ٻڌوس! بدمعاش، پاڻيھي ٿي خبر پوندي! (زلفا ڏاڙھي ٿي پٽيس.)

روبيل: اھڙي بيحيا نہ ٿيءُ، منھنجي ڏاڙھي پٽيندي شرم نٿو اچيئي؟

زلفا: ھھڙي اُجي ڏاڙھي رکي، ۽ ھھڙي دغاباز ٿئي!

روبيل: اي ظالم شاھزادي، اھي وار جي تون منھنجي ڪاڏيءَ تان پٽين ٿي، سي نيٺ جيئرا ٿي توکي جهلائيندا! اوھين مون وٽ مهمان اچي ٿيا آھيو، ۽ ھيئن ٿا، چورن وانگي، جيڪو اوھان سان ڀلائي ڪري تنھن سان عقوبتون ڪريو — ائين ڪرڻ ڪو اوھان کي مناسب آھي! اوھان جو مطلب ڇا آھي؟

ڪالاب: ٻڌاءِ اسان کي، تہ اُرميہ مان توکي ڪهڙا خط آيا ھئا؟

زلفا: جلد سچي ڳالھ ڪر، اسان کي خبر آھي تہ حقيقت ڪيئن آھي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪالاب: ۽ جيڪو فسادي لشڪر اڳي ئي اچي هن ملڪ ۾ لٿو آهي، تهن سان تون ڪهڙي منصوبي ۾ شامل آهين؟

زلفا: انهيءَ چرئي بادشاهه کي تو ڪنهن ڏي موڪليو آهي.

روبيل: مون کي هڪڙو خط برابر مليو هو. ليڪن اُهو اوهان جي بدخواهه جو لکيل ناهي، پر اهڙي ماڻهوءَ جو آهي، جو ٻنهي ڌرين جي خير وارو آهي، سو بہ اهڙو لکيل آهي، جنهن جو مطلب ڏکي سان مس ٿو سمجهي سگهجي.

ڪالاب: ٺڳ، ٺڳ!

زلفا: ڪوڙو، بي ايمان!

ڪالاب: بادشاهه کي ڪيڏي روانو ڪيو اٿئي؟

روبيل: شاهي بندر ڏي.

زلفا: ڇو، شاهي بندر ڏي؟ توکي چيو ڪين هوسين تہ جي هن جي ڪا مدد ڪندين، تہ توکي نقصان پهچندو!

ڪالاب: شاهي بندر ڏي ڪهڙي سبب موڪليُئس — ٻڌاءِ تہ سهي؟

روبيل: آءٌ هاڻ ٻَڌو وينو آهيان، اوهان کي جيڪي جڻيون وڻن سي وينا ڪريو، مون کي خدا صبر ڏيندو.

زلفا: پر شاهي بندر ڏي ڇو موڪليئس؟

روبيل: انهيءَ لاءِ تہ آءٌ توکي، رانيُوَن ڏيئي، هن ويچاري ٻڍي جون اکيون پَٽيندو نہ ڏسان، نڪي تنهنجي زهري ڀيڻ کي هن اشراف جي ماس ۾ ڏنگ هڻندو ڏسان! هن ويچاري، دوزخ جهڙيءَ ڪاريءَ رات ۾، اگهاڙي مٿي سان، طوفان جو زور جيڪو سٺو آهي، سو جي سمنڊ تي پوي ها، تہ اهڙو جوش ڪان اُيامي ها، جو وڃي آسمان سان لڳي ها: اهڙي حال ۾ بہ، هن ويچاري ڪراڙي، همت جهلي، پڌ ري پٽ ۾ بيهي، مينهن کي وسڻ لاءِ پئي هاڪاريو: اهڙي ڏکئي وقت جيڪڏهن بگهڙ تنهنجي گهر جي در تي اچي رڙيون ڪن ها، تہ ڪهڙي بہ تون بيقياس هجين، تہ بہ جيڪر توکي هنن تي ضرور قياس پئجي وڃي ها. ۽ پنهنجي دربان کي چئين ها تہ هنن ويچارن کي در لاهي اندر لنگهاءِ. پر، اميد آهي تہ سگهوئي اهڙي ناصالح اولاد تي خدا جي مار ۽ هڇا پوندي، ۽ اُها آءٌ پنهنجين اکين سان ڏسندس!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زلفا: نڪر هتان، ڪمينا، دغاباز! جنهن کي سڏين ٿو، اهو اڳي ئي تو مان ڪٽ آهي. اُهوئي هو، جنهن تنهنجي اها دغابازي ظاهر ڪئي. اهڙو اشراف ٿو توتي قياس ڪري، ۽ تنهنجي واهر ٿئي!

روبيل: هاءِ هاءِ، ڪهڙي نه بيعقلي مون ڪئي!.... تڏهن شمسون سان دغا ٿي! يا خدا، اها منهنجي خطا مون کي معاف ڪر، ۽ هُن غريب کي سدائين سکي رک!

زلفا: (نوڪرن کي) هن کي ڌڪا ڏيئي ٻاهر ڪڍي وڃو، ڇڏيوس ته پلي پاٿيهي ٿاپا کائي شاهي بندر ڏي وڃي. (ڪالاب کي) اوهين ته چڱا ڀلا آهيو؟ چو، ائين سست ٿا ڏسجو؟

ڪالاب: مون کي زخم ٿيو آهي، پلائي ڪري مون سان آءُ. (نوڪرن کي) هن ڪميني غلام جي لاش کي گهلي وڃي ڪنهن گند جي ڍير تي اُڇلايو. (زخم ڏسي) پياري زلفا، منهنجي زخم مان ڏاڍو رت ٿو نڪري، منهنجو هيانوُ تو ماندو ٿئي. ڏاڍو خراب ڌڪ لڳو آهي - مون کي ٽيڪ ڏياري وٺي هل.

(ڪالاب کي زلفا ٻانهن کان وٺي آهستي نڪري وڃي ٿي، نوڪر روبيل کي ڇوڙين ٿا، ۽ ٻانهن کان وٺي ٻاهر ڪڍي وڃن ٿا.)

ٻيو نوڪر: هن ويچاري سان ضرور چڱائي ڪندس - پوءِ انهيءَ ڪري مون تي ڪو ڏوهه آيو، ته حرڪت ڪانهي!

ٽيون نوڪر: اهڙي بيقياس زال ساري عمر جيئري رهي پڇاڙيءَ ۾ پاٿيهي مري ويئي، ته پوءِ زالون سڀ ڦري ڏائڻيون ٿي پونديون - اُنهن مان پس پيش خير ڪونه ٿيندو.

ٻيو نوڪر: هلو ته هُن ڪُراڙي امير جي پٺيان هلون، ۽ هن ديواني فقير کي سمجهايون ته هن کي جيڏي چويس اوڏي وٺي وڃي. هو ڏسجي ديوانو ٿو، پر ڪم سياڻن جهڙا ٿو ڪري.

ٽيون نوڪر: چڱو ڀلا، تون هل، ته آءٌ وڃي ڪو ملر ذرو ۽ اڱريون ڪٽي اچان، ته هن ويچاري جي اکين تي پٽي ٻڌي ڇڏيون. خدا اسان کي انهيءَ خير جي ڪم ۾ مدد ڏيندو. (هڪڙو هڪڙي پاسي، ۽ ٻيو ٻئي پاسي، نڪري وڃن ٿا.)

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب چوٿون

# پردو ڦهريون

### ميدان

(شمسون ڳائيندو هليو اچي)

(1) شڪر خدا جو ڪجي سدائين،
حال پنهنجي تي رهجي راضي.
واه غريبي، واه غريبي،
پاڻ ڪي مور نه شاهه سڏائين.
لوڪ سارو مر توکي ڏڪاري،
هر ڪنهن آڏو ڪنڌ نوائين.
خلق خوشامد ڪري تُنهنجي،
هرڪو آکي سائين سائين.
اندر خالي، ٻاهر پيڪو،
جو تو موڳا پاڻ لڄائين.
جڏ وڏائي، رهه نماڻو،
غم نه هرگز پوءِ نه ڪائين.

(اتي روبيل ڪي هڪڙو ڪراڙو ماڻهو ٻانهن کان وٺيو اندر اچي ٿو.)

شمسون: هان، هيءُ ڪير ٿو اچي؟ منهنجي پيءُ ڪي اڄڪلهه وانگي ڪو وٺيو اچي! او بيوفا دنيا، او بيوفا زمانا. تنهنجي عجيب گردش ڪري توکي ڏڪارجي ٿو. نه ته جيڪر پيريءَ ۽ محتاجيءَ ۾ به ڪو خوشيءَ سان مرڻ ۽ توکي ڇڏڻ قبول نه ڪري!

پير مرد: سائين، آءٌ اسي ورهين کان تنهنجو ۽ تنهنجي پيءُ جو ڪڙمي آهيان.

روبيل: پيچ، پريا مڙس، پيچ: توکي شابس جس آهي، پر تنهنجي مهربانيءَ مان مون کي گهڻو فائدو ڪين پهچندو. اُلٽندو توکي نه نقصان پهچي، تنهنکري تون پيچي وڃ!

---

(1) راڳ "پيروي".
طرز: "نظر نماڻن نت نت ڪندو".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيرمرد: پر، سائين، توکي هونئن رستي جي کهڙي خبر پوندي؟
روبيل: منهنجو کوبه رستو کونهي، تنهنکري مون کي اکين جي گهرج کانهي. جڏهن اکيون هيم، تڏهن پاڻ ٿاٻڙندو هوس. اڪثر ائين ٿيندو آهي ته جي اسان وٽ ڪي هوندو آهي، ته انهيءَ ڪري سست ۽ غافل ٿيندا آهيون، ۽ جي نه هوندو آهي، ته انهيءَ ڪري نيٺ فائدو پهچندو آهي. او پيارا پٽ شمسون، ناحق تنهنجي ندوري پيءُ ڪاوڙ مان تو سان ايترو ظلم ڪيو! مَنَ ڪڏهن خدا اهو به ڏينهن ڪري، جو توکي پنهنجا هٿ لايان - تڏهن چاٽندس ته مون کي وري اکيون مليون!
پير مرد: ڪو ماڻهو ٿو ڏسجي ... ڪير آهين؟
شمسون: (آهستي، پنهنجي منهن) خدا جي قدرت، پلا ڪير چوندو ته مون جهڙو ڏکي پيو دنيا ۾ ڪونهي - هاڻ ته آءُ اڳي کان به وڌيڪ ڏکي آهيان!
پير مرد: ويچارو چريو ملنگ فقير آهي.
شمسون: (پنهنجي منهن) شايد آءٌ هن کان به وڌيڪ خراب حال ڪي وجي پهچان: جنهن کي اسين سڀ کان خراب حال سڏيون ٿا، سو ائين ناهي، سمجهڻ گهرجي ته دنيا ۾ انهيءَ کان به وڌيڪ پيو ڪو خراب حال آهي.
پير مرد: اي، ڪيڏي ٿو وڃين؟
روبيل: اهو ڪو پنڻو فقير آهي ڪيئن؟
پير مرد: پنڻو فقير به آهي، ۽ چريو به آهي.
روبيل: انهيءَ کي ضرور ٿوري سمجهه هوندي، نه ته جيڪر پني ڪين. راتوڪي طوفان ۾ مون اهڙو هڪڙو ماڻهو ڏٺو هو، جنهن کي ڏسي مون کي خيال آيو ته انسان هڪڙي ڪنئين کان بهتر حال ۾ ناهي. اوڏيءَ مهل، مون کي پنهنجو پٽ ياد پيو! انهيءَ هوندي به، منهنجي دل اجا هن سان پريي ڪين هئي. پر انهيءَ کان پوءِ هن بابت مون گهڻيون ڳالهيون ٻڌيون آهن. زماني جي هٿ ۾ اسين به اهڙا آهيون، جهڙيون مکيون ٻارن جي هٿ ۾: اهو اسان کي چرچي ۾ ماري رکي ٿو.
شمسون: (پنهنجي منهن) ائين ڪيئن هوندو! سچي پچي ڏک ۾ چرچا ڪرڻ ڪو چڱو ڪم آهي ڇا؟ انهيءَ مان جهڙو پاڻ کي خراب ڪبو، تهڙو ٻين کي: بهتر آهي ته هيءُ ڪوڙو ڏيک ڇڏي ڏيان. (وڏي سڏ) سائين، ڀلي آيو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

روبيل: اهو نانگو فقير آهي ڪيئن؟

پير مرد: هائو. اُهو آهي.

روبيل: تڏهن هاڻ توکي موڪل آهي. پر جي قديم نمڪ حلاليءَ ڪري اسان سان گڏجي هلڻ لاءِ تنهنجي مرضي هجي، تہ پوءِ شاهي بندر واريءَ سڙڪ تي، هتان ميل ہن پنڌ تي، اچي اسان کي گڏجئين. آءٌ هن نانگي فقير ڪي منت ڪري پاڻ سان وٺي ٿو وڃان. تون اچين، تہ هن ويچاري لاءِ ڪو پراڻو سراٽو ڪپڙو ڪنيو اچجئين.

پير مرد: سائين، هي ويچارو تہ ديوانو آهي، ڪيئن توکي وٺي هلندو؟

روبيل: بابا. اهو هن زماني جو رنگ آهي تہ چريا انڌن کي وٺي رستي لائين، جيئن آءٌ چوائين ٿو تيئن، يا جيئن توکي وڻي تيئن ڪر. پر بہ في الحال هتان هليو وڃ.

پيرمرد: آءٌ هن جي لاءِ چڱا خاصا ڪپڙا کنيو ٿو اچان. پوءِ جيڪي ٿئي سو ڀلي ٿئي. (نڪري وڃي ٿو.)

روبيل: اڙي نانگا فقير!

شمسون: ويچارو ملنگ سيءَ ٿو مري ....! (منهن پاسي ڪري) هن کان پوءِ آءٌ ڍونگ ڪري نٿو سگهان!

روبيل : اوري آ، بابا.

شمسون: (منهن پاسي ڪري) پر، لاچار. اجا بہ ظاهر ٿيڻ نہ گهرجي. توبهہ. ويچاري جي اکين مان رت پيو نڪري!

روبيل: اي، خبر اٿئي تہ شاهي بندر ڏي ڪهڙو رستو ٿو وڃي؟

شمسون: رستي جي خبر آهي، پر پيچري جي بہ آهي. ويچاري ملنگ جو ڍپ کان هوش ٿي خطا ٿي ويو آهي. تون چڱو ماڻهو ٿو ڏسجين، خدا شل توکي شيطان کان بچائي وٺي: ويچاري ملنگ ۾ سچا پنج جـِن اچي جاءِ وٺي ويٺا آهن، خدا شل توکي انهن کان رکي وٺي!

روبيل: (هن کي مهرن جي ٿيلهي ڏئي ٿو) هان، هيءَ تنهنجي خرچي آهي. توکي زماني جي ڏکن ۽ دنيا جي مصيبتن، اُتلائي پٽلائي، ڏاڍو ڪيو آهي. جڏهن آءٌ پنهنجو ڏک ڏسان ٿو، تڏهن چوان ٿو تہ تون ڏاڍو سکي آهين. يا

www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com    Scanned with CamScanner

خدا، جيئن تنهنجي مرضي تيئن پلي پيو ڪري: پيٽ پريل ۽ مٺي ڦريل دولتمند ماڻهو، جنو دولت کي تنهنجي بخشش نٿو سمجهي، پر پنهنجي ڪمائي ٿو ڄاڻي، تنهن کي جلد ڏکي ڪر تہ پلي تنهنجيءَ سگهہ جي خبر پويس، انهيءَ ڪري ڪويہ پاڻ وٽ گهرج کان واڌو شيءِ ڪونہ رکندو، ۽ سيڪنهن کي گهرج آهر پوري شيءِ ملي ويندي. پلا تو شاهي بندر اڳي ڏٺو آهي؟

شمسون: هائو، سائين.

روبيل: اُتي هڪڙي اُپ - ڪپري تَڪري آهي، جا سمنڊ جي مٿان نمي بيٺي آهي - پلاٽي ڪري، تون انهيءَ جي چوٽيءَ تي مون کي هلي ڇڏ. انهيءَ محنت جي ڪري، آءٌ توکي هڪڙي قيمتي شيءِ اُجوري ۾ ڏيندس. انهيءَ هنڌ کان پَر تي، توکي ساڻ هلڻ جي تڪليف نہ ڏيندس.

شمسون: چڱو، سائين، پنهنجي ٻانهن ڏي تہ ويچارو ملنگ توکي وٺي هلي.

(شمسون، روبيل کي ٻانهن کان وٺي، آهستي هلي ٿو. ٻئي، واري سان، راڳ ڳائيندا نڪري وڃن ٿا - ٿل ڳڌ ڳائين ٿا، ۽ مصرع واري سان.)

[1]اسان تي ڪر ڪرم ڪلتار!
حال اسان جو توکي معلوم، خاوند خلقڻهار!
ڏنو سين ڪونہ ڪو هت سک، ڏکن ڪيو حيران،
الم غم ۾ اسين پياسين، پيو خوش جڳ جهان-
لکئي تا آهي ڪيو لاچار........
رلي ٿيا آهيون اسين گمراهہ، لَڪين ڪياسين گناهہ،
رکون ٿا آسرو تنهنجو، اسان کي ڏي تون پناهہ -
سجهي ٿي ڪانہ ڪا ٻي آڌار .....
زمانو بيوفا آهي، وجهي وراڪا ونگ،
ڪڏهن کهڙا ۽ ڪڏهن کهڙا، سوين ڏيکاري رنگ-
عجب تنهنجا آهن اسرار .........

(نڪري وڃن ٿا.)

---

[1] راڳ "آساوري".
طرز: "ڪرون ڪيا تجهڪو، اي بادِ بهار".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پردو پيو

## جلجال جي بادشاهه منسا جي محلات جي اڱڻ پڌر

(راڻي ملڪا ۽ شمعون هڪڙي پاسي کان اچن ٿا. ۽ سامهون شمشاد ملين ٿو.)

ملڪا: اچي خير سان پهتاسين. پر حيرت جي ڳالهه آهي ته منهنجو ڏرڙو گهر - ڏٺي اسان کي رستي تي ڪونه گڏيو! (شمشاد کي) اي، تنهنجو بادشاهه ڪٿي آهي؟

شمشاد: حضور، اندر محلات ۾ آهي، پر سندس حالت ئي ڦري ويئي آهي! مون ٻڌايومانس ته لشڪر اچي لٿو آهي — اها خبر ٻڌي، مُرڪي ڏنائين اوهان جي اچڻ جو به ٻڌايو مانس، تنهن تي چيائين ته "اها خبر هن کان به بچڙي"! امير روبيل جي دغابازيءَ ۽ سندس پٽ جي وفاداريءَ جي خبر جڏهن ڏنيمانس، تڏهن مون کي چڙي چيائين ته "بيوقوف، تون اُبتڙ ڳالهه تو ڪرين"! جنهن ڳالهه تان کيس ڏاڍي ڪاوڙ وجڻ گهرجي، سان هن کي وڻي ٿي، ۽ جنهن تان کيس خوش ٿيڻ گهرجي، سا نٿي وڻيس.

ملڪا: (شمعون کي) تڏهن توکي اڳي وجڻ نه گهرجي. هُن جو ڊپ ڪان ساهه ئي سڪي ويو آهي، تنهنڪري ڪابه مرداني همت ڏيکاري نٿو سگهي. اهڙي بيعزتيءَ جي ڳالهه دل ۾ ئي نه ڪندو، جنهن لاءِ کيس بدلو وٺڻ ضرور ٿيندو. رستي تي پاڻ جيڪي آسون اُميدون ظاهر ڪيون هيون، سي شل جلد پوريون ٿين! امير شمعون، تون موٽي منهنجي پيٽيوبي ڏي وڃ، وڃي سندس لشڪر جي پرتي ڪر، ۽ سندس طرفان جنگ جي تياري ڪر. آءٌ گهر وڃي ٿي پنهنجي مڙس سان هٿيار مٽايان ستايان - سندس سپر ترار آءٌ ٿي ڪٽان، ۽ ڪتڻ جو اٽڻ کيس ٿي ڏيان! هي معتبر ۽ ايماندار نوڪر پنهنجي وچ ۾ پيغام آڻيندو نيندو. اميد آهي ته جيڪڏهن تون پنهنجي ڪوشش ڪندين ۽ همت نه هارينديـن، ته سگهو ئي مون وٽان توکي محبت جو پيغام پهچندو. هان، هي وٺ - منهنجي نشاني اٿئي، سا ڍڪج - وڏيڪ نه ڪُڇج (مُنڊي لاهي ڏئيس ٿي)... هاڻ ڪنڌ نئڙاءِ (چمي ڏئيس ٿي)... هن پيار جي نشانيءَ مان تنهنجي همت ۽ طمع واڌو ٿينـدي - انهيءَ تي وجي ويچار ڪر. هاڻ خدا حافظ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شمعون: آءُ مرڻ گهڙيءَ تائين تنهنجو غلام رهندس.

ملڪا: شمعون، تون مون کي ساهه کان پيارو آهين.

(شمعون نڪري وڃي ٿو.) خدا جي قدرت آهي، ماڻهو ماڻهوءَ جي وچ ۾ فرق ته ڏسو! زال جي واسطي اهو ماڻهو مڙس ڪرڻ جي لائق آهي، جيڪو هاڻي منهنجو مڙس آهي، سو ته رڳو مڇو آهي، منهنجيءَ ٻانهن جو لائق ئي ناهي!

شمشاد: حضور، اجهو بادشاهه ٿو اچي.( نڪري وڃي ٿو. ۽ منسا اچي ٿو.)

ملڪا: ڏاڍي منهنجي آبرو رکي اٿوَ؟

منسا: ملڪا، سچ پڇين ته تنهنجي آبرو اُنهيءَ مٽيءَ جيتري به نه هئڻ گهرجي، جا هوا سان اُڏامي تنهنجي منهن ۾ پوي ٿي! مون کي تنهنجي طبيعت جو گهڻو ڊپ آهي: جو انسان پنهنجي اصل کي ڌڪاري، تنهن کي پوريءَ حد جي اندر روڪي رکڻ ڪو سولو آهي ڇا؟ جا ٽاري پنهنجي ٿڙُ کان ڇڄي ڌار ٿيندي، ۽ پاڻي پيئڻ کان نراس رهندي، يا نيٺ سڙي سُڪي ويندي.

ملڪا: پلا بس ڪريو، ٻڌوسون توهان جو عقل!

منسا: نيڪي ۽ عقل، ڪميني جي نظر ۾ مڙئي ڪمينائي آهي. گندگي رڳو گندن ماڻهن کي پسند ايندي. اوهان ڇا ڪيو آهي- اوهين ڏيون ٿيؤ، يا بلين ۽ شينهن ٿيؤ - اوهان جا ڪهڙا ظلم بيان ڪريان؟ اوهان جو بزرگ پيءُ، ڪهڙو نه مهربان پيرمرد آهي! جيڪر رڇ کي به هن جو حيا پڄجي وڃي، ۽ هن جي اڳيان سر جهڪائي ويهي رهي، اوهين ته انهيءَ کان به پري آهيو - ڪير اوهان کي انسان چوندو؟ اوهان جو هوش ۽ عقل خدا ڪسي ورتو آهي. تنهنجيءَ پيٽ جي گهر واري، ^اهه ڪالاب کي ايتري مَت ڪانه آئي جو ڪٽي اوهان کي اهڙيءَ هلت کان روڪي - هن کي ته ويچاري ٻڍي بادشاهه گهڻو ئي فائدو پهچايو هو. جيڪڏهن خداتعاليٰ ههڙن عظيم گناهن جي سزا ڏيڻ لاءِ آسمان مان آفتون نازل نه ڪندو، ته پوءِ آخر سمنڊ جي مڇين وانگي ماڻهو ماڻهوءَ کي کائڻ ايندو!

ملڪا: رَن جهڙا مڙس، تنهنجي ڪو ٿوپي لاهيندو، ته به توکي ڇڙ نه ايندي، توکي ڪو چماٽون هڻندو، ته به ماٺ ڪري سهي ويندين، توکي پنهنجي عزت، بيعزتيءَ جي وچ ۾ فرق معلوم ٿي نٿو سگهي، توکي ايترو سماءُ به ڪونه ٿيو پئي، ته جي ماڻهو ڪنهن به حرڪت ڪرڻ کان سواءِ موچڙا کائي ماٺ ڪري ويهندا آهن، تن جي حال تي جاهل ماڻهن کي به ارمان ٿيندو آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زابلون: پنهنجي پاران ڪنهن کي هتي سرڪردو ڪري ڇڏي ويو آهي؟

نوڪر: ارميہ جي سپهہ سالار "شموئيل" کي.

زابلون: تو جيڪو خط راڻيءَ کي ڏنو، سو پڙهي ڪو ارمان ٿيس؟

نوڪر: هائو، سائين، خط وٺي، منهنجي روبرو پڙهيائين، ۽ پڙهندي، ڳلن تي ڳوڙها پئي وهايائين. دل ۾ ڏاڍو جوش هوس، پر ڏسڻ ۾ ٿي آيو تہ هوءَ نفس ماريو پاڻ کي روڪيو بيٺي هئي.

زابلون: تڏهن خط جو مٿس اثر ٿيو هو.

نوڪر: ڪاوڙ ڏيارڻ جهڙو نہ، پر غم ۽ صبر سندس دل ۾ پئي ٽڪريا تہ ڪير منجهانئن زور پوي: جيئن نہ مينهن وسندي اُس ۽ جُهڙ گڏ پيا نڪرندا آهن، ٿيئن هن بہ پئي کليو ۽ رنو — اجا چپن سان مرڪي پئي، تہ مٿان اکين مان ڳوڙها موتين وانگي ڪريو ٿي پيس: مطلب تہ جي سپڪنهن کي اهڙي لياقت هجي، تہ غم جهڙي عجيب ۽ وٽندڙ شيءِ دنيا ۾ ٻي ڪانہ هجي.

زابلون: هن توکان ڪو زباني سوال تہ ڪونہ پڇيو؟

- نوڪر: ڪجهہ بہ نہ. هڪڙو يا بہ ڀيرا هن ٿڌو ساهہ کڻي "بابا، بابا" ڪيو - ڄڻ تہ دل ۾ پيءُ جو ڏاڍو درد هوس، پوءِ ڏاڍيان چوڻ لڳي تہ "اديون، ڀينرون، - بيشرم زالون! .. زابلون! .... بابو! ڇا، طوفان ۾؟ ... اونداهيءَ رات جو؟ ڄڻ تہ رحم دنيا ۾ هوئي ڪين!" ائين چئي، پوءِ اچي اُڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي، تنهن کان پوءِ وڃي اڪيليءَ ڪوٺيءَ ۾ ويهي ڏک ڪرڻ لڳي.

زابلون: هي سڀ قسمت جو ڪم آهي. اسان جي حالت سڄي آسمان جي گردش تي منحصر آهي، نہ تہ ساڳيءَ پيءُ - ماءُ مان ٻن طبيعتن جا ٻار ڪيئن پيدا ٿين - هڪڙو صالح ۽ ٻيو ناصالح. انهيءَ کان پوءِ تہ تو وري ساڻس ڪونہ ڳالهايو؟

نوڪر: نہ.

زابلون: بادشاهہ جي موٽڻ کان اڳي مليو هُئينس يا پوءِ؟

نوڪر: پوءِ؟

زابلون: بس، اُهو ويچارو درد وارو ٻيو بادشاهہ هاڻي هن شهر ۾ آهي. جڏهن ڪڏهن اک ٿي پٽجيس ۽ هوش ۾ ٿو اچي، تڏهن جيڪي هتي هلي چلي ٿو تنهن جي خبر پويس ٿي، پر اجا بہ پنهنجي ڌيءَ 'صوفيا' جو منهن ڏسڻ نٿو گهري.

نوڪر: سو ڇو، سائين؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زابلون: بس، ويچاري کي شرم ماري ٿو. سُجهيس ٿو تہ مون ناحق ڪري هن کي پٽ پاراتي سان ڌارين ۾ هڪالي ڪڍيو، ۽ جيڪا ملڪيت سندس حق هئي، سا پنهنجين بيرحم ڌيئن کي ڏيئي ڇڏي ڪيم. اهي ڳالهيون اندر ۾ چڪ ٿيون وجهنس، تنهن جي لڄ ۽ شرم ڪان صوفيا کي ويجهو ئي نٿو وڃي.

نوڪر: افسوس آهي ويچاري جي حال تي!

زابلون: جيشان ۽ جلجال جي بادشاهن جي لشڪرن جو تہ ڪو ذڪر ڪونہ ٻڌءِ؟

نوڪر: مون ٻڌو آهي، هو برابر لشڪر وٺي نڪتا آهن.

زابلون: چڱو، هاڻ آءٌ توکي بادشاهه ايليا وٽ وٺيو ٿو هلان، ۽ توکي اتي ٿو ڇڏيان تہ پلي سندس خدمت ۾ رهين. ڪنهن ضروري سبب ڪري اڃا ٿورو وقت آءٌ لڪ ڇپ ۾ گذاريندس. جڏهن آءٌ پاڻ کي ظاهر ڪندس، تڏهن مون کي هن مدد ڏيڻ جي ڪري تون گهڻو خوش ٿيندين. شابس، هاڻي مون سان هل.

# پردو چوٿون

ساڳي لشڪر گاهه. هڪڙو تنبو

(راڻي صوفيا، هڪڙو طبيب ۽ ڪي سپاهي اچن ٿا.)

صوفيا: هاءِ هاءِ، اهو برابر بابو هو. جيڪو اڳهڙو اسان کي گڏيو هو! مون کي بلڪل سڃاڻپ ۾ نہ آيو: هو مستن وانگي پئي ڳجيو. ڪڏهن تہ وري رڙيون ڪري راڳ پئي ڳايائين. جهنگلي گاهن ۽ گلن جا هار ناهي ڪٺي مٿي کي ٻڌا هئائين! (سپاهين کي) سئو کن سپاهي پکڙي پون، ۽ جهنگن ۽ پوکن مان ڳولي ڦولي هن کي مون وٽ وٺي اچن. (هڪڙو عملدار نڪري وڃي ٿو) انسان جو عقل ڇا ڪري سگهندو، ۽ ڪيئن هن جو هوش وري جاءِ ايندو؟... جيڪو هن کي چڱائي چڱو ڀلو ڪندو، انهيءَ کي آءٌ پنهنجو سڀ مال ملڪيت ڏينديس!

طبيب: راڻي صاحبہ، اوهين اُلڪو نہ ڪريو. مون کي ان جو علاج سُجهي ٿو: ننڊ ۽ آرام سڀ مرض کي دفع ڪندڙ آهي، ۽ بادشاهه کي اُن جي تمام گهٽي گهرج آهي. گهڻيون ئي دوائون آهن، جن جي ڏيڻ سان ننڊ اچي سگهجي ٿي، ۽ انهيءَ ڪري جسمي درد لهي وڃي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

روبيل: خدا کي پرتين. (ٿورو ماٺ ڪري) وئين؟

شمسون: (پري کان) هائو، سائين، آءٌ وڃان پيو. خدا حافظ.

روبيل: خدا حافظ

شمسون: (پنهنجي منهن) آءٌ جو هن سان هن ناأميديءَ ۾ هي چرچا ٿو ڪريان، سو رڳو هن جي فائدي ڪاڻ ۽ هن جي غم دور ڪرڻ لاءِ.

روبيل: (ويهي ڳائي ٿو)

مون تي مولا ڪئي مهرباني[1]-
دل ڦري دنيا کان ٿي ديواني.

تيو زماني کان آهيان آءٌ بيزار،
دل ۾ دردي، بدن ۾ آءٌ بيمار،
آئي پيري، ويئي گذري جواني- دل ڦري....

هي وڏو هيئن ڏکن مون کي ماري،
سک سهڻ جي نه دلڙي ٿي ساري،
فڪر ۽ غم ۾ آءٌ ٿيس فاني - دل ڦري.....

ڇو نه تنهن کان ڪريان پاڻ قربان،
۽ پوان آءٌ ڇٽي، لاهيان ارمان،
اُت وڃان جت نه غم جي نشاني - دل ڦري.......

(ٿورو ماٺ ڪري، چوي ٿو)

يا خدا، هاڻ آءٌ هيءَ دنيا ترڪ ٿو ڪريان، هيءَ جان ترڪ ٿو ڪريان - من هنن ڏکن کان ڇٽان! هاڻ آءٌ مرڻ لاءِ تيار آهيان.

(روبيل اُٿي ٽپو ڏئي ٿو، ۽ زمين تي ڪري پوي ٿو.)

شمسون: (پنهنجي منهن) متان، پاڻ کي مارڻ جي شوق ۾، رڳو خيال ڪرڻ سان ئي ساهه نڪري وڃيس! جتي پاڻ ٿو سمجهي، اُتي جيڪڏهن هي هجي ها، ته هيستائين سندس نشان ئي ڪونه هجي ها. (وڏي سڏ آواز مٽائي) اي سائين، بچيو ته آهين، خير ته آهي، جيئرو آهين ڪي مري وئين؟... ٻڌين

[1] راڳ 'آسا' تار 'چنچل'
طرز: "ليليٰ ليلي پڪارون مين بن مر".

تنھنکري، پريا مڙس، تون کو ڏاڍو نصيب وارو آهين. تنھنجو طالع زور آهي، ۽ خدا جي توتي خاص مهرباني آهي، جو نہ ٿيڻ جھڙي شيء تنھنجيء حالت ۾ ٿي پيئي آهي، ۽ تون صحيح سلامت بچي ويو آهين!

روبيل: برابر، مون کي ڳالھ دل سان لڳي ٿي. اڄ کان پوء ڪابہ مصيبت منھنجي سر تي آئي، تہ آءٌ صبر ڪري سهندس - پوء پلي تہ وڏي ايتري ٿئي جو مون کي ماري رکي، پر ڪچندس ڪين ۽ هوء شيء جنھن جو تون ذڪر ٿو ڪرين، تنھن کي مون ماڻھو ڪري سمجھيو هو. برابر، ڪنھن ڪنھن مهل شيطان کي سڏ پئي ڪيائين، ۽ جنن پوتن جا نالا پئي ورتائين. هو مون کي انھيء ٽڪريء جي چوٽيء تائين وٺي آيو هو.

شمسون: هاڻ دلجاء ڪر، ۽ خوش ٿيء.... پر هي ڪير ٿو اچي؟ (اتي شاھ ايليا، چرين وانگي هلندو اچي، بت تي پَن ۽ گـُل نڳل اٿس) ڪو چريو ٿو ڏسجي، هوش واري جا تہ اهڙا حال نہ ٿيندا آهن.

بادشاھ: هنن کي ڪال مجال آهي. جو سِڪي هٿڻ جي لاء مون کي هٿ لائي سگهن، - آءٌ بادشاھ خود آهيان!

شمسون: هاء هاء، هن ڏٺي منھنجي ڪمر ٿي ٽُٽي!

بادشاھ: هن ڳالھ ۾ خدا جي قدرت، بندي جي صنعت کان مٿي آهي. هان، هيء پگهار علي الحساب اوهان سپاهين کي ڏجي ٿو. هن کي تہ تير - ڪمان جهلڻ ئي نٿو اچي - جڻ تہ ڪو ٻهراڙيء جو جٽ آهي، جو ڪانگ هڪلڻ بيٺو آهي! پلا ، تير تہ هٿي ڏيکار،... پر ڪو ڊگھو تير هٽجئين، ڪپڙي جي ڳڙيء جيڏو! اوجهو، اوجهو، ڪـُئو ٿو اچي.... چپ، چپ - مانيء جي ٽـُڪڙيء تي ڦاسي پوندو! موڪل آهي ڪنھن کي جو مون سان وڙهي - آءٌ ديو کان بہ ڪين ٽرندس!.... ڪهاڙن وارا سپاهي وٺي اچو! واہ جو تير ڇٽو آهي - او نـڪ نشان تي - نڪ نشان تي!.... خبردار ڪير ٿو اچي؟ ... جواب ڏي!

شمسون: رعيت.

بادشاھ: هليو وڃ.

روبيل: هي آواز تہ آءٌ سڃاڻان ٿو!

بادشاھ: هان، هي ڪير؟... ملڪا!... اڇيء ڏاڙهيء سان! منھنجي ڪيئن نہ ڪتي وانگي خوشامد ڪندا هئا، ۽ چوندا هئا تہ تنھنجي ڏاڙهيء ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

روبيل: ڪھڙو نہ عجيب انسان بگڙي پيو آهي! ھيءُ سارو جھان نيٺ ائين خراب ۽ نابود ٿي ويندو.. سائين، تون مون کي سڃاڻين ٿو؟

بادشاھ: تنھنجون اکيون مون کي برابر دل سان لڳن ٿيون... تون مون تي اکيون پيچين ٿو ڇا؟ برابر، برابر، تون انڌو عشق آهين: موڪل اٿئي، جيڪي مٽا وٺنئي سي هڻ، آءٌ ڪنھن جي بہ محبت ۾ نہ ڦاسندس! ھان، ھي لکيل پروانو اٿئي، وڃي پڙھي ڏس. (ڪاغذ جو ٽڪر ڏئيس ٿو.)

روبيل: سڀ اکر سج جھڙا چٽا ڪٽي هجن، تہ بہ آءٌ اُھي ڏسي ڪين سگھندس.

شمسون: (پنھنجي منھن) مون کي ماڻھن جي افواھ تي اعتبار نٿي آيو تہ ڪو بابي سان ھھڙو ظلم ٿيو آھي، پر اھا ڳالھ بيشڪ سچي آھي، منھنجي تہ دل ٿي جلي.

بادشاھ: پڙھين نٿو؟

روبيل: ڇا سان پڙھان – خالي اکين جي ڪُنڌن سان؟

بادشاھ: مار، اصل ائين؟ – اکيون ڇٽ ۽ ڪيسو خالي! ايترو تہ ضرور ڏسندو ھوندين تہ ھيءُ زمانو ڪيئن ٿو ھلي؟

روبيل: ٻيءَ طرح معلوم ڪري سگھان ٿو.

بادشاھ: اڙي، ديوانو تہ ناھين؟ ماڻھو اکين ڪان سواءِ بہ ڏسي سگھي ٿو تہ زمانو ڪيئن ٿو ھلي. پنھنجن ڪَنن سان ڌيان ڏي، ۽ ڏس تہ ھو حاڪم ھن ويچاري چور تي ڪيئن نہ پيو ڪاوڙيون ڪري! ٻڌين ٿو نہ؟ ھا.... ھاڻ ھنن جون جايون ڪٽي ھڪٻئي سان بدلاءِ – پوءِ خبر ڪانہ پوندي تہ چور ڪھڙو ۽ حاڪم ڪھڙو. تو ڏٺو آھي نہ تہ ڪڙميءَ جو ڪتو فقير تي ڪيئن ڀَوَنڪندو آھي؟

روبيل: ھائو.

بادشاھ: ۽ ويچارو فقير، ڪتي ڪان پڇي جند ڇڏائيندو آھي. حاڪم جي حڪم جو اھڙو مثال ٻيو ڪونھي. ڪتو ڪٽي حاڪم ٿيندو، تہ بہ انھيءَ جو حڪم پيو ھلندو. اي، بيحيا قاضي، تون ڇا لاءِ ناحق ھن رنڊيءَ کي چھبڪ ٿو ھڻين؟ اھي چھبڪ پنھنجن پٺن تي ھڻ، ڇاڪاڻ جو جنھن ڪم جي لاءِ تون ھن کي چھبڪن جي سزا ڏين ٿو، سو ئي ڪم تون پاڻ ھن سان ڪرڻ گھرين ٿو.... لوپي تو نوڳيءَ کي ڦاسيءَ جي سزا ڏئي! ڦاٽلن ڪپڙن ۾ ننڍڙا قصور بہ وڏا گناھ ڏسبا آھن، ريشم ۽ زريءَ جي ڪپڙن ۾ اھي لڪي ويندا آھن، ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏسبا ئي ناھن. گناھ کي سون جو پردو چاڙھي ڇڏ. پوءِ ويٺو ڏس تہ انصاف جو نيزو ان ۾ لڳندو ئي ڪين - لڳندو تہ ڀڄي پوندو! وري مٿس اگڙين جو پوش ڪٽي وجھ، پوءِ ڏسندين تہ ڪين جھڙي ماڻھوءَ جو ڪک بہ منجھس ٽنگ ڪري لنگھي ويندو... ڪوبہ ڏوھي ڪونھي، ڪوبہ ڪونھي، ڪوبہ ڪونھي - آءٌ ان جو ذمو ٿو کڻان! يار، آءٌ توکي ناٽو ٿو ڏيان. ۽ اھو اھڙي شيءِ آھي، جو فريادي جي چپن تي مھر ھڻي ڇڏيندو. انھيءَ ڪان وجي شيشي جون ڪوڙيون اکيون وڌي وجھ، ۽ ڍونگ ڪري چؤ تہ آءٌ ڏسان ٿو - جيئن نہ ڪي نڪما امير ڪندا آھن، جن کي ملڪ جي ڪابہ خبر ڪانہ ھوندي آھي، تہ بہ چوندا آھن تہ اسان کي سڀ ڪا خبر آھي!... ھاڻ، ھاڻ، ھاڻ، ھاڻ - ڀلا ڇڪي منھنجو جُوتو تہ لاھ - ڇڪ، ڇڪ، زور سان، زور سان .... ھان شاباس!

شمسون: افسوس، جيڪي ڳالھائي ٿو سو معنيٰ وارو بہ آھي، ۽ بي معنيٰ بہ آھي: چريائيءَ جي حالت ۾ عقل جون ڳالھيون پيو ڪري!

بادشاھ: جيڪڏھن توکي منھنجي ڪمبختيءَ تي روئڻو ھجي، تہ تڏھين آءٌ توکي پنھنجون اکيون اُڌاريون ڏيان. آءٌ توکي چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو - تنھنجو نالو 'روبيل' آھي. توکي صبر ڪري سڀ سور سھڻ گھرجن. اسين ھن جھان ۾ روئيندي پيدا ٿيا آھيون، سا توکي خبر آھي. اجا ڀھرين ھن دنيا جي ھوا لڳي ٿي، تہ اسين روئون ۽ رڙون ٿا. ڏس، آءٌ توکي وعظ ٿو ڪريان.....

روبيل: ھاءِ ھاءِ، افسوس، افسوس!

بادشاھ: جڏھن اسين ڄمون ٿا، تڏھن اسان جي روئڻ مان مطلب آھي تہ اسين ھن احمقستان ۾ اچي داخل ٿيا آھيون. (ٽوپي لاھي) ھيءَ ڪھڙي نہ نرم شيءِ آھي!... ھڪڙي ڏاڍي مزي جھڙي رٿ مون کي خيال ۾ آئي آھي: سوارن جي گھوڙن کي ھھڙا نرم نمل ڪٽي ھڻائجن، تہ ڊوڙندي آواز نہ ڪن - پوءِ، آزمودي لاءِ، سوارن جو لشڪر لڪچوريءَ پنھنجن نائين جي گھر وٺي ويندس. جڏھن اوچتو مٿان وڃي پوندوسان، تڏھن - قھ، قھ... زپ، زپ.... مار، مار! (اتي راڻيءَ صوفيا جو نوڪر، ڪي ماڻھو ساڻ وٺي اچي ٿو.)

نوڪر: اجھو، ھتي آھي... مڙي اچو، مڙي اچو! (بادشاھ کي) سائين، اوھان جي پياري نياڻيءَ...(ماڻھو وٺنس ٿا)


Scanned with CamScanner

بادشاهه: ڪين ڇڏيندؤ؟ ڇا. آءٌ قيدي ٿيس ڪيئن؟ آءٌ اڳي ئي قسمت جي هٿ ۾ هڪڙو رانديڪو آهيان - مون کي چڱي طرح هلايو. اوهان کي منهنجي ڇڏائڻ لاءِ چڱي رقم ملندي؟ وڃي ڪي جراح منهنجي لاءِ وٺي اچو - منهنجو مٿو مغز تائين وڍجي پيو آهي!

نوڪر: سائين، اوهان جي لاءِ سڀ ڪجهه ٿا آڻيون.

بادشاهه: ڇا، مون سان ٻيو ڪوبہ همراهه نہ ٿيندو. آءٌ اڪيلو هوندس؟ جي ائين ٿيندو، تہ پوءِ ماڻهوءَ جي اکين مان ايترو پاڻي جاري ٿيندو، جنهن سان باغ جي وڻن کي ريج ڏيئي سگهبو، ۽ ڇٽڪار ڪري مٽي جمائي سگهبي!

نوڪر: غريب نواز، هي ڇا ٿا چئو؟

بادشاهه: آءٌ گهوٽ وانگي عمدن ڪپڙن ۾ مرندس، آءٌ ڪل خوشي ڪندو رهندس... نيٺ آءٌ بادشاهه آهيان! بابا، اها خبر اٿوَ يا نہ؟

نوڪر: بيشڪ، اوهين ست - پيڙهيا بادشاهه آهيو، ۽ اسين اوهان جا تابعدار آهيون.

بادشاهه: تڏهن بچڻ جي ڪا اُميد ڏسجي ٿي. پر، جي بچڻ گهرين تہ ڀڄڻ گهرجيئي... ڀڄ ، ڀڄ ڀڄ! (ڀڄندو نڪري وڃي ٿو، ۽ ماڻهو بہ پٺيانئس نڪري وڃن ٿا.)

نوڪر: جي ڪنهن غريب جو ههڙو حال هجي، تہ بہ جيڪر ضرور مٿس رحم اچي وڃي، پر بادشاهه جو ههڙو حال تہ ڳالهہ ڪرڻ کان ٻاهر آهي. هن جي ٻن ڌيئن مان جيڪا خرابي ۽ زال ذات جي بدنامي پيدا ٿي آهي، تنهن کي دفع ڪرڻ ۽ اُجارڻ لاءِ هن کي اجا بہ هڪڙي ڌيءَ آهي.

شمسون: اَدا، خوش تہ آهين؟

نوڪر: اَدا، خير هجي. ڪو مون ۾ ڪم آهي؟

شمسون: هائو. ڪنهن جنگ جو گرم افواهہ تہ ڪونہ ٿو ٻڌجي؟

نوڪر: ٻڌجي ٿو. بلڪل عام آهي، جنهن کي ڪن هوندا، تنهن اها خبر پڪي ٻڌي هوندي.

شمسون: پلا، اَدا، پلاٽي ڪري ٻڌائجئين تہ هو ٻيو لشڪر ڪيترو ويجهو اچي پهتو آهي.

نوڪر: تمام ويجهو آهي، ۽ ڪاهيندو اچي. گهڙيءَ گهڙيءَ اُن جي اچي ظاهر ٿيڻ جو هتي انتظار آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شمسون: ادا مهرباني تنهنجي. بس، مون کي فقط اها خبر پڇڻي هئي.

نوڪر: جيتوڻيڪ راڻي صاحبہ ڪنهن ضروري ڪم سبب هتي رهيل آهي، تہ بہ سندس لشڪر اڳي روانو ٿي ويو آهي.

شمسون: ڀلائي تنهنجي. ڀلي آئين.

(نوڪر نڪري وڃي ٿو.)

روبيل: يا خدا، تون منهنجي حياتي پوري ڪر، ۽ تون منهنجو ساهہ ڪڍ - ائين نہ ڪر جو شيطان جي چونگ تي اجل ڪان اڳي آءٌ پاڻ کي ماري رکان!

شمسون: ڏاڏا، اها چڱي دعا ٿو ڪرين، خدا ڀل پوري ڪندو!

روبيل: هاڻ ابا، تون مون کي ٻڌاءِ تہ تون ڪير آهين؟

شمسون: آءٌ هڪڙو تمام غريب مسڪين آهيان. قسمت ۾ جيڪي ڏکا لکيل هئا سي ڪائي نهي ويو آهيان، ۽ ڏک سهي سهي هري ويو آهيان. تنهنڪري ٻين جي ڏکن تي مون کي جهٽ ۾ قياس اچيو وڃي، مون کي پنهنجو هٿ ڏي تہ توکي وٺي هلي ڪنهن اُجهي ۾ ڇڏيان.

روبيل: ابا، آءٌ تنهنجو گهڻو شڪرگذار آهيان، خدا ڀل سدائين خوش رکنديءِ!

(اتي شمشاد اندر لنگهي اچي ٿو.)

شمشاد: واهه، مزو ٿيو. اشتهاري گنهگار ڪٽي خدا ڏياريو آهي! پانئجي تو تہ اصل ڪان تنهنجي اِها انڌي سسي مون کي بخت لاڻڻ لاءِ خدا خلقي هئي. انڌا، ڪمبخت، دغاباز، هاڻ تنهنجا ڏينهن اچي پورا ٿيا آهن. سو جلد خدا کي ياد ڪري پنهنجا گناهہ بخشائي وٺ. (ترار ڪڍي) اِجها، ترار نڪتي آهي، جا تنهنجو ڪم پورو ڪندي.

روبيل: (شمسون کي) ابا، ڪيڏي وئين؟ هاڻ واهر جي مهل اٿئي، ڏيکار ڪا مڙسي!

(شمسون، شمشاد سان اُڪي ٿو.)

شمشاد: اي متي ڦريل ڪڙمي، ڇا لاءِ تون هڪڙي اشتهاري ڏوهاريءَ جو پاسو ٿو وٺين؟ پري ٿي، متان جنهن ڪمبختيءَ هن کي ورايو آهي سا توکي بہ اٽي ورائي - ڇڏي ڏي هن جي ٻانهن!

شمسون: آءٌ ڪو اهڙو سولو ڇڏيندوسانس!

شمشاد: اڙي، ڇڏي ڏي، ڪمينا، نہ تہ انهيءَ دم تو قتل ڪريانءِ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

توبهه توبهه. زال ذات جي اُندر جو انت ٿي ڪونهي: هيءَ هاڻ پنهنجي اُشراف مڙس تي منصوبو رٿيو اٿس. ۽ اُنهيءَ جي جاءِ تي منهنجي پاءُ شمعون کي رکڻ ٿي گهري! (لاش کي) آءٌ توکي هن واريءَ ۾ هٽي ٿو ڇڏيان، جو تون خوني زنا ڪارن جا خط ٿو آڻين ۽ پيغام ٿو پهچائين. مهل ڏسي، آءٌ پاڻيهي هي خط اُنهيءَ بادشاهه کي ڏيکاريندس، جنهن جي مارڻ جو منصوبو ٺيو آهي. تنهنجي ڪم ۽ تنهنجي موت جو ٻڌي، هو ڏاڍو خوش ٿيندو.

روبيل: بادشاهه ته ڏک ڏسي چريو ٿي پيو آهي، آءٌ ڪو اهڙو نئر ۽ نجس آهيان، جو هيترا عذاب سنا اٿم. ته به مون تي اثر ئي ڪونهي. ۽ هلندو وتان! انهيءَ ڪان ديوانو هجان ها ته چڱو هو، جو پنهنجن ڏکن تي خيال ڪرڻو ته ڪونه پوي ها – هوش پورو ناهي، ته ڏکن جو سماءُ ئي ڪونه ٿو پوي.

شمسون: ڏاڏا، مون کي هٿ ڏي ته هلون. پري ڪان منهنجي ڪن تي جنگ جي نغاري جو آواز پوڻي ٿو. آءٌ ته هلي توکي ڪنهن دوست جي گهر ۾ ويهاريان. (وڃن ٿا.)

# پردو ستون

## آرميءَ جي لشڪر گاهه ۾ هڪڙو تنبو

(بادشاهه ايليا هنڌ تي ستو پيو آهي. چوڌاري طبيب ۽ نوڪر ويٺا آهن. راڻي صوفيا ۽ زابلون اچن ٿا.)

صوفيا: ايماندار زابلون، ڪيئن آءٌ تنهنجي اشرافت ۽ سچائيءَ جو توکي انعام ڏيئي سگهنديس: سڄي عمر تو سان ڀلائي ۽ احسان ڪريان، ته به تنهنجيءَ ڀلائيءَ ۽ احسان سان مٽ نه پئي سگهندا!

زابلون: حضور، منهنجي لاءِ ايترو بلڪل بس آهي جو اوهين مهرباني ڪري اهڙو اقرار ڪريو ٿا. جيڪي ڳالهيون مون اوهان کي ٻڌايون آهن، سي ذري پرذي سچيون آهن – نڪي گهٽ، نڪي وڌ.

صوفيا: هاڻ وڃي بهتر پوشاڪ ڍڪ. هي تنهنجا ڪپڙا ڏسي، اڳيان نياڳا ڏينهن ٿا ياد پون. تنهنڪري وڃي اِهي لاهي ڇڏ.

زابلون: حضور، مون کي معاف ڪريو. جي آءٌ هاڻي ويس بدلائي پاڻ کي ظاهر ڪندس، ته جيڪو اِرادو دل ۾ رٿيو اٿم، سو پورو نه ٿيندو. منهنجو


Scanned with CamScanner

روڪيانس ها. هاءِ هاءِ، بابا. اوهين کي ڪنين گندين پـُـونگين ۾ سوُرن ۽ نڌڪن ڪمينن ماڻهن سان گڏ رهڻ جا لائق هئُو ڇا؟ افسوس، افسوس، عجب آهي تہ اوهان جو ساهہ ۽ اوهان جو هوش گڏ نڪري نہ ويا!....

اوجهو، جاڳي ٿو، هاڻ ساڻس ڳالهاءِ.

طبيّب: حضور، بهتر آهي تہ اوهين ساڻس ڳالهايو.

صوفيا: بابا، هاڻي ڪيئن آهيو، ڪيئن ٿا پائيو؟

بادشاهہ: چو ٿا مون کي قبر مان گهلي ٻاهر ڪڍو. چو ٿا مـون کـي ستايو؟ تون تہ بهشتي روح آهين، پر آءٌ باهہ جي چـَـڪر سان ٻڌو پيو آهيان. ۽ مون کي پنهنجين اکين جون هنجـون پگهريـل شيهي وانگـي پيـون جلائيـن!

صوفيا: سائين، مون کي سڃاڻو ٿا؟

بادشاهہ: هائو، سڃاڻان ٿو. تون هڪڙو روح آهين... تون دنيا ۾ ڪڏهن مري ويو هئين؟

صوفيا: اڃا، اڃا هوش جاءِ نہ اٿس.

طبيب: اڃا برابر جاڳيو ناهي، ٿورو وقت هيڪلو ڇڏي ڏيوس.

بادشاهہ: (اکيـن کـي ملـي اُٿـي ويهـي ٿـو)آءٌ ڪٿـي آيـو آهيـان؟... آءٌ هيستائين ڪٿي هوس؟... اڙي، صاف روشني!.... آءٌ تـہ منجهـي ويـو آهيـان! ههڙي خوشي وري ڀيو پيرو ڏسڻ لاءِ، آءٌ جيڪر ڪـُـڌ ڪري مران!.... مون کي سمجهہ نٿو اچي تہ آءٌ ڇا چوان...! (هٿ ڏسي) آءٌ قسم ڪٿي ڪيـن چونـدس تـہ هي هٿ منهنجا آهن - پلا ڏسان...(وهاڻي مان هڪڙي ٽاچڻي ڪـڍي، ٻانهن ۾ هڻي ٿو) هيءَ ٽاچڻي ٻانهن ۾ چبي ٿي، ۽ ايذاءُ ڏئي ٿـي: مـون کـي پنهنجـي تندرستي ۽ هوش جي حالت جي پڪ ٿي وڃي، تہ ڪهڙو نہ خوش ٿيان!

صوفيا: بابا سائين، ڪي منهن مٿي ڪري مونڏي تہ نهاريو، ۽ پنهنجا هٿ ڪٿي خدا جي درگاهہ مان منهنجي حق ۾ دعا گهرو. (بادشاهہ ڏيءَ کـي نهاري نهاري، سندس اڳيان گوڏن ڀر ويهي ٿو. هوءَ ٻانهن کان وٺي، زور ڪـري اُٿاريس ٿي) نہ نہ، سائين، اوهان کي گوڏن ڀر ويهڻ نہ گهرجي!

بادشاهہ: خدا جي واسطي مون تي کل نہ، ٺٺوليون نہ ڪر. آءٌ هڪڙو ڪـم عقل پوڙهو فرتوت آهيان، اُسي ورهين عمر کان بہ مٿي - نہ گهڙي گهٽ، نہ وڌ. سچ پڇين تہ مون کي پنهنجي پـوري هـوش ۾ هجـڻ جـي بـہ اڃا پـڪ نٿي ٿئي.


Scanned with CamScanner

منهنجي دل تي چوي ته مون کي خبر پوي ته تون ڪير آهين. ۽ هيءُ شخص ڪير آهي! (زابلون ڏي هٿ ڪئي) مون کي اجا به شڪ آهي، ڇا لاءِ جو آءٌ برابر سمجهي نٿو سگهان ته هيءُ ڪهڙي جاءِ آهي. جيتري سمجهه اٿم. ان موجب ايتري به يادگيري نٿي پوي ته هي ڪپڙا ڪنهن جا آهن. ۽ ڪڏهن ڏٺا هوم. نڪا اها خبر اٿم ته گذري رات آءٌ ڪٿي هوس... بيلي، مون تي کلو نه. جي سچ پچ آءٌ مڙس ماڻهو آهيان. ته آءٌ پاڻيان ٿو ته هيءُ مائي منهنجي ڌيءُ صوفيا آهي!

صوفيا: اُها ساڳي... آءٌ آهيان. آءٌ آهيان! (پاڪر پائيس ٿي. ۽ روئي ٿي.)

بادشاهہ: (ڌيءُ جي منهن ۾ نهاري) ڇا. تنهنجن اکين ۾ پاڻي ٿو ڏسجي؟ - هائو. برابر. (روئي چوي ٿو) بابا. ڏاهي ٿي. روءُ نه. جي تو منهنجي لاءِ کو زهر جو پيالو آندو هجي. ته مون کي ڏي ته آءٌ پي وڃان. مون کي خبر آهي ته مون توسان رهائي ڪانهي ۽ تون مون کي نٿي گهرين. آءٌ پاڻيان ٿو ته تنهنجين ڀينرن مون کي ڏاڍا سور ڏنا آهن. توکي سبب آهي مون کي ايذاءُ ڏيڻ جو. پر هنن کي ته اصل ڪونهي.

صوفيا: ڪوبه سبب ڪونهي، ڪوبه سبب ڪونهي.

(پوءِ گوڏا پيچي ڳائي ٿي.)

[1]ڪـر ڪـو فڪـر نـه دل ۾ ري،
مهربان پدر. ٿيان قربان اوهان تان ذري ذري!
بـار اوهـان جـا مـون تـي بيحـد.
ڪيئن سگهان آءٌ لاهي - مهربان پدر...
خدمـت پـيءُ جـي ڌيءُ تـي واجـب،
فـرض اصـل ڪـان آهـي - مهربـان پـدر...
جيڪـي گذريـو هـو قسـمت ۾.
ڏوهہ ڪنهين جو نـاهي - مهربـان پـدر...
بنـدو ٿيـو هـر أمـر ۾ بيـوس،
قلـم قضـا ٿـي واهـي - مهربـان پـدر...

---

[1] طرز: "مورا الر نه ڪريئو ري".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هـــاڻ ڪريـــو هـــر طـــرح تســـلي،
ويهـو دل ڪـي نـاهي - مهربـان پـدر...

بادشاهہ: آءٌ آرميہ جي ملڪ ۾ آهيان ڇا؟
زابلون: سائين، اوهين پنهنجي ملڪ ۾ آهيو.
بادشاهہ: پيلي، مون سان مسخري نہ ڪريو. ٺڳي نہ ڪريو...
طبيب: (صوفيا کي) حضور، هاڻ بلڪل خاطر تسلي ڪريو: ڏسو، هن جي اندر ۾ جو جوش هو سو گهڻو جهڪو ٿيو آهي. اجا بہ هن جو گذريو احوال هن کي ذري پرذي ياد ڏيارڻ چڱو ناهي، ڇڏيوس تہ پلي اندر وڃي آرام ڪري. جيسين وري مغز جاءِ اچيس، تيسين هن جو نالو وٺڻ نہ گهرجي.
صوفيا: بابا سائين، دل چئيوَ تہ اُتي ٿورو پنڌ ڪريو.
بادشاهہ: آيا، توکي مون تي قياس ڪرڻ گهرجي. پلاٽي ڪري گذريءَ کي ياد نہ ڪر. ۽ جيڪا مون کان ٿي آهي، تنهن لاءِ مون کي معاف ڪر - نيٺ آءٌ ڪراڙو ۽ ڪم عقل آهيان.
(بادشاهہ، صوفيا، طبيب ۽ ٻيا ماڻهو - سڀ نڪري وڃن ٿا.)
نوڪر: سائين، اها ڳالهہ برابر آهي ڪيئن تہ شاهہ ڪالاب، جيشان جو بادشاهہ، ائين مارجي ويو؟
زابلون: برابر آهي، پڪ آهي.
نوڪر: تڏهن سندس لشڪر جو سپهہ سالار ڪير آهي؟
زابلون: چون ٿا تہ امير روبيل جو اڳ - ڇائو پٽ، شمعون.
نوڪر: ماڻهن جو چوڻ آهي تہ امير روبيل جو پٽ شمسون، جنهن کي شهر نيڪالي ملي هئي، سو امير زابلون سان گڏ فاران ملڪ ۾ رهي ٿو.
زابلون:ادا، ڪيئن هڪڙي افواهہ تي اعتبار ڪجي. بادشاهن جو لشڪر ڪاهيندو اچي ويجهو پوندو، بهتر آهي تہ هلي نظرداري ڪجي.
نوڪر: جنگ لڳي، تہ گهڻو ڪري ڏاڍي خونريزي ٿيندي. هاڻ پلا، خدا حافظ.
(نڪري وڃي ٿو.)
زابلون: اچوڪي لڙائيءَ جي نتيجي تي منهنجي قسمت منحصر آهي، پوءِ چڱي ٿئي يا بڇڙي، پاڻيهي خبر پوندي.
(نڪري وڃي ٿو.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زلفا: آءٌ هن جو ساڙ بلڪل سهي نہ سگهنديس. پيارا امير، پلاٽي ڪري هن ساڻ گستاخي نہ رکندو وچ.

شمعون: انهيءَ جو تون گهڻو خيال نہ رک. اجهو، هوءَ پاڻ ۽ شاهہ منسا بئي اچن ٿا.

(شاهہ منسا، راڻي ملڪا ۽ سپاهي اچن ٿا.)

ملڪا: (منهن پاسي ڪري) جنگ هارجي تہ پلي هارجي، پر منهنجي مرضي نہ آهي تہ ادي مون کي پنهنجي پياري دوست کان ڌار ڪري.

منسا: (زلفا کي)آدي، خوش چڱي ڀلي تہ آهين؟

(شمعون کي) امير شمعون، مون ٻڌو آهي تہ ٻيو بادشاهہ پنهنجي ننڍي ڌيءَ سان وچي گڏيو آهي، ۽ ٻيا اُهي ماڻهو، جن کي اسان سختي ڪري ملڪ مان ڪڍي ڇڏيو هو، سي بہ ساڻن آهن. منهنجي عادت آهي تہ جنهن هنڌ منهنجي دل ۾ ڪو وسوسو گذرندو آهي. اُنهيءَ هنڌ آءٌ پنهنجي همت ڏيکاري نہ سگهندو آهيان. هن ڪم ۾ آرمينيا جو بادشاهہ رڳو ٻيڙي بادشاهہ کي واهر نٿو ڏئي، پر پاڻ ڪاهہ ڪري اسان جي ملڪ تي آيو آهي ۽ ساڻس اُهي ماڻهو آهن، جن کي اسان سان برابر دلي دشمني آهي، تنهنڪري اسان کي چڙ اچڻ جو واجبي سبب آهي.

شمعون: سائين، اوهين چڱي ڳالهہ ڪريو ٿا.

زلفا: اهڙي ذڪر ڪرڻ جو مطلب ڇا آهي؟

ملڪا: مطلب اهو آهي تہ گڏجي دشمن سان وڙهون، ۽ ڪين جهڙا خانگي جهڳڙا جهيڙا هن مهل وساري ڇڏيون.

منسا: تڏهن هاڻ اسان کي گهرجي تہ پنهنجن آزمودگار ۽ جهونن عملدارن سان هن امر ۾ صلاح مصلحت ڪريون.

شمعون: بهتر آهي، آءٌ انهيءَ دم اوهان جي تنبوءَ ۾ اچي حاضر ٿو ٿيان.

زلفا: (ملڪا کي) اُدي تون ايندينءَ تہ پاڻ هيڏي هلون.

ملڪا: نہ، اُدي، مون کي معاف ڪر.

زلفا: پلاٽي ڪري اچ تہ پاڻ ۾ گڏجي ڪي ڳالهيون ٻوليون ڪريون.

ملڪا: (منهن پاسي ڪري) مون اها پرولي اڳي ئي ٻجهي آهي. (زلفا کي) نہ، ادي، آءٌ تہ هيڏي وڃان ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(هو نڪري وڃڻ تي آهن، تہ شمسون بدليل ويس ۾ داخل ٿئي ٿو.)

شمسون: (منسا کي) حضور، جي مون جهڙي غريب ماڻهوءَ سان اوهان کي ڳالهائڻ ۾ حرڪت نہ هجي، تہ منهنجي هڪڙي ٿورڙي ڳالهہ ٻڌو.

(انهيءَ وچ ۾ ٻيا سڀ نڪري وڃن ٿا.)

منسا: آءٌ تنهنجي ڳالهہ ٻڌندس، چئو.

شمسون: لڙائي شروع ڪرڻ کان اڳي، هي خط کولي پڙهي ڏسجو. (خط ڏئيس ٿو.) جي اوهان کي فتح حاصل ٿئي، تہ ڍنڍورو گهمائجو تہ جنهن خط آندو هو سو اچي حاضر ٿئي - جيتوڻيڪ آءٌ غريب مسڪين ڏسجان ٿو، تڏهن بہ آءٌ اهڙو ماڻهو حاضر ڪري سگهندس، جو ثابت ڪري سگهندو تہ جيڪي هن ۾ لکيل آهي سو سڀ سچ آهي - ۽ جيڪڏهن لڙائيءَ ۾ اوهان هارايو، تہ پوءِ اُئين ئي اوهان جو دنيا ئي ڏنڌو پورو ٿيو، ۽ دشمني بند ٿي. هاڻ آلهہ واهي، خدا شل اوهان کي فتح ڏيندو.

منسا: بيهجئين، جيسين آءٌ خط پڙهي رهان.

شمسون: مون کي ائين ڪرڻ کان منع ٿيل آهي. جڏهن اُها مهل اچي، تڏهن ڍنڍورو گهمائجو تہ آءٌ پاڻيهي وري اچي حاضر ٿيندس.

منسا: چڱو، خدا کي پرتين، آءٌ تنهنجو خط پڙهي ڏسندس.

(شمسون نڪري وڃي ٿو. جهٽ ۾ شمعون اچي ٿو.)

شمعون: دشمن جو لشڪر پري کان نظر ۾ اچي ٿو، هاڻ بهتر آهي تہ اوهين پنهنجي لشڪر کي صفون هٿائي بيهاريو. (هڪڙو ڪاغذ ڏيکي ٿو) اجهو، دشمن جي لشڪر جو تعداد، جو پڪيءَ طرح جاسوسن آڻي ڏنو آهي. هاڻ اوهان کي جلدي ۽ چالاڪي ڪرڻ گهرجي.

منسا: اسين هنن کي سامهون ٿيڻ لاءِ تيار آهيون.

(نڪري وڃي ٿو.)

شمعون: هنن ٻنهي ڀينرن سان، پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ، مون قسم کنيو آهي تہ منهنجي ساڻن دل آهي، هڪڙي ٻيءَ کي حسد کان ائين ٿي ڏسي، جيئن نانگ ڏنگيل نانگ کي ڏسندو آهي: هاڻ ٻنهي مان آءٌ ڪهڙي قبول ڪريان - ٻئي، يا هڪڙي، يا ٻئي نہ؟ جي ٻئي جيئريون هونديون، تہ منجهانئن ڪنهن سان بہ آءٌ سک سان گذاري نہ سگهندس، جي رنڙ زلفا کي پسند ڪندس، تہ سندس ڀيڻ ملڪا ڏاڍي ڪاوڙبي، ۽ ساڙ کان چري ٿي پوندي، ۽ آءٌ بہ انهيءَ

ڪري پنهنجو مطلب حاصل ڪري نہ سگهندس. ڇا لاءِ جو سندس مڙس جيئرو جاڳندو ويٺو هوندو: هاڻ تڏهن بهتر آهي تہ جنگ ۾ آءٌ منسا جو زيردست ٿي ڪم ڪريان، ۽ هن جي خوشامد ڪريان. جنگ ڪان پوءِ. پنهي پيـرن مـان جيڪا هن ڪي دفع ڪرڻ گهرندي، سان پاٽيهي دير ڪان سواءِ هن کي پوررو ڪري ڇڏيندي. باقي، هي منسا جو ٻڍي بادشاهه ايليا ۽ سندس ننـڍي ڏيءُ صوفي تي قياس ڪرڻ جون ڳالهيون پيو ڪري، سو جڏهن جنگ پوري ٿي ۽ هو اسان جي قبضي ۾ اچي ويا، تڏهن ايترو جيئرو ڇڏبن ئي ڪين جو رحم ۽ قياس ڏسندا: پنهنجي ملڪ جي لاءِ آءٌ جوابدار آهيان، ۽ مون تي فرض آهي تہ ان جو بچاءُ ڪريان ۽ ان کي فائدو پهچايان. نہ ٻين سان ويهي حجت دليل ڪريان! هاڻ سڀ ڪم سٺائو ٿيو - گهر ويٺي معشوق بہ مليو ۽ ملڪ بہ مليو! هاڻ تہ ذرو خوشي ڪريان. (ڳائي ٿو)

دل تہ دلدار يار تان صدقي،[1]
گلبدن گلعذار تان صدقي.
دمبدم خال خال تان قربان،
زلف جي تار تار تان صدقي.
چشمِ مئيگون مثال نرگس مست،
تنهن جي خونين خمار تان صدقي.
منهنجي گلرخ جو منهن ٿيو گلگل،
لعل جي لالہ زار تان صدقي.
ٿيو سڄڻ باغ باغ سر تا پا،
تنهن جي باغ و بهار تان صدقي.
صدقي گلروءِ جي گل تان هر ڪو ٿئي،
يار جي آءٌ تہ خار تان صدقي.
جان تي منهنجي هڪ ۽ حسنا هزار،
هڪڙي ڪيئن ٿئي هزار تان صدقي!

(نڪري وڃي ٿو.)

---

[1] راڳ 'تلنگ'. طرز: "اي ظفر آمده بهار بجوش"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پردو پيو

## جنگ جو ميدان

(ٻاهران نقارن جو آواز پيو اچي. هڪڙي پاسي کان جهنڊا ۽ دهل ڪٽي، شاهه ايليا ۽ صوفيا ۽ سندن لشڪر اچي ٿو. ۽ جنگ جي ميدان مان لنگهي وڃي ٿو. پٺيان شمسون ۽ روبيل اچن ٿا.)

شمسون: هان، ڏاڏا، تون هن وڻ جي ڇانوَ ۾ ويهي آرام ڪر. ۽ خدا کي سوال ڪر ته حق وارن کي فتح نصيب ٿئي. آءٌ وڃان ٿو. ۽ جي صحيح سلامت موٽي آيس، ته تنهنجي لاءِ ڇپر بندوبست ڪندس.

روبيل: بابا، خدا توسان همراهه آهي. (شمسون نڪري وڃي ٿو.)

(ٿوري وقت تائين نقارن ۽ دهلن جو آواز اچي ٿو. پوءِ ساڳيو لشڪر موٽي لنگهي وڃي ٿو. پٺيانئس وري شمسون اچي ٿو.)

شمسون: پريا مڙس، اٿ، هل، مون کي هٿ ڏي، هل. شاهه ايليا جنگ هاري ۽ هو پاڻ ۽ سندس ننڍي ڌيءَ قيد ٿي پيا. ڏي هٿ.... هاڻ هليو آءُ.

روبيل:بس، بابا، آءٌ اڳتي نه هلندس، مري ڳري وڃڻ لاءِ هيءَ جاءِ ئي بس آهي.

شمسون: هي ڇا، وري شيطاني خيال اچي مغز ۾ پيا اٿئي ڪيئن؟ ماڻهوءَ کي هن دنيا مان وڃڻ مهل به ايترو صبر ۽ تحمل گهرجي، جيترو هن دنيا ۾ اچڻ مهل - رڳي پختگي درڪار آهي. هليو آءُ.

(نڪري وڃن ٿا.)

# پردو ٽيون

## 'شاهي بندر' جي ويجهو لشڪر گاهه

(شمعون ۽ سندس لشڪر، جهنڊا کڻي، فتح جا دهل وڄائيندا اچن ٿا. ۽ شاهه ايليا ۽ صوفيا کي قيدي ڪريو وٺيو اچن.)

شمعون: ڪي عملدار هنن کي وٺي وڃن، ۽ مٿن پهرو رکن، جيستائين فيصلي ڪرڻ وارا هنن جو فيصلو ڪن.

صوفيا: اهي رڳا اسين نه آهيون، جن جو نصيب ڇڳيءَ نيت هوندي به خراب ٿيو آهي، ۽ جن جو حال بڇڙو ٿيو آهي. منهنجا مظلوم بابا مون کي رڳو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماڻهوءَ کي زماني جي ڏول تي هلڻ کپي - جيڪو ڏجڻو ۽ نرم دل وارو ٿيندو، سو ترار هڻڻ جو لائق نه ٿيندو. جيڪو ضروري ڪم تنهنجي ذمي ڪيو ويو آهي، تنهن بابت گهڻي ڇوڇڙ ڪرڻي ڪانهي: صاف ٻڌاءِ ته تون اهو ڪندين يا نه. نه ته نوڪري ڇڏي وڃي ڪنهن ٻئي رستي پنهنجي بهتريءَ لاءِ متو هڻ.

عملدا: (ڪاغذ ڏسي) سائين، آءٌ بيشڪ اهو ڪم ڪندس.

شمعون: بهتر. تڏهن هڪدم روانو ٿي، ۽ وڃي ان جو بلو ڪر. جڏهن اهو پورو ڪيڻ، تڏهن پاڻ کي بخت وارو سمجهجئين. پڙو اٿئي نه- انهيءَ جي تعميل هڪدم ٿيڻي آهي! جيئن مون انهيءَ ۾ لکيو آهي. تيئن ذري پرزي توکي ڪرڻ گهرجي.

عملدار: آءٌ حاضر آهيان نڪا مون کان گاڏي ڪاهي ٿيندي، نڪا سُڪي ماني چبي ٿيندي: جي اهو مرد ماڻهوءَ جو ڪم آهي، ته آءٌ ڪندس. (نڪري وڃي ٿو.)

(شاهه منسا ۽ ملڪا، زلفا، ڪي عملدار ۽ سپاهي ۽ دهلن ڏمامن سان اچن ٿا.)

منسا: (شمعون کي) امير شمعون، اڄ تو چڱي بهادري ڏيکاري، ۽ نصيب توسان چڱي ياري ڪئي. اڄوڪيءَ لڙائيءَ ۾ جيڪي اسان سان سامهون ٿيا هئا، تن کي تو نيٺ قيد ڪيو. هاڻ، اسان جي مرضي آهي ته تون انهن سان اهڙو سلوڪ ڪرين، جو هنن جي شان وٽان به هجي، ۽ جنهن ۾ اسان جي سلامتي به هجي...

شمعون: سائين، مون کي ته ائين مناسب نظر آيو ته انهيءَ ڪراڙيءَ ۽ ڪمبخت بادشاهه کي پهرين هيٺ نظربند ٿيڻ لاءِ موڪليان، ڇاڪاڻ جو هن جي عمر ۽ حقداريءَ تي سڀ ڪنهن کي قياس اچي ويندو. خلق ساري هن جي پاسي ٿي ويندي، ۽ جيڪي هٿيار وارا اسان پيسا ڏيئي گڏ ڪيا آهن، سي ساڳيا هٿيار اسان تي آڻي ڪڙڪائيندا. انهيءَ سان راڻيءَ کي به، ساڳين سببن ڪري، مون موڪلي ڏنو. سڀاڻي، يا ڪنهن ٻئي ڏينهن، جتي اوهين هنن جو فيصلو ڪرڻ گهرندؤ، اُتي حاضر ڪرائي ڏبا. هينئر ته اسين پگهر ۽ رت سان پُسيا پيا آهيون - دوست پنهنجي دوست کي وڃائي ويٺو آهي، ۽ جنگ جي جوش ۾، جنهن کي سختي سهڻي ٿي پوي، تنهن کي چڱا ۽ فائدي وارا معاملا به خراب پيا ڏسڻ ۾ ايندا. شاهه ايليا ۽ راڻيءَ صوفيا جي بابت ڪنهن ٻئي بهتر جاءِ تي بحث ڪنداسين.


Scanned with CamScanner

منسا: تون ايتري بک چو ٿو ڪرين؟ هن جنگ جي ڪري ڪو تون منهنجو مٽ يا همسر نه ٿي پيو آهين - هڪڙي عام رعيتي ماڻهوءَ جهڙو آهين، ڪو پيو وڏيک اختيار توکي ڪونه ڏنو ويو آهي!

زلفا: اُهو اسان جي مرضيءَ تي منحصر آهي، جهڙو ماڻُ ۽ اختيار ڏيڻ گهرونس، اهڙو ڏيئي سگهونس. هن کي ايتري چوڻ ڪان اڳي، مناسب ائين هو ته اوهين پهرين اسان جي مرضي پڇو ها. هو اسان جي لشڪر جو سپهه سالار هو، مون هن کي پنهنجي بدران، پنهنجيءَ جند توڙي پنهنجي در جو مختيار ڪري موڪليو هو - انهيءَ حجت ڪري به هي بيشڪ پاڻ کي اوهان جو مٽ ۽ همسر سڏي سگهي ٿو!

ملڪا: ايتري تکڙ ۽ ڪاوڙ چو ٿي ڪرين؟ تو هن کي ڪهڙو درجو ۽ اختيار ڏنو آهي؟ هو پاڻيهي پنهنجي ذاتي لياقت ڪري اڳي ئي وڏي درجي ۽ اختيار وارو آهي.

زلفا: برابر، پر جڏهن مون هن کي پنهنجن حقن بچائڻ لاءِ مقرر ڪيو، ۽ هن کي پنهنجو سچو اختيار ڏنو، تڏهن هن کي سڀ کان وڏو درجو ملي چڪو.

ملڪا: تنهن جي معنيٰ ته هو تنهنجو مڙس ٿئي، تڏهن ته اهڙو درجو مليس!

زلفا: ڪهڙو شڪ، چرچي مان اڪثر سچ به ٿي پوندو آهي.

ملڪا: ٻُڌو ٻُڌو - اها اک ٽيڏي آهي، جنهن توکي ائين ڏيکاريو آهي!

زلفا: ادي منهنجي طبيعت برابر نه اٿرو، نه ته جيڪر جهڙي جواب جي لائق آهين، اهڙو جواب ڏيانءِ! (شمعون کي) بهادر سردار، تون مُنهنجا سپاهي ۽ منهنجا قيدي ۽ منهنجو مال ملڪ هٿ ڪر - اهي سڀ مون توکي ڏنا، ۽ جيئن توکي وڻي تيئن انهن کي ڪم آڻ - آءٌ پاڻ تنهنجي آهيان! ساري جهان کي شاهدي هجي، ته آج آءٌ توکي پنهنجو خاوند ۽ پنهنجو مالڪ مقرر ٿي ڪريان.

ملڪا: پاڻ سان گڏ ويهارينديئنس ڪيئن؟

منسا: اوهان جي مرضيءَ تي ناهي، ته جنهن کي وڻيو تنهن کي مالک ڪريو!

شمعون: نڪي، سائين، اوهان جي مرضيءَ تي آهي!

منسا: منهنجي مرضيءَ تي آهي... چپ ڪر تون - اڳ - چاوا، حرامي، ولدالزنا!

زلفا: (شمعون کي) وجهي دهل وڄارائي پڌرائي ڪر ته مون توکي پنهنجو مالڪ ڪيو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(اتي ڍنڍوري وارو، دهل ڪٽي اچي ٿو.)

منسا: هيءَ بيمار ٿي پيئي آهي، هن کي منهنجي تنبوءَ ڏي وٺي وڃو. (زلفا کي ڪي ماڻهو ٻانهن کان وٺي ڪيڏي وڃن ٿا) دهل وارا. تون هيڏي آ. (ڪاغذ ڪيڏي ڏئيس ٿو) پڙهو گهمائي، ماڻهن کي هي اشتهار پڙهي ٻڌاءِ.

دهل وارو: (دهل کي ڏونڪو هڻي، اشتهار پڙهي ٿو) - "لشڪر گاهہ جي حد اندر جيڪو آبروءَ يا درجي وارو ماڻهو هن شمعون، نالي جي امير، تي ثابت ڪري سگهي تہ هو دغاباز ۽ باغي ۽ فسادي ۽ ملڪ جي بادشاهہ ڏانهن نمڪ حرام آهي، سو دهل جي ٽئي دس تي نڪري ظاهر ٿئي، هي پاڻ تان انهيءَ الزام لاهڻ لاءِ بلڪل تيار آهي".

شمعون: وڄاءِ! (دهل وارو دهل وڄائي ٿو.)

دهل وارو: هي پهريون دس، ... (وري ٻيو دس هڻي ٿو) هي ٻيو دس، ... (وري ٽيون دس هڻي ٿو) هي ٽيون دس!

(اتي شمسون، هٿيارن سان نڪري، پڌر تي ظاهر ٿئي ٿو.)

منسا: (دهل واري کي) هن کان پڇ تہ تون ڪهڙي مطلب سان آيو آهين، ۽ ڇو دهل جي آواز تي نڪري ظاهر ٿيو آهين.

دهل وارو: (شمسون کي) تون ڪير آهين، تنهنجو نالو نشان ڪهڙو آهي، ۽ ڇا لاءِ هن سڏ تي حاضر ٿيو آهين؟

شمسون: في الحال آءٌ گمنام آهيان، جو هڪڙي ماڻهوءَ جي دغا ۽ فريب جي ڪري مون، لادعوا ٿي، پنهنجو نالو گم ڪيو آهي، پر تڏهن بہ آءٌ چڱي اصل نسل جو آهيان - جهڙو اهو شخص آهي، جنهن کي آءٌ ڏوهاري نهرائڻ لاءِ آيو آهيان.

منسا: اُهو شخص ڪير آهي؟

شمسون: اُهو ڪير آهي جو امير روبيل جي جانشين، امير شمعون، جي پاران ڳالهائڻ آيو آهي؟

شمعون: (ٻاهر نڪري) اُهو پاڻ آيو آهي، تون انهيءَ کي ڇا ٿو چوين؟

شمسون: پهرين پنهنجي ترار ڪڍ، تہ متان جي منهنجي ڳالهائڻ مان تو جهڙي وڏي ماڻهوءَ جي بي آبروئي ٿئي، تہ تنهنجي آبروءَ بچائڻ لاءِ توکي پنهنجي همت ڪم اچي. (پاڻ بہ ترار ڪڍي ٿو) اجها، منهنجي ترار ڏس، انهيءَ

جي ڪٽڻ لاءِ آءٌ پنهنجي درجي جي ڪري، پنهنجي ڏنڏي جي ڪري، ۽ پنهنجي قسم جي ڪري حقدار آهيان. هاڻ ٻـڌ. آءٌ يقين سان ٿو چوان تہ پنهنجي انهيءَ بهادر ۽ جوانيءَ ۽ عهدي ۽ وڏائيءَ هوندي، ۽ پنهنجي انهيءَ تازيءَ فتحيابيءَ ۽ خوش نصيبيءَ ۽ همت ۽ جوانمرديءَ هوندي، تون دغابازي، ۽ فسادي ماڻهو آهين: جهڙو پنهنجي خدا سان ڪوڙو آهين، تهڙو پنهنجي ڀاءُ سان، ۽ تهڙو پنهنجي پيءُ سان! (منسا ڏي هٿ ڪڍي) تو هـن عالي همت ۽ نيڪدل بادشاهه جي مارڻ جو بہ منصوبو ڪيو آهي: مطلب تہ نـــهن چوٽيءَ سوڌو تون لعنتي، دغاباز ۽ نمڪ حرام آهين! انهيءَ ڳالهه کان انڪار ڪر سهي، تہ پوءِ هيءَ ترار ۽ هيءَ ٻانهن ۽ منهنجي دل جي همت -اتي جو اتي توکي خاطر تسلي ڪرائيندي تہ تون ڪوڙو آهين!

شمعون: پر، چڱا مڙس، ڏاهو ٿي، پهرين تہ پنهنجو نالو ٻڌاءِ.... پر، خير تنهن کي ڇا کپو. تون ظاهري ڪري چڱو ۽ بهادر ٿو ڏسجين، ۽ تنهنجي ڳالهائڻ مان معلوم ٿئي ٿو تہ ٻـڌائتو آهين. تنهنڪري جيتوڻيڪ رواج موجب ۽ پنهنجي سلامتيءَ جي لاءِ هن ڪم جي اڪلاڻ ۾ دير وجهان تہ وجهي سگهان، پر تڏهن بہ ائين ڪرڻ مون کي پسند نٿو اچي. اهي جيڪي تهمتون تون مون تي رکين ٿو، سي ساڳيون آءٌ موٽي تنهنجي مٿي تي ٿو هڻان. اهو ڪوڙ جو شيطاني نفرت ڪان مون تي هڻين ٿو، تنهن جي لاءِ توکي آءٌ جلد پشيمان ڪندس. اهي تنهنجون تهمتون اجا تہ سڀ بادي آهن، ۽ انهن مان مون کي نقصان ڪونهي، پر، تڏهن بہ، هيءَ منهنجي ترار انهن سيني کي جهٽ ۾ اهڙو توائي ڪري اڏائي ڇڏيندي، جو وري پيدا ئي نہ ٿينديون!.... وڄاءِ ٽاهو، دهل وارا!

(دهل وارو ٽاهو وڄائي ٿو. شمعون ۽ شمسون ترارين سان وڙهن ٿا. شمعون ڪري پوي ٿو، ۽ شمسون متانئس ترار ڪڍي بيهي ٿو.

منسا: بچائجينس، بچائجينس!

ملڪا: شمعون، هيءَ توسان ٺڳي ٿي آهي! پهلوانيءَ جي قانون موجب، تون هڪڙي گمنان ۽ غير واقف دشمن جي هاڪارڻ تي هن سان وڙهڻ لاءِ ٻڌل نہ هوئين... تون جيتيو ناهين. پر تو سان ٺڳي ۽ دغا ٿي آهي.

منسا: رن، پنهنجو وات بند ڪر، نہ تہ هن ڪاغذ سان آءٌ بند ڪندو سانس! (ڪاغذ ڪڍي، هٿ ۾ ڪري ٿو). (شمعون کي) بيهہ، ٻلا هائي تون،

کين جهڙا ڪمينا. پنهنجي ڪمبختي پاڻ پڙهي ڏس. (ملڪا. جهٽ هٽي، ڦاڙڻ جي ڪوشش ڪري ٿي) نہ نہ. ائين ڦاڙڻ نہ ڏيندس. ياڻنجي ٿو تہ هن جي توکي اڳي ئي خبر آهي. (خط شمعون کي ڏئي ٿو.)

ملڪا: چڱو. مون کي خبر آهي، پوءِ ڇا؟ حڪم ۽ قاعدو منهنجو آهي، تنهنجو تہ ناهي - انهيءَ جي لاءِ ڪير مون کي گرفتار ڪري سگهندو!

منسا: بيحيا، بيشرم، توکي هن ڪاغذ جي خبر آهي؟

ملڪا: مون کان نہ پڇ تہ مون کي ڪهڙي خبر آهي!(چوهہ مان نڪري وڃي ٿي.)

منسا: (هڪڙي عملدار کي) هن جي پٺيان وڃ. هوءَ حال کان ٻاهر آهي، ۽ نااُميد ٿي آهي، وڃي سمجهائينس. (عملدار نڪري وڃي ٿو.)

شمعون: جنهن ڏوهہ جي تهمت تو مون تي آندي آهي، سو تہ برابر ڪيو اٿم. پر ٻيو بہ گهڻو ئي ڪي ڪيو اٿم. جو پاڻيهي وقت تي ظاهر ٿيندو. جيڪي گذريو سو گذريو، ۽ آءٌ پاڻ بہ گذرڻ تي آهيان. پر، ٻڌاءِ تہ تون ڪير آهين، جو هيئن مون تي فتحمند ٿيو آهين؟ جيڪڏهن ڪو خانداني ماڻهو آهين، تہ آءٌ توکي معاف ڪريان ٿو.

شمسون: هاڻ اچ تہ هڪٻئي کان معافي گهرون، ۽ هڪٻئي سان پرچون. شمعون، اصل نسل ۾ آءٌ توکان گهٽ ناهيان، وڌ آهيان، تہ چٽبو تہ پاڻ تو مون سان وڏيڪ ظلم ڪيو. منهنجو نالو 'شمسون' آهي، ۽ آءٌ تنهنجي پيءُ جو پٽ آهيان - تنهنجو ڀاءُ آهيان! خدا انصاف ڪرڻ وارو آهي، ۽ عيش عشرت مهل جيڪي گناهہ اسين ڪريون ٿا، تن جي وسيلي اسان کي سزا ڏئي ٿو: جنهن شخص توکي انڌيري ۽ خراب جاءِ ۾ پيدا ڪيو، تنهن انهيءَ ڪري پنهنجيون اکيون وڃايون!

شمعون: تو برابر سچ چيو آهي، اهو سڀ سچ آهي - لکيو ڪين ٽرندو آهي. قسمت جو چرخو سڄو ئي ڦري آيو آهي، جنهن مون کي آٽي هتي هنيو آهي.

منسا: (شمسون کي) مون کي تنهنجي شڪل ڏسي دل ۾ آيو تہ هي ڪو بنيادي امير آهي. آءٌ تہ توکي ڀاڪر پايان! جيڪڏهن مون توکي يا تنهنجي پيءُ کي ڏڪاريو ٿي، تہ انهيءَ جي لاءِ هاڻ آءٌ گهڻو پشيمان آهيان. (هن کي ڀاڪر پائي ٿو.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منسا: خدا شل هن ويچاريءَ کي بچائي! (نوڪرن کي) هن کي ذري تائين هتان کڻي وڃو. (شمعون کي کڻي وڃن ٿا.)

(شاهہ ايليا، صوفيا جي لاش. پاڪر ۾ کڻي اچي ٿو، ۽ زمين تي رکي، پاڪر وجهي، روئي ٿو. شمسون، عملدار ۽ ٻيا ماٿهو بہ ساڻن گڏ اچن ٿا.)

بادشاهہ: (صوفيا جي لاش کي پاڪر وجهي، روئي، ڳائي ٿو.)

[1] آي واءِ، آي واءِ، منهنجي پياري -
آفسوس، آفسوس، توبهہ ۽ زاري!
مون کي ڇڏي ويئي هن درد غم ۾،
مون کي هٽي ويئي ڦهري ڪٽاري - آي واءِ، آي واءِ!
هُئي سا سدائين معصوم مسڪين،
موذين آهي سا بيڏوهہ ماري - آي واءِ، اي واءِ!
هي هي، جوانيءَ ۾ موت اُن جي،
دل ۽ جگر ۾ ڪيا زخم ڪاري - اي واءِ، اي واءِ!
ماري ٿي مون کي اُن جي جدائي،
هردم اکين مان جر آهي جاري - اي واءِ، اي واءِ!
ٻيو ڪين اُن ري مون کي سُجهي ٿو،
مون آڏو دنيا اُونداهہ ساري - اي واءِ، اي واءِ!

(راڳ بس ڪري، پوءِ ٿوري تائين سُڏڪا ڀري روئي ٿو.)

زابلون: متان اڄ قيامت برپا ٿي آهي!

شمسون: قيامت ناهي، تہ قيامت جو نمونو تہ بيشڪ آهي.

منسا: قيامت اڄڻ ٿي ڪپي!

زابلون: (ڳائي ٿو)

[2] دنيا جو جيئڻ آهي اصل ڪُوڙ ڪهاڻي،
ڏک ڏوجهرا هر ڪنهن کي سا ڏيکاري ڏهاڻي.
گذري وئي هي عمر عذابن ۾ اجائي،
ڏکڙن ۾ لنگهيو ڏينهن، رنجين رات وهاڻي.

---

[1] راڳ 'پيلو' طرز: 'ڪون جنجال ۾ جا ٿو ڦسا، ري.'
[2] طرز: 'ڊرتا هون، جدا مجهہ سي ميرا يار نہ هو جائي'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بادشاهہ: منهنجين اکين کي الاجي ڇا ٿيو آهي! (اکيون مَلي، زابلون کي ڏسي ٿو) ... تون زابلون تہ نہ آهين؟

زابلون: اُهو ساڳيو، - اوهان جو غلام زابلون! نہ آهي! اوهان جو نوکر "لبني" کٿي آهي؟

بادشاهہ: اُهو ڏاڍو چڱو ماڻهو آهي، پڪ سان ٿو چوانءِ هو ڏاڍو چڱو ڏک هٽندو هو، ۽ دير بہ ڪانہ ڪندو هو. هو مري ويو، ۽ هڏا بہ ڳري ويس.

زابلون: نہ سائين نہ، آءٌ اُهو ساڳيو اوهان جو نوڪر آهيان.

بادشاهہ: پاڻيهي انهيءَ جي مون کي خبر پوندي.

زابلون: اوهان جي مصيبت ۽ زماني جي ناسازيءَ جي شروع کان وٺي، سيني ڏکن ۾، آءٌ اوهان جي قدمن سان لڳو پيٺي آيو آهيان.

بادشاهہ: تڏهن تون هتي ڀلي ڪري آئين.

زابلون: ٻيو ڪوبہ ڪونہ بچيو آهي. چوڌاري غم ۽ موت جو انڌوڪار آهي. تنهنجين ٻن وڏين ڌيئن پاڻ کي پورو ڪيو، ۽ دل شڪستيون ٿي مُيون.

بادشاهہ: هائو، آءٌ پاڻ ائين ٿو ڀانيان.

منسا: جيڪي ٻيو ڳالهائي، تنهن جو ڪوبہ سماءُ ڪونہ اٿس - ناحق اسين پيا هن کي پاڻ سڃاڻايون، ۽ مٿا هڻون!

شمسون: برابر، انهيءَ مان ڪي بہ حاصل ناهي

(اتي هڪڙو عملدار لنگهي اچي ٿو.)

عملدار: حضور، شمعون مري ويو!

منسا: پوءِ ڇا ٿيو، - اها تہ ڪين جهڙي ڳالهہ آهي! (ٿورو بس ڪري) اميرو، سردارو، اوهان سيني کي خبر هجي تہ اسان اِهو ارادو ڪيو آهي تہ جيترو ٿي سگهي اوترو هن وڏيءَ مصيبت جو تدارڪ ڪريون: اسين پاڻ هن بزرگ پيرمرد بادشاهہ جي حياتيءَ ۾ حڪومت کان بيزار آهيون - سارو اختيار اسان هن کي ڏنو! (شمسون ۽ زابلون کي) اوهين پنهنجن حقي درجن تي قائم رهو، ۽ انهيءَ کان سواءِ ايمانداريءَ ۽ نمڪ حلاليءَ ڪري، جنهن عزت ۽ انعام جا اوهين حقدار ٿيا آهيو، سي بہ اوهان کي ملندا. جيڪي اسان جا دوست ۽ خيرخواهہ رهيا آهن، سي پنهنجي نيڪيءَ جو ڦل پائيندا. ۽ جيڪي دشمن ۽ بدخواهہ رهيا آهن، سي پنهنجي ڪيتي جي سزا ڀوڳيندا - پاڻيهي ويندا ڏسجو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منسا: اسان کي هن غم ۽ مصيبت جو بار صبر ڪري سهڻ گهرجي، ۽ ٻي سڀ صلاح مصلحت ڇڏي، پنهنجي اندر جو درد ظاهر ڪرڻ گهرجي. جيڪي عمر ۾ وڏا هئا، تن ڏک ڏولاوا به وڏا ڏٺا آهن، اسين جي عمر ۾ ننڍا آهيون، سي نڪي ايترو ڏک ڏسنداسين، نڪي ايترو جيئنداسين.

(لاشا کڻي سڀ، ماتم ڪندا ۽ هيٺيون ماتم جو راڳ گڏ ڳائيندا، نڪري وڃن ٿا.)

[1] واءِ حسرت، واءِ حسرت!
غم ڪيو بيتاب - واءِ واءِ، افسوس!
پرت پيارا، هي ويچارا،
ويٺڙا جلد شتاب - واءِ واءِ افسوس!
چشم گريان، دل بريان،
پڻ جگر ٿيو ڪباب - واءِ واءِ، افسوس!
ري عزيزن ۽ قريبن،
جيئڻ آهي عذاب، - واءِ واءِ افسوس!

(پردو ڪري ٿو.)

❖

[1] راڳ 'پيروي' طرز: "ڏکيا ستم هي، ڪه هر سي....".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپايل ناول جا ڪجھ ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| سون ورنيون ڏليون | لالچند امرڏنو مل جڳتياڻي | 30/= |
| دنيا دورنگي | آغا غلام نبي خان | 30/= |
| نئي گهر | ن. و. فرار / ميرزا قليچ بيگ | 50/= |
| زينت | ميرزا قليچ بيگ | 50/= |
| گلن جي ٽوڪري | ميرزا قليچ بيگ | 50/= |
| خوش خصلت خاتون | بيگم بادام ناتوان | 25/= |
| ڪئنڊيڊ | والٽيئر / شمشير الحيدري | 30/= |
| | محمد ابراهيم جويو | |
| نيٺ ڇا ڪجي؟ | ليو ٽالسٽاءِ/نورالدين سرڪي | 100/= |
| جهان آرا | عبدالرزاق عبدالسلام | 55/= |
| ڪنوار جو آئينو | نذير احمد | 70/= |
| غازي صلاح الدين | ساڌو هيرانند شوقيرام آڏواڻي | 30/= |
| | ۽ پيرومل مهر چند آڏواڻي | |
| بدنصيب ٽري | محمد اسماعيل عرساڻي | 50/= |
| انڪوائري آفيسر | ميرزا قليچ بيگ | 20/= |
| ڪرامازوف ڀائر (حصو پهريون) | دوستو وسڪي / احسان بدوي | 225/= |
| ڪرامازوف ڀائر (حصو ٻيو) | دوستو وسڪي / احسان بدوي | 275/= |
| جوئاري | دوستووسڪي/قاضي خادم | 110/= |
| فيروز دل افروز | ميرزا قليچ بيگ | 65/= |
| پرديسي پادري | آليور گولڊ سمٿ | 175/= |
| | مترجم: احمد خان محمود خان ميمڻ | |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود هجن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

**https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book**